ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
ھڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) خميس 17 سيپٽمبر 2026ع 04 ربيع الثاني 1448ھ صفحا 6 - ملھ 30 روپيہ شمارو (33)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Thursday 17th September 2026

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٺاهه لاءِ پاڪستان سرگرم ۽ سمورن ڌرين سان رابطي ۾ آهي: ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري

مڪ معاهدو: ڪنهن به هڪ ڌر تي حملو ٿيو ته ان خلاف ٻئي ملڪ گڏجي قدم کڻندا سين: ترجمان پاڪ

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٺاهه لاءِ پاڪستان سمورن ڌرين سان رابطي ۾ آهي، جيئن هن ڏکي صورتحال جو حل ڳالهين ذريعي ڳولي سگهجي، پاڪستان جو ڪردار هڪ غيرجانبدار ۽ ديانتدار سهولتڪار جو آهي

ڪيترن ئي ڏهاڪن کان هلندڙ ۽ پيچيده تڪرارن ۾ ٺاهه جو ڪردار غيرجانبدار ۽ معروضي رهڻ هوندو آهي، تنهن ڪري پاڪستان ٺاهه طور جاري رابطن يا امڪاني اڳڀرائي بابت تبصرو نه ڪندو

دفاعي رابطن تي عملدرآمد جي طريقيڪار کي ڪڏهن به عوامي سطح تي ظاهر ناهي ڪيو ويندو، ڪنهن حملي جو ردعمل ڇا هوندو، ٻئي ملڪ حڪمت عملي جوڙيندا ۽ ان موجب ان تي عملدرآمد ڪندا

مڪي معاهدي تي ڪنهن کي ڪو اعتراض ناهي، سڀ سمجهن ٿا ته اهو ڪنهن ملڪ خلاف نه آهي، دفاعي نوعيت جو آهي ۽ ان جو مقصد خطي ۾ استحڪام ۽ امن برقرار رکڻ آهي، دفاع بابت ٻيا به معاهدا موجود آهن

پاڪستان ۽ ٻين ٺاهه جو مقصد هڪ ئي آهي يعني پائيدار ۽ پرامن حل، تڪرار ۾ پاڪستان جي قيادت جو ڪو ذاتي مفاد به ناهي، لاڳاپا ميرٽ ۽ گڏيل مفادن جي بنياد تي قائم آهن: پرڏيهي خبررساں اداري کي انٽرويو ۾ ڳالهيون

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪ فوج جي ترجمان ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو آهي ته آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٺاهه لاءِ پاڪستان سمورن ڌرين سان رابطي ۾ آهي، جيئن هن ڏکي صورتحال جو حل ڳالهين ذريعي ڳولي سگهجي "العربيه انگلش" کي انٽرويو ڏيندي پاڪ فوج جي ترجمان چيو ته هن معاملي ۾ پاڪستان جو ڪردار هڪ غيرجانبدار ۽
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جو آمريڪي ڪمپني "پاور اس" جي وفد سان گڏ گروپ فوٽو

افغان سرزمين پاڪستان خلاف دهشتگردي لاءِ استعمال نه ٿيڻ گهرجي: فوجي ترجمان

افغانستان جي طالبان حڪومت بابت فوج جو به اهو ئي موقف آهي، جيڪو سياسي قيادت جو آهي

پاڪستان پنهنجن شهرين جي جان، عزت ۽ مال جي تحفظ جو پابند آهي ۽ ان مقصد لاءِ ضروري قدم کنيا ويندا

پاڪستان شدت پسندي خلاف پنهنجي مهم جاري رکندو ۽ ان سلسلي ۾ نمايان ڪاميابيون حاصل ڪيون ويون آهن

اسلام آباد: افغانستان بابت ڳالهائيندي احمد شريف چوڌري چيو ته پاڪستان جي پهرين ترجيح اها آهي ته افغان سرزمين پاڪستان خلاف دهشتگردي لاءِ استعمال نه ٿئي سندس چوڻ هو ته افغانستان جي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ ٻک جي خاتمي لاءِ ڊبليو ايف پي جو پروگرام ساراهه جوڳو آهي: آصفه ڀٽو

ماءُ ۽ ٻار جي صحت ۽ غذائيت جي ڪوتاهي ختم ڪرڻ لاءِ مربوط حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي

ڊبليو ايف پي جي اسڪولن ۾ زرعي سرگرمين ۽ ڪچن گارڊنز تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري پاڪستان ۾ ٻک جي خاتمي لاءِ گڏيل قومن جي عالمي خوراڪ پروگرام (ڊبليو ايف پي) جي ڪوششن جي حمايت جو ورجاءُ ڪيو آهي ۽ ماءُ ۽ ٻار جي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

چين جو ايران سان گڏ بيهڻ جو اعلان، آمريڪا کي صبر جو مشورو

بيجنگ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) چيني پرڏيهي وزير وانگ يي چيو آهي ته سندس ملڪ
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران انتظاميا، رضاڪارن ۽ پيٽرول پمپ جي عملي تي ٻڌل سهولت ڊيسڪ قائم ڪرڻ جي هدايت

تيل اگهن ۾ اضافي سان گهٽ آمدني ۽ وچولي طبقي کي رليف لاءِ پي ايم اسپيشل رليف اسڪيم تي اڳڀرائي بابت اجلاس ٿيو

عوام کي رجسٽريشن ۽ ٻين ضروري مرحلن ۾ هر ممڪن رهنمائي فراهم ڪئي وڃي: لاڳاپيل عملدارن کي هدايتون جاري

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف عوام جي لاءِ سبسڊي آسان حاصل ڪرڻ جي لاءِ انتظاميا، رضاڪارن ۽ پيٽرول پمپ جي عملي تي ٻڌل سهولت ڊيسڪ قائم ڪرڻ جي هدايت
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران ڪانگريس ميمبر ريسلي هنٽ سعودي عرب لاءِ سفير نامزد

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پيار پڄڻ ڪندڙ نوجوان قتل، جوابدار کي مڙيل ساٿين تشدد ڪري ماري ڇڏيو

اورنگي ٽائون ۾ فائرنگ سبب 25 ورهين جو عباس مارجي ويو، حملو ڪندڙ هڪ ڄڻو فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب

مقتول نوجوان جوابدار جي ڀيڻ سان محبت جي شادي ڪئي هئي، جنهن ناتي هن ساٿين سان گڏجي ڪيس قتل ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي اورنگي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

صدر آصف علي زرداري پمز ۾ نرس رضيه نورين کي تمغه شجاعت ڏيڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري پمز ۾ نرس رضيه نورين کي تمغه
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنڌ جو رهاڪو قبول نه ڪنداسين، ٽون صوبن بابت قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ قرارداد رد ٿيندي: نثار کهڙو

لاڙڪاڻي ۾ "سنڌ ڌرتي ماءُ آهي" عنوان هيٺ پيپلزپارٽي جي ميمبرن ۽ رهنمائن جون ڳالهيون ڪي غيرآئيني قرار

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ نون ڪمپيوٽرائيزڊ هٿيارن جي لائسنسن جي اجرا ۽ پروسيس تي پابندي لاڳو

گهرو کاتي پاران سنڌ آرمز رولز 2018 جي رول 3.1 تحت پابندي جو نوٽيفڪيشن جاري

مجاز اٿارٽي پاران ڊئل استثنائي وارن ڪاتن ۽ ٻين کي پابندي کان الڳ رکيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت سڄي سنڌ صوبي ۾ نون ڪمپيوٽرائيزڊ هٿيارن جي لائسنسن جي جاري ڪرڻ ۽ انهن جي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ٽون صوبن جي تجويز ڪنهن صورت قبول نه ڪنداسين: منظور وسان

ملڪ ۾ اڳ ئي بحران موجود آهي، صوبن يا ڪينالن جي معاملي تي وڌيڪ بحران پيدا نه ڪيو وڃي

صوبي جي مفادن جي تحفظ لاءِ اسان هميشه، پيپلز پارٽي قيادت گڏ بيٺل آهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي سينيئر اڳواڻ منظور حسين وسان سنڌ ۾ ٽون صوبا ٺاهڻ واري ڳالهه رد
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ييلو لائن منصوبي ۾ خرد برد واري ڪيس ۾ اڳوڻي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر جي ضمانت منظور

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران ضمير عباسي جي هڪ ڪروڙ رپين جي ضمانت منظور ڪئي وئي

لاڳاپيل اختيارين ضرورت پوڻ تي جوابدار جو نالو اي سي ايل ۾ شامل ڪرڻ لاءِ گهرو وزارت سان رابطو ڪن: عدالت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ بي آر ٽي ييلو لائن منصوبي ۾ ٺيڪيدار ڪمپني کي ساڍا 8 ارب رپيا اڳواٽ ادا ڪرڻ واري ڪيس ۾ گرفتار اڳوڻي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ضمير عباسي جي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

بلوچستان ۾ بغاوت نه دهشتگردي آهي: ڊي جي آءِ ايس پي آر

بلوچستان جي عوام کي سٺي حڪمراني، موقعا ۽ مسلسل توجهه ملڻ گهرجي

هڪ ڀاسي انٽيليجنس ڪارروائيون ڪيون پيون وڃن ته ٻئي پاسي ترقي ۽ بهتر حڪمراني آهي

اسلام آباد: بلوچستان جي صورتحال بابت سوال جي جواب ۾ هن ان ڳالهه سان اختلاف ڪيو ته اتي ڪا بغاوت جاري آهي هن چيو ته بلوچستان ۾ جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي، ان کي هو بغاوت نه پر "دهشتگردي"
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

پاڪ-ڀارت فوجي رابطا فعال آهن : ترجمان پاڪ فوج

ائٽمي طاقتن وچ ۾ فوجي تڪرار هڪ حڪمت عملي واري غلطي آهي

پاڪستان برابري جي بنياد تي امن ۽ علائقائي استحڪام جو حامي آهي

اسلام آباد: انٽرويو دوران پاڪستان فوج جي ترجمان کان مئي 2025ع ۾ ڀارت سان ٿيل فوجي تڪرار بابت به سوال ڪيو ويو ته "پاڪ فوج ان مان ڇا سکيو؟" جواب ۾ هن چيو ته پهريون سبق اهو آهي ته هن پاليسي
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر جي ملائيشيا جي هم منصب سان ملاقات

ٻنهي ملڪن وچ ۾ پارليامينٽي لاڳاپا وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو

پاڪستان کي افغان سرزمين تان دهشتگردي کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي: اياز صادق

ڪيپ ٽائون (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق ملائيشيا جي هائوس آف ريپريزنٽيٽو جي اسپيڪر ڊاڪٽر جوهري بن عبدل سان ملاقات ڪئي جنهن دوران ٻنهي ملڪن جي پارليامينٽي لاڳاپن
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

پاڪستان حرمين الشريفين جي تحفظ ۽ مقدس مُلڪ سان ڪُلهو ڪُلهي ۾ ملائي بيٺل آهي: وزيراعظم

وزيراعظم پاران مڪ مڪرم جي مقدس جاءِ خلاف بزدلاڻي ۽ ڪڌي ڊرون حملي جي ڪوشش جي سخت مذمت

اسان رائل سعودي هٿياربند فوج جي غير معمولي ڪارڪردگي، بهادري ۽ پيشهورانه صلاحيت کي سلام پيش ڪريون ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف مڪ مڪرم جي مقدس جاءِ خلاف بزدلاڻي ۽ ڪڌي ڊرون حملي جي ڪوشش جي سخت مذمت ڪندي چيو آهي ته پاڪستان ۽ پاڪستان ٻائر اسلامي ملڪ
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم محمد شهباز شريف موٽرسائيڪلن رڪشائن لاءِ فيول سبسڊي جي حوالي سان هڪ جائزي اجلاس جي صدارت ڪندي

مڪي معاهدي ۾ شامل ٿيڻ ۾ ڪئي ملڪن جا چين سان بهترين لاڳاپا آهن: پاڪ فوج

اسلام آباد: پاڪ فوج جي ترجمان وڌيڪ
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير پاران مڪ جي علائقن طرف ڊرون حملي جي ڪوشش جي سخت مذمت

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

يمن جي حوثي باغين طرفان جنگبندي ۾ اضافي دوران مڪي شريف ۾ ڊرون حملي جي ڪوشش

مڪي شريف جي فضائي حدن ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪندڙ هڪ ڊرون کي تباهه ڪري ڇڏيو: سعودي اختياريون

ڊرون کي گذريل ڏينهن سعودي وقت مطابق شام جو 6 لڳي 50 منٽ تي مڪي شريف جي ڏکڻ ۾ انٽرسيپٽ ڪيو ويو: ميجر جنرل ترڪي المالڪي

حرمين الشريفين جي مهمانن، شهرين ۽ رهائشين کي خوف ۾ مبتلا ڪرڻ ۽ نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

رياض (اي پي پي) سعودي عرب چيو آهي ته يمن جي حوثي باغين طرفان جنگبندي ۾ اضافي دوران سعودي عرب جي فضائي دفاعي نظام مڪي شريف جي فضائي حدن ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪندڙ هڪ ڊرون کي تباهه ڪري ڇڏيو. پرڏيهي خبررساں اداري مطابق اتحادي فورسز جي ترجمان ميجر جنرل ترڪي المالڪي اربع ڏينهن صبح جو بيان ۾ چيو آهي ته ان ڊرون کي
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ چين پاران باؤنڊري جوائنٽ ڪميشن فعال

ڪميشن جو افتتاحي اجلاس اسلام آباد ۾ پرڏيهي وزارت ۾ منعقد ٿيو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان چين لاڳاپن ۾ هڪ اهم سنگ ميل جي طور تي ٻنهي ڌرين اربع ڏينهن پاڪستان چين
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

مڪي شريف جي حرمت تي حملو قبول ناهي، پاڪستان حرم پاڪ جي تحفظ لاءِ ڪردار ادا ڪري: فضل الرحمان

مڪي شريف تي ڪنهن به حملي کي عالم اسلام تي حملو تصور ڪيو ويندو، ان جي تحفظ تي ڪير سمجهوتو نه ٿيندو

"مڪر شريف رڳو هڪ شهر ناهي، پر سڄي دنيا جي ڪروڙين مسلمانن جي عقيدت ۽ مذهبي وابستگي جو مرڪز آهي"

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان خبردار ڪيو آهي ته مڪي شريف تي ڪنهن به حملي کي عالم اسلام تي حملو تصور ڪيو ويندو جي يو آءِ جي
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ باني جي اسپتال منتقلي واري ڪيس ۾ اٽارني جنرل کان عدالتي حڪمنامي تي مدد طلب

جسٽس شاهد وحيد جي سربراهي ۾ ٽه رڪني بئنچ اربع تي ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي، اٽارني جنرل منصور اعوان عدالت ۾ پيش ٿيو

وفاقي آئيني عدالت ڪيسن جو رڪارڊ ٿي نه ٿو ڪيس به ڳهرائي سگهي ٿي، آئيني عدالت ۽ سپريم ڪورٽ اختيارن جو دائرو آئين ۾ واضع آهي: اٽارني جنرل

عدالت عظميٰ اٽارني جنرل جي 3 هفتن جي مهلت واري گذارش منظور ڪندي ڪيس جي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ پي ٽي آءِ جي باني کي اسپتال منتقل ڪرڻ بابت ڪيس ۾ وفاقي آئيني عدالت پاران ڪيسن جو رڪارڊ طلب ڪرڻ جي معاملي تي اٽارني جنرل کان اينڊ ٻڌڻي تي مدد طلب ڪندي ڪيس جي ٻڌڻي 3 هفتن لاءِ ملتوي ڪري ڇڏي آهي جسٽس شاهد وحيد جي سربراهي ۾ ٽه رڪني بئنچ اربع
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

آمريڪا خلا ۾ جنگ جي تياري بند ڪري: چين

آمريڪا تي زور ڀريون ٿا ته هو پنهنجي عسڪري صلاحيتن ۾ اضافو روڪي

بيجنگ (اي پي پي) چين آمريڪا تي زور
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ پوليو جو رڳو هڪ ڪيس رهجي وڃڻ ٻارن لاءِ ويڪسينيشن مهم شروع ڪرڻ جو فيصلو

صوبي ۾ 2024ع دوران 23 ۽ 2025ع ۾ 9 پوليو ڪيسن ڪانپوءِ 2026ع ۾ هينئر تائين رڳو هڪ ڪيس رپورٽ

وڏي وزير پاران هڪ ڪروڙ ٻارن کي ويڪسين ڏيڻ جو اعلان، 80 هزار کان وڌيڪ ورڪرز حصو وٺندا

رهجي ويل ٻارن، انڪاري ڪيسن ۽ وڌيڪ خطري وارن علائقن تي خاص ڌيان ڏيڻ جون هدايتون

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اربع تي پوليو جي خاتمي لاءِ صوبائي ٽاسڪ فورس جي اجلاس جي صدارت ڪئي ۽ پوليو وائرس جي خلاف صوبي جي اڳڀرائي جو جائزو ورتو جنهن ۾ هن چيو ته سنڌ ۾ پوليو جو بار 2024 ۾ 23 ڪيسن ۽ 2025 ۾ 9 ڪيسن مان گهٽجي 2026 ۾ هيستائين صرف هڪ ڪيس تائين اچي ويو آهي
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ بين الاقوامي فراڊ ڪال سينٽر تي ڇاپو، 4 افغانين سميت 27 ڄڻا گرفتار

قومي سائبر ڪرائم جاچ اداري جي شاهراهه فيصل تي قائم مبينا ڪال سينٽر تي ڇاپو هنيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قومي سائبر ڪرائم جاچ اداري شارع فيصل تي واقع بزنس ايونيو ۾ وڏي ڪارروائي ڪندي بين
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٽن ٻارن جي پيءُ پاڻ کي گولي هڻي خودڪشي ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) منگهوپير بند مراد يوسف گوٺ جي رهواسي ٽن ٻارن جي پيءُ سر ۾ گولي هڻي خودڪشي ڪري ڇڏي
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪيپ ٽائون ۾ 69هين ڪامن ويلٿ پارليامينٽري ڪانفرنس جاري، سنڌ جو شريڪ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه ڏکڻ آفريڪا جي شهر ڪيپ ٽائون ۾ جاري 69هين
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) خميس 17 سيپٽمبر 2026ع 04 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (33)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Thursday 17th September 2026

پاڪستان حرمين الشريفين جي تحفظ ۽ مقدس مُلڪ سان ڪُلهي ڪُلهو ملائي بيٺل آهي: وزيراعظم

وزيراعظم پاران مڪ مڪرم جي مقدس جاءِ خلاف بزدلاڻي ۽ ڪٽڙي ڊرون حملي جي ڪوشش جي سخت مذمت

اسان رائل سعودي هٿياربند فوج جي غير معمولي ڪارڪردگي، بهادري ۽ پيشيورائي صلاحيت کي سلام پيش ڪريون ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف مڪ مڪرم جي مقدس جاءِ خلاف بزدلاڻي ۽ ڪٽڙي ڊرون حملي جي ڪوشش جي سخت مذمت ڪندي چيو آهي ته پاڪستان پائر اسلامي ملڪ
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم محمد شهباز شريف موٽرسائيڪلن رڪشائن لاءِ فيول سبسڊي جي حوالي سان هڪ جائزي اجلاس جي صدارت ڪندي

مڪي معاهدي ۾ شامل ٿيڻ ملڪن جا چين سان بهترين لاڳاپا آهن: پاڪ فوج

اسلام آباد: پاڪ فوج جي ترجمان وڏيڪ
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير پاران مڪ جي علائقن طرف ڊرون حملي جي ڪوشش جي سخت مذمت

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ نون ڪمپيوٽرائيزڊ هٿيارن جي لائسنسن جي اجرا ۽ پروسيس تي پابندي لاڳو

گهرو کاتي پاران سنڌ آرمز رولز 2018 جي رول 3.1 تحت پابندي جو نوٽيفڪيشن جاري

مجاز اٿارٽي پاران ڏنل استثنائن وارن ڪاتن ۽ ٻين کي پابندي کان الڳ رکيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت سڄي سنڌ صوبي ۾ نون ڪمپيوٽرائيزڊ هٿيارن جي لائسنسن جي جاري ڪرڻ ۽ انهن جي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

نون صوبن جي تجويز ڪنهن صورت قبول نه ڪنداسين: منظور وسان

ملڪ ۾ اڳ ئي بحران موجود آهي، صوبن يا ڪينالن جي معاملي تي وڌيڪ بحران پيدا نه ڪيو وڃي

صوبي جي مفادن جي تحفظ لاءِ اسان هميشه پيپلز پارٽي قيادت گڏ بيٺل آهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي سينيئر اڳواڻ منظور حسين وسان سنڌ ۾ نون صوبا ٺاهڻ واري ڳالهه ته
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پيلو لائن منصوبي ۾ خرد برد واري ڪيس ۾ اڳوڻي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر جي ضمانت منظور

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران ضمير عباسي جي هڪ ڪروڙ رپين جي ضمانت منظور ڪئي وئي

لاڳاپيل اختيارين ضرورت پوڻ تي جوابدار جو نالو اي سي ايل ۾ شامل ڪرڻ لاءِ گهرو وزارت سان رابطو ڪن: عدالت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ بي آر ٽي پيلو لائن منصوبي ۾ ٺيڪيدار ڪمپني کي ساڍا 8 ارب رپيا اڳواٽ ادا ڪرڻ واري ڪيس ۾ گرفتار اڳوڻي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ضمير عباسي جي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٺاهوڪڙي لاءِ پاڪستان سرگرم ۽ سمورن ڌرين سان رابطي ۾ آهي: ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري

مڪ معاهدو: ڪنهن به هڪ ڌر تي حملو ٿيو ته ان خلاف ٽئي ملڪ گڏجي قدم کڻنداسين: ترجمان پاڪ

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٺاهوڪڙي لاءِ پاڪستان سمورن ڌرين سان رابطي ۾ آهي، جيئن هن ڏکي صورتحال جو حل ڳالهين ذريعي ڳولي سگهجي، پاڪستان جو ڪردار هڪ غيرجانبدار ۽ ديانتدار سهولتڪار جو آهي

ڪيترن ئي ڏهاڪن کان هلندڙ ۽ پيچيده تڪرارن ۾ ٺاهوڪڙ جو ڪردار غيرجانبدار ۽ معروضي رهڻ هوندو آهي، تنهن ڪري پاڪستان ٺاهوڪڙ طور جاري رابطن يا امڪاني اڳڀرائي بابت تبصرو نه ڪندو

دفاعي رابطن تي عملدرآمد جي طريقيڪار کي ڪڏهن به عوامي سطح تي ظاهر ناهي ڪيو ويندو، ڪنهن حملي جو ردعمل ڇا هوندو، ٽئي ملڪ حڪمت عملي جوڙيندا ۽ ان موجب ان تي عملدرآمد ڪندا

مڪي معاهدي تي ڪنهن کي ڪو اعتراض ناهي، سڀ سمجهن ٿا ته اهو قدم دفاعي نوعيت جو آهي ۽ ان جو مقصد خطي ۾ استحڪام ۽ امن برقرار رکڻ آهي، دفاع بابت ٻيا به معاهدا موجود آهن

پاڪستان ۽ ٻين ٺاهوڪڙن جو مقصد هڪ ئي آهي يعني پائيدار ۽ پرامن حل تڪرار ۾ پاڪستان جي قيادت جو ڪو ذاتي مفاد به ناهي لاڳاپا ميرٽ ۽ گڏيل مفادن جي بنياد تي قائم آهن: پرڏيهي خبررساني اداري کي انٽرويو ۾ ڳالهيون

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪ فوج جي ترجمان ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو آهي ته آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٺاهوڪڙي لاءِ پاڪستان سمورن ڌرين سان رابطي ۾ آهي جيئن هن ڏکي صورتحال جو حل ڳالهين ذريعي ڳولي سگهجي "العربيه انگلش" کي انٽرويو ڏيندي پاڪ فوج جي ترجمان چيو ته هن معاملي ۾ پاڪستان جو ڪردار هڪ غيرجانبدار ۽
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جو آمريڪي ڪمپني "پاور اس" جي وفد سان گڏ گروپ فوٽو

افغان سرزمين پاڪستان خلاف دهشتگردي لاءِ استعمال نه ٿيڻ گهرجي: فوجي ترجمان

افغانستان جي طالبان حڪومت بابت فوج جو به اهو ئي موقف آهي، جيڪو سياسي قيادت جو آهي

پاڪستان پنهنجن شهرين جي جان، عزت ۽ مال جي تحفظ جو پابند آهي ۽ ان مقصد لاءِ ضروري قدم کنيا ويندا

پاڪستان شدت پسندي خلاف پنهنجي مهم جاري رکندو ۽ ان سلسلي ۾ نمايان ڪاميابيون حاصل ڪيون ويون آهن

اسلام آباد: افغانستان بابت ڳالهائيندي احمد شريف چوڌري چيو ته پاڪستان جي بهرين ترجيح اها آهي ته افغان سرزمين پاڪستان خلاف دهشتگردي لاءِ استعمال نه ٿئي سنڌس چوڻ هو ته افغانستان جي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

چين جو ايران سان گڏ بيهڻ جو اعلان، آمريڪا کي صبر جو مشورو

بيجنگ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) چيني پرڏيهي وزير وانگ يي چيو آهي ته سنڌس ملڪ
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ ٻک جي خاتمي لاءِ ڊبليو ايف پي جو پروگرام ساراهه جوڳو آهي: آصفه ڀٽو

ماءُ ۽ ٻار جي صحت ۽ غذائيت جي ڪوٽ ختم ڪرڻ لاءِ مربوط حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي

ڊبليو ايف پي جي اسڪولن ۾ زرعي سرگرمين ۽ ڪچن گارڊنز تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري پاڪستان ۾ ٻک جي خاتمي لاءِ گڏيل قومن جي عالمي خوراڪ پروگرام (ڊبليو ايف پي) جي ڪوششن جي حمايت جو ورجاءُ ڪيو آهي ۽ ماءُ ۽ ٻار جي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

بلوچستان ۾ بغاوت نه دهشتگردي آهي: ڊي جي آءِ ايس پي آر

بلوچستان جي عوام کي سٺي حڪمراني، موقعا ۽ مسلسل توجهه ملڻ گهرجي

هڪ پاسي انٽيليجنس ڪارروائيون ڪيون پيون وڃن ته ٻئي پاسي ترقي ۽ بهتر حڪمراني آهي

اسلام آباد: بلوچستان جي صورتحال بابت سوال جي جواب ۾ هن ان تاثر سان اختلاف ڪيو ته اتي ڪا بغاوت جاري آهي هن چيو ته بلوچستان ۾ جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي ان کي هو بغاوت نه پر "دهشتگردي"
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

پاڪ-ڀارت فوجي رابطا فعال آهن: ترجمان پاڪ فوج

ائٽمي طاقتن وچ ۾ فوجي تڪرار هڪ حڪمت عملي واري غلطي آهي

پاڪستان برابري جي بنياد تي امن ۽ علائقائي استحڪام جو حامي آهي

اسلام آباد: انٽرويو دوران پاڪستان فوج جي ترجمان کان مئي 2025ع ۾ ڀارت سان ٿيل فوجي تڪرار بابت به سوال ڪيو ويو ته "پاڪ فوج ان مان ڇا سکيو" جواب ۾ هن چيو ته پهريون سبق اهو آهي ته هن پاليسي
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر جي ملائيشيا جي هم منصب سان ملاقات

ٻنهي ملڪن وچ ۾ پارلياماني لاڳاپا وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو

پاڪستان کي افغان سرزمين تان دهشتگردي کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي: اياز صادق

ڪيپ ٽائون (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق ملائيشيا جي هائوس آف ريپريزنٽيٽو جي اسپيڪر ڊاڪٽر جوهري بن عبدل سان ملاقات ڪئي جنهن دوران ٻنهي ملڪن جي پارلياماني لاڳاپن
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران انتظاميا، رضاڪارن ۽ پيٽرول پمپ جي عملي تي ٻڌل سهولت ڊيسڪ قائم ڪرڻ جي هدايت

تيل اگهن ۾ اضافي سان گهٽ آمدني ۽ وچولي طبقي کي رليف لاءِ پي ايم اسپيشل رليف اسڪيم تي اڳڀرائي بابت اجلاس ٿيو

عوام کي رجسٽريشن ۽ ٻين ضروري مرحلن ۾ هر ممڪن رهنمائي فراهم ڪئي وڃي: لاڳاپيل عملدارن کي هدايتون جاري

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف عوام جي لاءِ سبسڊي آساني سان حاصل ڪرڻ جي لاءِ انتظاميا، رضاڪارن ۽ پيٽرول پمپ جي عملي تي ٻڌل سهولت ڊيسڪ قائم ڪرڻ جي هدايت
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران ڪانگريس ميمبر ريسلي هنٽ سعودي عرب لاءِ سفير نامزد

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

صدر آصف علي زرداري پمز ۾ نرس رضيه نورين کي تمغه شجاعت ڏيڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري پمز ۾ نرس رضيه نورين کي تمغه
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پيار پڙڻ ڪندڙ نوجوان قتل، جوابدار کي محبوبه ماڻهن تشدد ڪري ماري ڇڏيو

اورنگي ٽائون ۾ فائرنگ سبب 25 ورهين جو عباس مارجي ويو، حملو ڪندڙ هڪ ڄڻو فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب

مقتول نوجوان جوابدار جي ڀيڻ سان محبت جي شادي ڪئي هئي، جنهن تان هن ساڻس سان گڏجي ڪيس قتل ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي اورنگي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سنڌ جو ورهاڱو قبول نه ڪنداسين، نون صوبن بابت قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ قرارداد رد ڪينداسين: نثار کهڙو

لاڙڪاڻي ۾ "سنڌ ڌرتي ماءُ آهي" عنوان هيٺ پيپلزپارٽي جي سيمينار ۾ رهنمائن جون ڳالهيون، ورهاڱي جي غيرآئيني قرار

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

يمن جي حوثي باغين طرفان ڇڪتاڻ ۾ اضافي دوران مڪي شريف ۾ ڊرون حملي جي ڪوشش

مڪي شريف جي فضائي حدن ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪندڙ هڪ ڊرون کي تباهه ڪري ڇڏيو: سعودي اختياريون

ڊرون کي گذريل ڏينهن سعودي وقت مطابق شام جو 6 لڳي 50 منٽ تي مڪي شريف جي ڏکڻ ۾ انٽرسيپٽ ڪيو ويو: ميجر جنرل ترڪي المالڪي

حرمين الشريفين جي مهمانن، شهرين ۽ رهائشين کي خوف ۾ مبتلا ڪرڻ ۽ نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

رياض (اي پي پي) سعودي عرب چيو آهي ته يمن جي حوثي باغين طرفان ڇڪتاڻ ۾ اضافي دوران سعودي عرب جي فضائي دفاعي نظام مڪي شريف جي فضائي حدن ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪندڙ هڪ ڊرون کي تباهه ڪري ڇڏيو پرڏيهي خبررسان اداري مطابق اتحادي فورسز جي ترجمان ميجر جنرل ترڪي المالڪي اربع ڏينهن صبح جو بيان ۾ چيو آهي ته ان ڊرون کي
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ چين پاران بائونڊري جوائنٽ ڪميشن فعال

ڪميشن جو افتتاحي اجلاس اسلام آباد ۾ پرڏيهي وزارت ۾ منعقد ٿيو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان چين لاڳاپن ۾ هڪ اهم سنگ ميل جي طور تي ٻنهي ڌرين اربع ڏينهن پاڪستان چين
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

مڪي شريف جي حرمت تي حملو قبول ناهي، پاڪستان حرم پاڪ جي تحفظ لاءِ ڪردار ادا ڪري: فضل الرحمان

مڪي شريف تي ڪنهن به حملي کي عالم اسلام تي حملو تصور ڪيو ويندو، ان جي تحفظ تي ڪو به سمجهوتو نه ٿيندو

"مڪو شريف رڳو هڪ شهر ناهي، پر سڄي دنيا جي ڪروڙين مسلمانن جي عقيدت ۽ مذهبي وابستگي جو مرڪز آهي"

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان خبردار ڪيو آهي ته مڪي شريف تي ڪنهن به حملي کي عالم اسلام تي حملو تصور ڪيو ويندو جي يو آءِ جي
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ باني جي اسپتال منتقلي واري ڪيس ۾ اٽارني جنرل کان عدالتي حڪمنامي تي مدد طلب

جسٽس شاهد وحيد جي سربراهي ۾ ٽن رڪني بئنچ اربع تي ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي، اٽارني جنرل منصور اعوان عدالت ۾ پيش ٿيو

وفاقي آئيني عدالت ڪيسن جو رڪارڊ ٿي نه ٿو ڪيس به گهرائي سگهي ٿي، آئيني عدالت ۽ سپريم ڪورٽ اختيارن جو دائرو آئين ۾ واضح آهي: اٽارني جنرل

عدالت عظميٰ اٽارني جنرل جي 3 هفتن جي مهلت واري گذارش منظور ڪندي ڪيس جي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ پي ٽي آءِ جي باني کي اسپتال منتقل ڪرڻ بابت ڪيس ۾ وفاقي آئيني عدالت پاران ڪيسن جو رڪارڊ طلب ڪرڻ جي معاملي تي اٽارني جنرل کان ايندڙ ٻڌڻي تي مدد طلب ڪندي ڪيس جي ٻڌڻي 3 هفتن لاءِ ملتوي ڪري ڇڏي آهي جسٽس شاهد وحيد جي سربراهي ۾ ٽه رڪني بئنچ اربع
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

آمريڪا خلا ۾ جنگ جي تياري بند ڪري: چين

آمريڪا تي زور ڀريون ٿا ته هو پنهنجي عسڪري صلاحيتن ۾ اضافو روڪي

بيجنگ (اي پي پي) چين آمريڪا تي زور
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ پوليو جو رڳو هڪ ڪيس رهجي وڃڻ پارن لاءِ ويڪسينيشن مهم شروع ڪرڻ جو فيصلو

صوبي ۾ 2024ع دوران 23 ۽ 2025ع ۾ 9 پوليو ڪيسن کانپوءِ 2026ع ۾ هينئر تائين رڳو هڪ ڪيس رپورٽ

وڏي وزير پاران هڪ ڪروڙ ٻارن کي ويڪسين ڏيڻ جو اعلان، 80 هزار کان وڌيڪ ورڪرز حصو وٺندا

رهجي ويل ٻارن، انڪاري ڪيسن ۽ وڌيڪ خطري وارن علائقن تي خاص ڌيان ڏيڻ جون هدايتون

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اربع تي پوليو جي خاتمي لاءِ صوبائي ٽاسڪ فورس جي اجلاس جي صدارت ڪئي ۽ پوليو وائرس جي خلاف صوبي جي اڳڀرائي جو جائزو ورتو جنهن ۾ هن چيو ته سنڌ ۾ پوليو جو ٻار 2024 ۾ 23 ڪيسن ۽ 2025 ۾ 9 ڪيسن مان گهٽجي 2026 ۾ هيستائين صرف هڪ ڪيس تائين اچي ويو آهي
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ بين الاقوامي فراڊ ڪال سينٽر تي ڇاپو، 4 افغانين سميت 27 ڄڻا گرفتار

قومي سائبر ڪرائم جاچ اداري جي شاهراهه فيصل تي قائم مبينا ڪال سينٽر تي ڇاپو هنيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قومي سائبر ڪرائم جاچ اداري شارع فيصل تي واقع بزنس ايونيو ۾ وڏي ڪارروائي ڪندي بين
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٽن ٻارن جي پيءُ پاڻ کي گولي هڻي خودڪشي ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) منگهوپير بند مراد يوسف ڳوٺ جي رهواسي ٽن ٻارن جي پيءُ سر ۾ گولي هڻي خودڪشي ڪري ڇڏي
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪيپ ٽائون ۾ 69هين ڪامن ويلٿ پارلياماني ڪانفرنس جاري، سنڌ جو شريڪ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه ڏکڻ آفريڪا جي شهر ڪيپ ٽائون ۾ جاري 69هين
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

URAAN PAKISTAN
تو شاہیں ہے پرواز ہے کام تیرا
مشرق وسطیٰ میں جنگ کے باعث پٹرول کی قیمتوں میں ہوشربا اضافے
کا بوجھ کم کرنے کے لئے
مہنگے پٹرول سے نجات کا تاریخی اقدام
وزیر اعظم کی خصوصی ریلیف اسکیم

پٹرول 100 روپے فی لیٹر سستا
موٹر سائیکل، چنگچی، رکشہ اور تین پہیوں والی سواریاں چلانے والے اور 800 سی سی تک گاڑیوں کے مالکان
ون ٹائم رجسٹریشن کے لئے اپنے شناختی کارڈ پر رجسٹرڈ موبائل نمبر سے

REG لکھ کر space دیں
STEP-1 اپنا قومی شناختی کارڈ نمبر
3740515196983 لکھنے کے بعد space دیں
STEP-2 بغیر space کے نمبر پلیٹ
LHR123 ایسے لکھنے کے بعد space دیں
STEP-3 صوبے کے نام کا پہلا حرف جہاں آپ کی گاڑی رجسٹرڈ ہے
صوبہ کا نام پنجاب P کے بعد space دیں
STEP-4 وہیکل رجسٹریشن کی تاریخ بمعہ مہینہ اور سال DD/MM/YYYY
دن، مہینہ اور سال ایسے لکھیں 08102010
چاروں تفصیلات اسپیسز کے ساتھ ایک ہی میسج میں لکھ
کر 9771 پر ایس ایم ایس کریں
رعایتی پٹرول کے حصول کا طریقہ کار:
STEP-1 رجسٹریشن کے بعد پٹرول ریلیف حاصل کرنے کے لیے پٹرول پمپ جانے سے پہلے TOK لکھ کر 9771 پر بھیج دیں
STEP-2 موصول ہونے والے میسج میں ٹوکن نمبر، گاڑی کا رجسٹریشن نمبر پٹرول کی مقدار اور ٹوکن استعمال کرنے کی مدت درج ہو گی
STEP-3 ٹوکن پٹرول پمپ پر دکھا کر آپ رعایتی قیمت پر پٹرول حاصل کر سکتے ہیں۔
صوبے کے نام کا پہلا حرف
I اسلام آباد | A آزاد جموں و کشمیر | G گلگت بلتستان
S سندھ | P پنجاب | K خیبر پختونخوا | B بلوچستان
ملک بھر بشمول آزاد کشمیر اور گلگت بلتستان میں پٹرول پر ریلیف کا آغاز ہو چکا ہے
مزید معلومات کے لیے www.pmfuelrelief.pk وزٹ کریں یا QR اسکین کریں
وزارت اطلاعات ونشریات حکومتِ پاکستان
/GovtofPakistan www.moib.gov.pk
PID(I)2565-D/26

روزاني عبرت

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج ميهڙ
سڪسيشن سوٽ نمبر 39 سال 2026

سمير علي ولد وزير علي چنه وينل ڳوٺ ابراهيم چنه تعلقو ڪي اين شاه ضلعو دادو.عرضدار. بخلاف. مسمات عزيز بانو (2) مسمات نظير خاتون (3)فهد علي (4) محمد سفير (5) عام پبلڪ...مخالف ڌر

جيئن ته مٿئين عرضدار سڪسيشن درخواست داخل ڪئي آهي جنهن جو چوڻ آهي ته سنڌس والد جنهن پنهنجي حياتي ۾ سنڌ بينڪ ڪي اين شاه ۾ هاري ڪارڊ ۾ ان جا پئسا ملڻ لاءِ درخواست ڏني هئي جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج ميهڙ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ڄامشورو
(روبرو جناب عمران صاحب)
ايف سي سوٽ نمبر 90 سال 2026

احمد خان ولد مرحوم مانجهو (Manjhoo) شورو معرفت قانوني وارث ۽ ٻيا..پلينٽف. بخلاف. (1) سيڪريٽري بورڊ آف روينيو شهباز بلڊنگ حيدرآباد (2) مختيارڪار ڪوٽڙي (3) انچارج نادرا ڪوٽڙي (4) مرحوم محمد حنيف ولد مرحوم احمد خان معرفت قانوني وارث (اي) مسمات زينت (بي) مسمات Asima (سي) علي رضا...ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار ڊڪلريشن آف ليگ هيئرز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين سوٽ نمبر 141 سال 2026

مسمات نسيم بيواهه مرحوم مشتاق احمد رهندڙ تاج ڪالوني نوابشاهه.ايپليڪينٽ. بخلاف. (1) فرهاد علي (2) فرحان (3) اسدالله (4) مسمات افشان سڀ پٽ ڌيئرون مرحوم مشتاق احمد (5) مسمات بشيران بيواهه ابوبڪر (6) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ...اپوننٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير ...

عدالت ۾ سپريم ڪورٽ اختيارن جو دائرو آئين ۾ واضح آهي

بقايا 34 روزاني عبرت

پريو آهي ته خلا ۾ جنگ جي تياري بند ڪري پرڏيهي ميڊيا موجب اهڙا ڳالهه چين جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان آمريڪي خلائي فورس پاران ڀهريون پيرو مدار ۾ هٿيارن جي تنصيب جي تصديق بابت بيان ڪان پوءِ گڏيل ڏينهن نيوز بريفنگ دوران چئي چين خلا کي هٿيارن سان ليس ڪرڻ ...

جوابدار قلب عباس ولد زمرد خان زخمي حالت ۾ گرفتار ٿي ويو جوابدار وٽان 9 ايم ايم پسٽل گوليون روڪ رقم ۽ موبائل فون هٿ ڪيو ويو سنڌس ساٿي موٽرسائيڪل تي فرار ٿي ويو جنهن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا جاري آهن پوليس موجب گرفتار جوابدار خلاف اڳ ئي 9 ڪيس داخل آهن سپرهاءِ وي تي خادم سولنگي ڳوٺ پرسان ڪليل ميدان مان 35 کان 40 ورهين جي هڪ نامعلوم شخص جو لاش هٿ آيو ...

جاري رهندڙ علاج مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌس مدافعتي قوت ڪمزور ٿي رهي هئي، جنهن سبب گذريل ڪجهه ڏينهن دوران سنڌس مجموعي صحت متاثر ٿي ڪي ايم سي اختيارين موجب، مدهوبالا کي هن وقت ڪراچي سفاري پارڪ جي جانورن جي طبي ٽيم پاران 24 ڪلاڪ طبي سارسنڀال ۽ انتهائي ويجهي نگراني فراهم ڪئي پئي وڃي سنڌس صحت جي صورتحال ۽ صحتيابي واري عمل جي سري لنڪا ۾ ...

آهي ڪراچي جا بجلي گهر هلائڻ ۽ لاهور ۾ اورينج لائين قرض ورتا ويا آهن ته اهي قرض صوبا چو لاهن ۽ صوبن اهو قرض لاهڻ جو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي هن چيو ته ملڪ کي آئين تحت هلايو وڃي ۽ صوبن کي آئيني حق ڏنا وڃن ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو چيو ته سنڌ ملڪ ڏاهيو ۽ سنڌ کي ڪنهن به صورت ٽوڙڻ نه ڏينداسين هن چيو ته نظام کي سياستدانن ته پرطاقت ڏرين تباهه ڪيو آهي هن چيو ...

روزاني عبرت

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج ميهڙ
سڪسيشن سوٽ نمبر 39 سال 2026

سمير علي ولد وزير علي چنڊ ويٺل ڳوٺ ابراهيم چنڊ تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو..عرضدار. بخلاف. مسمات عزيز بانو (2) مسمات نظير خاتون (3)فهد علي (4) محمد سفير (5) عام پبلڪ..مخالف ڌر

جيئن ته مٿين عرضدار سڪسيشن درخواست داخل ڪئي آهي جنهن جو چوڻ آهي ته سندس والد جنهن پنهنجي حياتي ۾ سنڌ بينڪ ڪي اين شاهه ۾ هاري ڪارڊ ۾ ان جا پئسا ملڻ لاءِ درخواست ڏني هئي جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج ميهڙ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ڄامشورو
(روبرو جناب عمران صاحب)
ايف سي سوٽ نمبر 90 سال 2026

احمد خان ولد مرحوم مانجهو (Manjhoo) شورو معرفت قانوني وارث ۽ ٻيا..پلينٽف. بخلاف. (1) سيڪريٽري بورڊ آف روينيو شهباز بلڊنگ حيدرآباد (2) مختيارڪار ڪوٽڙي (3) انچارج نادرا ڪوٽڙي (4) مرحوم محمد حنيف ولد مرحوم احمد خان معرفت قانوني وارث (اي) مسمات زينت (بي) مسمات Asima (سي) علي رضا...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار ڊڪلريشن آف ليگ هيئرز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين سوٽ نمبر 141 سال 2026

مسمات نسيم بيواهه مرحوم مشتاق احمد رهندڙ تاج ڪالوني نوابشاهه..ايپليڪينٽ. بخلاف. (1) فرهاد علي (2) فرحان (3) اسدالله (4) مسمات افشان سڀ پٽ ڌيئرون مرحوم مشتاق احمد (5) مسمات بشيران بيواهه ابوبڪر (6) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ....اپوننٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلمر 7،10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي صغير نالي محمد طيب جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول/ فيملي جج قاضي احمد
(روبرو جناب امانت علي ڪوسو)
گارڊين سوٽ نمبر 141 سال 2026

مسمات ريشمان بيواهه صديق ٻگهيو..ايپليڪينٽ. بخلاف. (1) محمد وارث (2) نزهت صديق (3) نسرين صديق سڀ ڌيئر پٽ صديق ٻگهيو (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ...اپوننٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلمر 29،7،10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي صغير نالي صدر الدين ولد ضمير الدين جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 26-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول/ فيملي جج قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر 120 سال 2026

مسمات خيرالنساء ڌيءُ گلشير زال رياض احمد رهندڙ ڳوٺ جيو ڪاکيپوٽو ڪامارو شريف ضلعو ٽنڊو الهيار..پلينٽف. بخلاف. رياض احمد ولد محمد بخش ذات خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ ولي محمد درس تعلقو جهنڊو مري ضلع ٽنڊو الهيار ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ، مينٽيننس ۽ ڏاجي آرٽيڪلز ميڊيڪل لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 18-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 357 سال 2026

مسمات شڪيلان..پلينٽف. بخلاف. خان ولد نورل رهندڙ ڳوٺ بهادر نائچ در محمد جوهي ضلعو دادو ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ ۽ ڏاجي آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 24-09-026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي مسمات ميرزادي زوجه عبدالعزيز مگريو ويٺل ڳوٺ ٺليل مگريو تعلقو متياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس مڙس عبدالعزيز مگريو ولد رضا محمد مگريو جيڪو يونين ڪائونسل ۾ رٽائرڊ چوڪيدار هو ۽ سني فقه جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 16-03-2026 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات ميرزادي مگريو (بيواهه) (2) عبدالرزاق مگريو (پٽ) (3) نوشاد علي غلام رسول مگريو (پٽ) (4) مسمات رضيه مگريو جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي شجاعت علي ولد محمد ابراهيم مگريو ۽ تاج محمد ولد بهادر فقير مگريو جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو متياري

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار مسمات خالده زال محمد يوسف رهندڙ ڳوٺ نصير خان پسيو تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي مرويت پسيو زال محمد يوسف ڌيءُ حسين علي تاريخ 01-01-2017تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 92/4،76/1،93/1 ايراضي حصي موجب ديهه هوتڪي ٽپو ٽنڊو ڄام تعلقو حيدرآباد جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي (1) منثار علي پسيو (پٽ) (2) گلزار علي پسيو (پٽ) (3) رخسانه پسيو (ڌي) (4) صفوران پسيو (ڌي) (5) خالده پسيو (ڌي) (6) پنلالي پسيو (ڌي) جن جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرالٽاڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو.

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هي اعلان عام اطلاع لاءِ ڏنو وڃي ٿو ته مان سيد شرافت علي ولد سيد عنايت علي سروي نمبر 205 بابت) N.O.C. اين او سي) حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست جمع ڪرائي رهيو آهيان.جاڻايل سروي نمبر 205 جي زمين 30 ايڪڙ 10 گهنٽه ديهه ٽڪ مڪان ٽپو ڪلو ڪوهار تعلقو ٿانو بولا خان ضلع ڄامشورو.جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي جاڻايل يا ان جي ماپ/حدبندي بابت ڪنهن قسم جو اعتراض يا دعويٰ هجي ته هو هي اعلان شايع ٿيڻ جي تاريخ کان ست (7) ڏينهن اندر پنهنجي اعتراض سان گڏ تپيدار سرڪل آفيس / مختيارڪار صاحب جي آفيس سان رابطو ڪري.مقرر مدت گذرڻ کان پوءِ ڪنهن به اعتراض تي قانون موجب غور نه ڪيو ويندو ۽ اين او سي جي ڪارروائي اڳتي وڌائي ويندي.

سيد شرافت علي ولد سيد عنايت علي

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته ڪجهه سال اڳ مون گهر نمبر 75 عيدگاهه ڪالوني يونٽ نمبر 8 لطيف آباد حيدرآباد ۽ فليٽ نمبر 11المطفيٰ آرڪيڊ سامهون اورنگزيب مسجد گاڏي کاتو حيدرآباد کي سيل ڪيا هئا تاحال مذڪوره جائيداد جي قانوني رجسٽري انتقال مڪمل نه ڪرايو آهي هن اشتهار ذريعي خريدارن کي آگاهه ٿو ڪجي ته پنهنجا تمام بقاياجات ڪليئر ڪري مذڪوره جائيداد جي رجسٽري جلد کان جلد پنهنجي نالي تي ٽرانسفر ڪرائين ته جيئن ڪنهن قسم جي قانوني يا انتظامي پيچيدگي بچي سگهجي

عبدالخالق شيخ موبائل نمبر 03123077721

عام اطلاع

عام ۽ خاص اطلاع ڏجي ٿو ته اسان جو والد محترم شاهه محمد نائچ ولد محمد رمضان نائچ مسمات گلزار زوجه شفيق الرحمان. شناختي ڪارڊ نمبر 41306-5822574-0. کان پلاٽ نمبر C-134 ماپ 289 چورس گز واقع اٽڪ سٽي هائوسنگ اسڪيم، خريد ڪيو هو جنهن جي سلسلي ۾ مذڪوره وڪرو ڪندڙ کان ناقابل منسوخي مختيارنامون (Irrevocable General Power of Attorney)حاصل ڪيو ويو هو جيڪو رجسٽرڊ ٿيل آهي، جنهن جا تفصيل هيٺ ڏجن ٿا:Book-IV RD No. 257 مورخ 04-06-2018مذڪوره عام مختيارنامي جي اصل حاصل ڪندڙ اسان جي والد مرحوم شاهه محمد نائچ ولد محمد رمضان نائچ جو مورخ 07-03-2021تي انتقال ٿي چڪو آهي ۽ اسان سندس قانوني وارث آهيون جن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:(1)فيصل نائچ (پٽ)(2)فراز نائچ (پٽ)(3) مسمات مهڪ اسد نائچ ڌيءُشاهه محمد نائچ زال اسد الله نائچ (4)،مسمات اينلا نائچ (ڌيءُ (5)مسمات عنبر نائچ (ڌي)(6)مسمات شبيران (بيواهه)مذڪوره سمورا پٽ ڌيئرون هن عام ۽ خاص اطلاع ذريعي واضح طور تي بيان ڪن ٿا ته اسان کي مذڪوره پلاٽ جي وڪرو ڪندڙ کان اسان جي والده مسمات شبيران جي نالي تي سيل ڊيڊ/رجسٽري ڪرائڻ تي ڪو به اعتراض ناهي ۽ نه ئي مستقبل ۾ هوندو،تنهنڪري جيڪو به شخص يا اپيل ڪندڙ اداري کي هن سلسلي ۾ ڪو اعتراض، دعويٰ يا حق هجي ته هو هن اشتهار جي اشاعت جي اشاعت کان 15 (پندرهن) ڏينهن اندر هيٺ ڏنل نمبرن تي رابطو ڪري پنهنجا اعتراض يا دعويٰ دستاويزي ثبوت سميت پيش ڪري.مقرر ڪيل 15 ڏينهن جي مدت کان پوءِ پيش ڪيل ڪو به اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو هي اطلاع ۽ بيان مستقبل جي رڪارڊ، ضروري وقت تي اپيل/اداري يا عدالت جي سامهون رڪارڊ طور پيش ڪرڻ لاءِ محفوظ رکيو ويندو ته جيئن وقت اچڻ تي ان کي رڪارڊ طور استعمال ڪري سگهجي.

فيصل نائچ: 03003250126
شفيق الرحمان03003086181

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج 5th حيدرآباد
(روبرو جناب عبدالغفار آرائين)
سول ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر 119 سال 2023
ايف سي سوٽ نمبر 73 سال 2010

(1) قمرالنساء زال افضل احمد خان (2) انيس احمد (3) عزيز احمد خان (4) ظهير احمد خان (5) ظفر احمد خان (6) عتيق احمد خان (7) لئيق احمد خان (8) تنوير احمد خان (9) شازيہ بيگم (10) فوزيہ بيگم (11) نفيسہ بيگم سڀ پٽ ڌيئرون افضل احمد خان رهندڙ C/508 يونٽ نمبر 8 لطيف آباد حيدرآباد ..پلينٽف. بخلاف. (1) اشفاق احمد خان ولد عبدالغفار خان معرفت قانوني وارث (i) امير احمد خان (ii) اسرار احمد خان (iii) ابرار احمد خان (iv) امتياز احمد خان(v) آفاق بيگم رهندڙ گهر نمبر C/508 يونٽ نمبر 8 لطيف آباد حيدرآباد (2) الطاف حسين خان ولد عبدالغفار (3) اعجاز حسين خان ولد عبدالغفار (4) مسمات خيرالنساء فاطمه ڌيءُ عبدالغفار رهندڙ گهر نمبر C-449 يونٽ نمبر 9 لطيف آباد حيدرآباد (5)(i) مسمات سليڪ خانم بيواهه اشتياق احمد (ii) ارشاد احمد خان ولد اشتياق احمد (iii) عطيه خاتون ڌيءُ اشتياق احمد (iv) طيبه خاتون ڌيءُ اشتياق احمد (v) مشتاق احمد ولد اشتياق احمد رهندڙ گهر نمبر 508 بلاڪ سي يونٽ نمبر 8 لطيف آباد حيدرآباد ..ڊفينڊنٽس

.جنرل پبلڪ ايٽ لارج ڏانهن:

جيئن ته مٿين درخواست ۾ دعوي واري ملڪيت ڪوارٽر I-E ڪوارٽر 508 يونٽ نمبر VIIIلطيف آباد حيدرآباد ڊي ڪلاس ايراضي 150 اسڪوائر يارڊ ڊي ڪلاس پلاٽ تي گهر تعمير ٿيل جنهن جي نيلامي شروع ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي جنهن جي قيمت 50000000 روپيا مقرر ڪئي وئي آهي (شيڊول آف پراپرٽي) سمورن لاڳاپيل / دلچسپي رکندڙ ماڻهن کي نيلامي جي ڪارروائي ۾ شرڪت جي دعوت ڏجي ٿي جنهن جي تاريخ 28-09-2026 منجهند 01-00 وڳي مقرر ڪئي وئي آهي ذڪر ڪيل پراپرٽي تي هيٺين شرطن ۽ ضابطن تحت.(1) شرڪت ڪندڙ کي واڪ ۾ حصو وٺڻ لاءِ 100000 روپيا (نقد) ۽ شناختي ڪارڊ جي ڪاپي جمع ڪرائڻي پوندي بولي ۾ ناڪامي جي صورت ۾ رقم واپس ڪئي ويندي (2) واڪ کي واڌڻ جو تعين نيلامي ڪندڙ آفيسر ڪندو ڪنهن تضاد جي صورت ۾ نيلامي ٻيهر ڪئي ويندي. (3) سڀ کان وڌيڪ واڪ ڏيندڙ لي پلاٽ جو خريدار قرار ڏنو ويندو قيمت گهٽ هجڻ تي واڪ کي رد ڪرڻ اختيار مجاز آفيسر وٽ هوندو (4) نيلامي آفيسر وٽ Rule 69 order 21 C.P.C تحت نيلامي اڳتي / ملتوي ڪرڻ جو اختيار هوندو (5) سڀ کان وڏو واڪ ڏيندڙ کي ساڳي ڏينهن ڪل رقم جو 25 سيڪڙو جمع ڪرائڻو پوندو ۽ باقي رقم 15 ڏينهن اندر جمع ڪرائڻ جو پابند هوندو ناڪامي جي صورت ۾ نيلامي منسوخ سمجهي ويندي

محمد راشد آرائين سي او سي / ناظر/ آڪشن آفيسر
سينئر سول جج 5th حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج شهيد بينظير آباد
سڪسيشن سوٽ نمبر 71 سال 2026

(1) مسمات ڪنول بيواهه عمران خان عمراڻي (2) ڪامران ولد عمران خان عمراڻي مائنر (3) ايمان ڌيءُ عمران خان عمراڻي مائنر (4) زرين ڌيءُ عمران خان عمراڻي مائنر سڀ مائنر معرفت گارڊين مسمات ڪنول رهندڙ محلو قريشي دولتپور ٽائون تعلقو قاضي احمد ..ايپليڪينٽ. بخلاف. (1) مسمات Bharnal بيواهه محمد يعقوب رهندڙ قريشي محلو دولتپور ٽائون تعلقو قاضي احمد (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج..اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلمر 370 372 سڪسيشن ايڪٽ 1925 ۽ سيڪشن 5(B).2(B) سنڌ ليٽر آف ايڊمنسٽريشن اينڊ سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي عمران خان ولد محمد يعقوب پراپرٽي ۾ ايچ بي ايل دولتپور برانچ جي اڪائونٽ نمبر 0562790002180 ۾ ڇڏيل رقم ۽ ٻي درخواست زير قلمر 32 رول 3 سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 19-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج شهيد بينظير آباد

عام اطلاع

هرعام وخاص ماڻهن کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي علي عباس پاون شاهه ولد پيرنهال شاهه ذات پير جيلاني رهندڙ ڳوٺ ڪهڙو شريف ديهه ڪهڙو تعلقو جهنڊو مري درخواست ڏني آهي ته سندس ڏاڏو نالي پيرودل شاهه ولد پير نهال شاهه تاريخ تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي (1) غلام مرتضيٰ شاهه ولد پير ثابت علي شاهه رهندڙ ڳوٺ پير ثابت علي شاهه (2) پير غوث محمد شاهه ولد پير غلام نبي شاهه جيلاني رهندڙ ڪهڙو شريف بي ايم شاهپور رضوي تعلقو جهنڊو مري يو سي شاهپور آفيس ۾ حاضر ٿي اسان جي سامهون بيان ڏنو آهي ته نالي پير وڏل شاهه ولد پير نهال شاهه تاريخ 25-12-1948 تي طبعي فوت ٿي ويو آهي سندس پويان هيٺيان وارث آهن (1) ممتاز حسين شاهه ولد پيرجمن شاهه (2) پير محمد اشرف شاهه جيلاني ولد پير نهال شاهه (3) پير حاجي شاهه محمد شاهه ولد پيرجمن شاهه (فوت) (4) پير غلام مصطفيٰ شاهه ولد پيرجمن شاهه (فوت) (5) پير محبوب شاهه ولد پير جمن شاهه (فوت) ڇڏيا آهن فوتي جا والدين اڳ ۾ ئي فوت ٿي چڪا آهن تنهنڪري وڌيڪ تفصيل هي آهي ته فوتڻ پير وڏل شاهه جو شناختي ڪارڊ پڻ ٺهيل نه هو ۽ پراڻي فوتگي آهي جو هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته ڪنهن کي به هن فوتي سرٽيفڪيٽ تي اعتراض هجي ته 07 ڏينهن اندراسان وٽ اعتراض داخل ڪرائي مدو پورو ٿيڻ کانپوءِ اعتراض نه ٻڌو ويندو ۽ درخواستگذار کي فوتي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو

سيڪريٽري يو سي شاهپور رضوي تعلقو جهنڊو مري

عام اطلاع

هرعام وخاص ماڻهن کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي ممتاز حسين شاهه ولد پير حسين شاهه ذات پير جيلاني رهندڙ ڳوٺ پير حاجي شاهه ديهه ڪهڙو تعلقو جهنڊو مري درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي پيرجمن شاهه ولد وڏل شاهه تاريخ 01-06-2002 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي (1) پير مظهر علي شاهه ولد محبوب علي شاهه رهندڙ ديهه ڪهڙو تعلقو جهنڊو مري (2) علي عباس شاهه ولد پير نهال شاهه رهندڙ ڪهڙو شريف بي او شاهپور رضوي تعلقو جهنڊو مري يو سي شاهپور آفيس ۾ حاضر ٿي اسان جي سامهون بيان ڏنو آهي ته نالي پير جمن شاهه ولد وڏل شاهه تاريخ 01-06-2002تي طبعي فوت ٿي ويو آهي سندس پويان هيٺيان وارث آهن (1) حاجي شاهه محمد شاهه ولد پير جمن شاهه (فوت) (2) پيرغلام مصطفيٰ شاهه ولد پير جمن شاهه (فوت) (3) پير محبوب شاهه ولد پيرجمن شاهه (فوت) (4) بي بي امام زادي ولد پيرجمن شاهه زال پير غلام شاهه ڇڏيا آهن فوتي جا والدين اڳ ۾ ئي فوت ٿي چڪا آهن تنهنڪري وڌيڪ تفصيل هي آهي ته فوتڻ پير جمن شاهه جو شناختي ڪارڊ پڻ ٺهيل نه هو ۽ پراڻي فوتگي آهي جو هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته ڪنهن کي به هن فوتي سرٽيفڪيٽ تي اعتراض هجي ته 07 ڏينهن اندراسان وٽ اعتراض داخل ڪرائي مدو پورو ٿيڻ کانپوءِ اعتراض نه ٻڌو ويندو ۽ درخواستگذار کي فوتي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو

سيڪريٽري يو سي شاهپور رضوي تعلقو جهنڊو مري

بقايا 1 روزاني عبرت

پروسيس تي ترت اثر سان مڪمل پابندي لاڳو ڪري ڇڏي آهي گهرو کاتي پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب پابندي سنڌ آرمز رولز 2018 جي رول 3.1 تحت ايندڙ سمورن لائسنسن تي لاڳو ٿيندي، جڏهن ته مجاز اٿارٽي پاران ڏنل استثنائن کي پابندي کان الڳ رکيو ويو آهي نوٽيفڪيشن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته اهو فيصلو مجاز اٿارٽي ۽ سنڌ جي گهرو وزير جي منظوري سان جاري ڪيو ويو آهي

بقايا 2 روزاني عبرت

ڪندي چيو آهي ته اهڙي ڪا به تجويز ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي منظور وساڻ چيو ته سنڌ جا ماڻهو اڳ ئي محرومي جو شڪار آهن نون صوبن جي قيام سان سنڌين محرومي ۾ وڌيڪ اضافو

ٿيندو سنڌ جي مفاد خلاف ڪو به فيصلو سنڌ جا ماڻهو رد ڪري ڇڏيندا. هن چيو ته سنڌ بابت فيصلا ڪندڙن کي عقل کان ڪم وٺڻ گهرجي، بلوچستان ۾ حالتون اڳ ئي خراب آهن تنهن ڪري سنڌ ۾ به اهڙي صورتحال پيدا نه ڪئي وڃي پيپلزپارٽي اڳواڻ چيو ته ملڪ ۾ اڳ ئي بحران وڌي چڪو آهي تنهن ڪري ملڪ کي وڌيڪ بحران ڏانهن نه ڌڪيو وڃي

بقايا 3 روزاني عبرت

هڪ ڪروڙ روپين جي ضمانت منظور ڪندي ڪيس آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي عدالت اهڙو حڪم ڪالهه ضمير عباسي جي ضمانت واري درخواست تي ڌرين جي وڪيلن جا دليل ٻڌڻ بعد ڏنو عدالت پنهنجي حڪم ۾ عدالت چيو ته ڪيس جي جاچ ۾ ڪيترين ئي خامين ۽ نقصن کي ڇڏيو ويو آهي عدالت چيو ته ظاهري طور تي ضمانت واري درخواست رد ڪرڻ جو ڪيس نٿو ٺهي

بقايا 4 روزاني عبرت

ديانتدار سهولتڪار جو آهي هن چيو ته پاڪستان خطي ۾ ان کان ٻاهر امن جو حامي آهي ۽ انقره ئي تهران ۽ واشنگٽن وچ ۾ ٿيانڪوي جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري کان پڇيو ويو ته ٿياڪوي جي ڪوشش ۾ کهڙي اڳڀرائي ٿي آهي؟ جنهن تي هن جواب ڏيندي چيو ته ڪيترن ئي ڏهاڪن کان هلندڙ ۽ پيچيده تڪرارن ۾ ٿياڪو جو ڪردار غيرجانبدار ۽ معروضي رهڻ هوندو آهي تنهن ڪري پاڪستان ٿياڪو طور جاري رابطن يا امڪاني اڳڀرائي بابت تبصرو نه ڪندو ڪانٽس پڇيو ويو ته پاڪستان اهڙو ڇا ڪري سگهي ٿو جيڪو ٻيا ٿياڪو نه ڪري سگهيا، ان تي پاڪ فوج جي ترجمان چيو ته پاڪستان ۽ ٻين ٿياڪون جو مقصد هڪ ئي آهي يعني پائيدار ۽ پرامن حل هن چيو ته پاڪستان جا آمريڪا ۽ ايران ٻنهي سان ڏگهي عرصي کان لاڳاپا آهن

بقايا 5 روزاني عبرت

طالبان حڪومت بابت فوج جو به اهو ئي موقف آهي جيڪو سياسي قيادت جو آهي ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته ڪيترن ئي شدت پسند تنظيمون اڄا ڏائين افغانستان سان سرگرميون ڪري رهيون آهن ۽ اهو رڳو پاڪستان جو موقف ناهي، پر عالمي رپورٽن ۾ ان جو ذڪر موجود آهي پاڪستان فوج جي ترجمان کان سوال ڪيو ويو ته جيڪڏهن سفارتڪاري ناڪام ٿي ته ڇا سرحد پار کان ٿيندڙ حملن کي روڪڻ لاءِ پاڪستان کهڙا قدم جائز سمجهي ٿو؟

بقايا 6 روزاني عبرت

ايران جي حقن جي تحفظ لاءِ تيار آهي. واضح رهي ته ايران جو پرڏيهي وزير عباس عراقچي هن وقت چين جي دوري تي آهي ۽ چيني هم منصب سان سندس ملاقات دوران ايران جي حمايت جي خاطري ڪرائي آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب، بيجنگ ۾ عباس عراقچي سان ملاقات دوران چيني پرڏيهي وزير وانگ يي چيو ته چين ايران سان رابطن ۾ سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ ايران جي جائز حقن ۽ مفادن جي تحفظ لاءِ تيار آهي“

بقايا 7 روزاني عبرت

صحت ماءُ جو کير پيارڻ حفاظتي ٽڪا، ٻار جي واڌ ويجهه ۽ ٻارن ۾ غذائيت جي ڪوٽ ختم ڪرڻ لاءِ مربوط حڪمت عملي اختيار ڪرڻ تي زور ڏنو آهي ايوانِ صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب، خاتون اول اها ڳالهه ڊبليو ايف پي پاڪستان جي نمائنده ۽ ڪنٽري ڊائريڪٽر انيتا هرش جي اڳواڻي ۾ آيل وفد سان ملاقات دوران ڪئي. ملاقات ۾ سينيٽر شيري رحمان، سنڌ جو وزير تعليم سيد سردار علي شاهه، ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب ۽ پرڏيهي وزارت جو ڊائريڪٽر جنرل عرفان سومرو پڻ شريڪ هئا. خاتون اول کي ڊبليو ايف پي پاران غذائيت، غذائي تحفظ، اسڪولن ۾ کاڌي جي فراهمي ۽ موسمياتي لچڪ جي شعبن ۾ جاري ڪم خاص طور تي بينظير نشونما پروگرام تحت سهڪار بابت بريفنگ ڏني وئي

بقايا 8 روزاني عبرت

ڪندي چيو آهي ته عوام کي رجسٽريشن ۽ ٻين ضروري مرحلن ۾ هر ممڪن رهنمائي فراهم ڪئي وڃي اربع ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ نار جي صورتحال جي ڏس ۾ پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ اضافي سان گهٽ آمدني ۽ وچولي طبقي کي رليف جي فراهمي جي لاءِ پي ايم اسپيشل رليف اسڪيم تي اڳڀرائي جي حوالي سان جائزه اجلاس ٿيو پي ايم اسپيشل رليف اسڪيم تحت موٽرسائيڪل رڪشا ۽ 800 سي سي تائين جي گاڏين جي مالڪن کي فيول سبسڊي فراهم ڪئي پئي وڃي وزيراعظم عوام جي لاءِ سبسڊي آساني سان حاصل ڪرڻ جي لاءِ انتظاميا، رضاڪارن ۽ پيٽرول پمپ جي عملي تي ٻڌل سهولت ڊيسڪ قائم ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي

بقايا 9 روزاني عبرت

ڊونلڊ ٽرمپ ٽيڪساس سان تعلق رکندڙ ڪانگريس ميمبر ويسلي هنٽ کي سعودي عرب ۾ نئون سفير نامزد ڪري ڇڏيو آهي اهو عهدو ٽرمپ جي اقتدار سنڀالڻ جي ڪجهه عرصي بعد کان خالي پيل هيو . پرڏيهي ميڊيا موجب ويسلي هنٽ جي نامزدگي سومر ڏينهن سينيٽ کي موڪلي وئي، ان جي توثيق ٿي وڃي ٿي ته هو سعودي عرب ۾ آمريڪا جي اعليٰ ترين سفارتڪار طور تي سائيڪل ريٽني جي جڳهه وٺندو

بقايا 10 روزاني عبرت

زرداري پمز ۾ نرس رضيه نورين کي تمغه شجاعت ڏيڻ سميت اهم سمرين جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي اربع ڏينهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، منظور ڪيل سمرين ۾ نيشنل انسٽيٽيوٽ آف لوڪ اينڊ ٽريڊيشنل هيريٽيج (لوڪ ورثو) ترميمي بل 2026ع، معياري وقت (حوالن جي وضاحت) ترميمي بل 2026ع، آرمڊ فورسز انسٽيٽيوٽ آف يورولوجي (آءِ ايف آر يو) راولپنڊي جي ڪيبل آف آرگنائيزيشن اينڊ ايڪوپمينٽ ۾ نظرثاني ۽ ماحول دوست طريقي سان جهازن ۾ موجود خطرناڪ مواد جي انتظام بابت بل 2026ع شامل آهن صدر پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (پمز) جي اسٽاف نرس رضيه نورين کي تمغو شجاعت ڏيڻ جي به منظوري ڏني جنهن پمز ۾ باهه جي واقعي دوران پنهنجي زندگي خطري ۾ وجهي اڪيلي ٻجيل ٻار کي محفوظ طور تي ٻاهر ڪڍيو

بقايا 11 روزاني عبرت

ٽرانسپورٽ کاتي جو اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ پيلو لائين بي آر ٽي منصوبي جي مختلف حصن تي جاري تعميراتي ڪم جي رفتار ۽ اڳڀرائي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ٽرانسپورٽ سيڪريٽري اسد ضامن سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي (ايس ايم ٽي اي) جي ايم ڊي بهزاد ميمڻ ورلڊ بئنڪ جا نمائندا، ڪنسلٽنٽس ۽ لاڳاپيل اختيارين شرڪت ڪئي اجلاس ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ پيلو لائين بي آر ٽي منصوبي جي تعميراتي ڪم جي رفتار ۾ وڌيڪ تيزي آڻڻ جي هدايت ڪندي چيو ته منصوبي جي تڪميل لاءِ سمورا دستياب وسيلا ڪتب آندا وڃن

بقايا 12 روزاني عبرت

جاري ڪري ڇڏيو آهي ذريعن موجب ڪچي جي زمين تي قائم غيرقانوني قبضا ۽ تجاوزات جي نشاندهي ڪري انهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي، جڏهن ته 50 ايڪڙ يا ان کان وڌيڪ ڪچي جي زمين تي قائم غيرقانوني قبضا ترجيحي بنيادن تي ختم ڪيا ويندا سنڌ ڪابينا ڪجهه ڏينهن اڳ ڪچي جي زمين بابت اهم فيصلا ڪندي صوبي جي ڪچي واري علائقن جي جامع سروي، ڊجيٽل نقشي سازي ۽ زمين جي رڪارڊ کي درست ۽ شفاف بڻائڻ جي منظوري ڏني هئي ڪابينا بورڊ آف روينيو جي تجويز تي ڪچي جي زمين جو جامع سروي سروي آف پاڪستان جي سهڪار سان سرڪاري سطح تي ڪرائڻ لاءِ 70 ڪروڙ 50 لک روپين جي منظوري ڏني منصوبي تحت سنڌ جي ڪچي واري علائقن جي لڳ ڀڳ 16 لک 10 هزار ايڪڙ زمين جي سروي ۽ ڊجيٽل نقشي سازي ڪئي ويندي سروي حيدرآباد، سکر لاڙڪاڻي ۽ شهيد بينظيرآباد ڊويزن جي 613 ديهن ۾ ڪيو ويندو

بقايا 13 روزاني عبرت

پوليس چوڪي ٻاهران بم ڌماڪي جي نتيجي ۾ 2 اهلڪار زخمي ٿي پيا، جڏهن ته چوڪي کي به نقصان پهتو ڪيپٽل سٽي پوليس جي ترجمان مطابق ڌماڪي جي نتيجي ۾ 2 پوليس اهلڪار عمر خان ۽

عباس زخمي ٿيا پوليس مطابق اڄ تائين فتنة الخوارج چوڪي ٻاهران آءِ اي ڊي نصب ڪيو هو پوليس علائقي جو گهيراءُ ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

بقايا 14 روزاني عبرت

ڪاٺون واري علائقي ۾ محبت جي شادي ٿان نوجوان کي گولين هڻي قتل ڪيو ويو جڏهن ته جوابدار کي عوام موقعي تي ئي تشدد ڪري ساڙي ڇڏيو تفصيل موجب فائرنگ جو واقعو اورنگي ٽائون نمبر 10 ۾ پيش آيو جنهن جي نتيجي ۾ 25 سالن جو عباس مارجي ويو حملي آور کي عوام پڪڙي سخت تشدد جو نشانو بڻايو جنهن سبب هو موقعي تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن ته ان جو ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.پوليس اختيارين بڻايو ته اهو واقعو غيرت جي نالي تي قتل ڪيو

بقايا 15 روزاني عبرت

پارٽيءَ نون صوبن جي تجويز کي رد ڪندي سنڌ جي ورهاڱي خلاف سنڌ اسيمبليءَ جي متفقه قرارداد جي منظوريءَ کان پوءِ نوان صوبا ۽ انتظامي يونٽ ٺاهڻ بابت ريفرنڊم جي ڳالهين کي غيرآئيني قرار ڏيندي نون صوبن بابت سينيٽ يا قومي اسيمبليءَ مان امڪاني قرارداد منظور ٿيڻ جي صورت ۾ ٻيهر سنڌ اسيمبليءَ مان نون صوبن خلاف قرارداد منظور ڪري قومي اسيمبليءَ جي قرارداد کي رد ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي اهڙو اعلان پاڪستان پيپلز پارٽي لاڙڪاڻو ڊويزن پاران ”سنڌ ڌرتي ماءُ آهي“ جي عنوان هيٺ لاڙڪاڻي شهر جي وڳڻ روڊ تي قائم خانگي هال ۾ سيمينار ۾ اڳواڻن پاران خطاب ۾ قرارداد منظور ڪندي ڪيو ويو سيمينار جي مهمان خصوصي طور خطاب ڪندي پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو چيو ته سنڌ اسيمبليءَ مان نون صوبن خلاف قرارداد جي منظوريءَ کان پوءِ قومي اسيمبلي يا سينيٽ صوبائي اسيمبليءَ جي آئيني طور تي هن قرارداد کي ختم نه ٿي ڪري سگهي چاڪاڻ ته آئين طور اهو اختيار صوبائي اسيمبليءَ کي آهي ته لاڳاپيل صوبي جي اسيمبلي 2 ڀاڱي 3 جي اڪثريت سان قرارداد منظور ڪري نون صوبن کي ڏاهي يا رد ڪري سگهي ٿي جڏهن ته سنڌ اسيمبليءَ متفقه طور سنڌ جي ورهاڱي جي خلاف قرارداد منظور ڪري سنڌ ۾ نئين صوبي جي معاملي کي ختم ڪري ڇڏيو آهي هن وڌيڪ چيو ته نون صوبن بابت قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ بحث يا ريفرنڊم جي ڪائي به آئيني حيثيت نه هوندي هن چيو ته سنڌ تي ميري نظر سان ڪو به ڏسندو ته سنڌ پنهنجو پرپور ردعمل ڏيندي هن چيو ته عوام جي طاقت سان آمرن کي ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ نه ڏنو ته پوءِ هاڻي سنڌ جو ورهاڱو ٿيڻ نه ڏينداسين هن چيو ته پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز طرفان جڏهن اهو بيان ڏنو ويو ته ڪيس پاڻيسري صوبن کان خطرو آهي ته ڪي پي ڪي جي صوبائي اسيمبلي وزيراعليٰ پنجاب جي خلاف آرٽيڪل 6 لاڳو ڪرڻ جو مطالبو ڪيو هيو جي ڪو به نون صوبن کي رد ڪرڻ بابت صوبائي اسيمبليءَ جي قرارداد جي بيحرمتي ڪو ڪندو ته اسين به انهن خلاف آرٽيڪل 6 لاڳو ڪرڻ جي ڳالهه ڪنداسين ان جي ڪري ملڪ جي خلاف سازشون ڪرڻ بند ڪيون وڃن هن چيو ته سنڌ تي جيڪڏهن اجان ڪا وڌيڪ يا خراب وقت آيو ته اسان جو هر ڪارڪن ۽ سنڌ جو ماڻهو روڊن تي هوندو هن چيو ته وفاقي وزير سنڌ اسيمبليءَ جي منظوريءَ کان پوءِ نون صوبن جون ڳالهيون ڪري آئين جي بيحرمتي ڪئي ٿي هن ڪن ڪٽڪ سميت ڪيترا ئي نيل پيدا ڪندڙ صوبو آهي پر سنڌ کي بدلي ۾ 50 سيڪڙو به حصو ته پيو ڏنو وڃي ۽ اسلام آباد ۾ ويهي سنڌ تي ظلم ڪيو پيو وڃي هن وڌيڪ چيو ته صوبائي خودمختياري ۽ 18 هين ترميم سبب صوبن کي مضبوط بڻايو ويو ۽ اسين صوبائي خودمختياري لاءِ 30 سالن کان انتظار ڪيو ۽ وڏي جدوجهد کان پوءِ صوبائي خودمختياري ملي آهي پر هاڻي صوبائي خودمختياري ۽ 18 هين ترميم اک جو ڪنڊو بڻجي پئي رهي آهي هن چيو ته سنڌ آمرن جو مقابلو ڪيو ۽ ڪو به فيلڊ مارشل سنڌ جو مقابلو نه ٿو ڪري سگهي ۽ افواج پاڪستان سرحدن جي حفاظت ڪري رهي آهي پر پوءِ افواج پاڪستان کي سياست ۾ ڌڪي ان جي عظمت کي چو تباهه ڪيو پيو وڃي هن چيو ته محسن نقوي کي چوان ٿو ته هن ڪڏهن به وزيراعظم ٿيڻ نه ٿيندو چاڪاڻ هن وٽ عوامي حمايت ناهي هن چيو ته 36 صوبا ٺاهينداسين اهڙيون ڳالهيون ڪري پاڪستان جي مستقبل سان نه کيڏي پلي ٻين کي ضرورت آهي ته هو ٻيا صوبا پلي ٺاهيو پر سنڌ کي ورهائڻ نه ڏينداسين هن چيو ته نوان صوبن ۽ انتظامي يونٽن جي ڳالهه ڪندڙ خالد مقبول صديقي، مصطفيٰ ڪمال ۽ محسن نقوي ۽ ٻين کي مون کي جواب ڏنو آهي ته توهان کير ٿيندا آهيو نون صوبن جي ڳالهه ڪرڻ وارا پيپلز پارٽي لاڙڪاڻو ڊويزن جي صدر ايم اين اي اعجاز جکراڻي چيو ته قائداعظم محمد علي جناح ملڪ ٺاهيو ته ان کي ٽٽل ايمبوليس ۾ علاج لاءِ زيارت موڪليو ويو ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاهي تي چاڙهيو ويو ته وري آمر پرويز مشرف جي دور ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي شهيد ڪيو ويو آهي سڀ سانحا آمريت جي دورن ۾ ٿيا آهن ۽ آمريت جي دور ۾ ئي ملڪ جي تاريخ ۾ ڪنهن به وزيراعظم کي پنهنجو مدو پورو ڪرڻ نه ڏنو ويو هن چيو ته ملڪ جي مسئلن جو حل جمهوريت ۾ آهي سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي ۽ اسان ڪڏهن به سنڌ کي ٽڪر ٿيڻ نه ڏينداسين سينيٽر بيرسٽر ضمير گهمرو چيو ته ون يونٽ جي تجربي کان پوءِ شهيد ڀٽو 1973ع جو آئين ڏنو ۽ اهو نقطو شامل ڪيو ته جيستائين صوبائي اسيمبلين 2 ڀاڱي 3 جي اڪثريت سان قرارداد منظور نه ڪندو ان تيستائين نئون صوبو نه ٺهندو ۽ قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ آئيني طور صوبائي اسيمبلي جي منظور ڪيل قرارداد تي عمل ڪرڻ جون پابند آهن هن چيو ته قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ کي نوان صوبا ٺاهڻ جو ڪو به اختيار ناهي ۽ جيڪڏهن قومي اسيمبلي يا سينيٽ ۾ نون صوبن بابت بحث يا ريفرنڊم ڪرايو ويو ته ان جي ڪائي به آئيني حيثيت نه هوندي ۽ اهو جمهوريت ۽ آئين جي پيچڪڙي هوندو جنهن کي پيپلز پارٽي قبول نه ڪندي هن چيو ته 1973ع جي آئين جي عمل نه ڪيو پيو وڃي ۽ اسين سمجهون ٿا ته نون صوبن بابت آئين جي آرٽيڪل 239 ختم ڪندا ۽ ريفرنڊم ڪرائيندا ته ڪين خبر هڻڻ گهرجي ته ريفرنڊم آئين ۾ تبديلي آڻي ٿو سگهي ۽ نه ئي آئين ۾ ترميم ڪري سگهي ٿا هن چيو ته صوبن کي اين ايف سي جي حصو ڏيڻ جي دعوي غلط ڪئي پئي وڃي چاڪاڻ ته وفاق جي آمدني 20 هزار ارب آهي ۽ وفاق جو خرچ 19 هزار ارب آهي ۽ وفاق صوبن کي 20 هزار ارب مان ساڍا 5 هزار ارب ڏئي رهيو آهي جنهن مان به گرانٽ جي صورت ۾ صوبن کي اداڻي سٺو ارب صوبن کان ورتا ويا وڃن هن چيو ته 3 هزار ارب سنڌ مان تيل ۽ گيس جي مد ۾ وفاق کٽي رهيو آهي ۽ سنڌ کي ان جو حصو به نه پيو ڏنو وڃي هن چيو ته 18 هين ترميم کان پوءِ صوبن ڏانهن جيڪي کاتا تبديل نه ڪيا ويا آهي صوبن حوالي ڪيا وڃن ته وفاق تي خرچن جو بار گهٽجي ويندو سيمينار کي خطاب ڪندي ايم پي اي جميل احمد سومرو چيو ته لاهور ۽ اسلام آباد ۾ ويٺل پڙهيل لکيل جاهلن کي سنڌ جي تاريخ جي خبر ناهي سنڌ کي ممبئي پريزيڊنسي مان آزاد ڪرائي سنڌ کي صوبي جي حيثيت ڏياري ۽ جڏهن 1947ع ۾ ملڪ ٺهيو ته سنڌ اسيمبليءَ ئي ملڪ ٺاهڻ جي قرارداد منظور ڪئي ۽ سنڌ ئي ملڪ جي ماءُ آهي هن چيو ته جڏهن صوبن جي حيثيت ختم ڪري ون يونٽ لاڳو ڪيو ويو ته وڏي جدوجهد کان پوءِ ون يونٽ کي ختم ڪرايو ويو ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ کي پارلياماني نظام ڏنو ته ان آئين جي پاڻ سنڌ کي سنڌ سياڻي آمريت خلاف جدوجهد ڪئي هن چيو ته وارڻ جي تقريب ۾ صوبا ٺاهڻ جو رينڪو رچايو ويو ۽ چاڻي آهي وارڻ صوبا ٺاهيندا هن چيو ته اسان وفاقي نظام چاهيون ٿا پر سنڌ ڌرتي ماءُ آهي ۽ سڀ کان اهم آهي ۽ سنڌ ماءُ کي هڪ ماڻهو ٽڪرائيندا ته سنڌ اسيمبليءَ نون صوبن جي خلاف قرارداد منظور ڪري فيصلو ڏئي چڪي آهي ته سنڌ جو ورهاڱو نامنظور ايم اين اي نفيسه شاهه چيو ته سنڌ ٽي هر آئيني فورم تي سنڌ جي وحدت جو ڪيس وڙهيو آهي جيڪو انتظامي يونٽن جي ڳالهه ڪن پيا انهن کي خبر هڻڻ گهرجي ته ڊويزن، ضلعن سميت هيٺين سطح تي انتظامي يونٽ موجود آهن ان لاءِ انتظامي يونٽن جو بحث ئي فضول آهي جيڪي ڪريڪيٽ ته ڪا سنڀالي سگهن ٿا اهي اسان ڀهتر نه ٿا ڪري سگهن اهي ملڪ ۾ نون صوبن جي ڳالهه ڪري رهيا آهن بلوچستان ۽ ڪي پي ڪي جون حالتون سيني جي سامهون آهن ان وزير ڪڏهن ان آسان ٿي پارليامينٽ ۾ نه ڳالهايو آهي هن چيو ته هاڻي صوبن جي پئسن تي نظر اٿن ۽ سنڌ اين ايف سي جو تحفظ ڪيو

بقايا 34 روزاني عبرت

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

مڪ دفاعي معاهدو: امن، سلامتي ۽ گڏيل ذميواري
صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار
اسٽيج ضرور ڪِريو، پر حوصلو نه ڪِريو!
صفحو 4

ٽريڊ يونين اڳواڻ شهيد عثمان غنيءَ جي شخصيت
حبيب الدين
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن — 17 سيپٽمبر
صفحو 4

تاريخي شهر ڪوٽ غلام محمد قبضن جي ور چڙهيل،سونهن،ٽريفڪ،ڊرينيج ۽ واٽرسپلاءِ نظام متاثر

28 ايڪڙن کان وڌيڪ سرڪاري ايراضي تي مبينه قبضن سبب روڊن ۽ گهٽين تي اڏاوتن سبب ٽريفڪ،ڊرينيج ۽ واٽر سپلاءِ نظام متاثر ٿي ويو

ڪوٽ غلام محمد پرڳڻي جي نالي سان سڃاتو ويندڙ تاريخي شهر جيڪس آباد مبينه قبضا مافيا ۽ حدنخلين جي ور چڙهي پنهنجي اصل سونهن ۽ خوبصورتي وڃائي چڪو

شهر جي ريڪرين مين روڊن، ڪشادن گهٽين ۽ سرڪاري ايراضين تي مبينا طور دڪان، گهر، مارڪيٽن ۽ ٻين اڏاوتن جي اڏاوت سبب شهر جو اصل ڍانچو سوڙهو ٿي ويو

مختلف علائقن ۾ ٽريفڪ جام روزاني جو معمول بڻجي ويو،جڏهن بااثر ماڻهن مبينا طور سرڪاري ملڪيتن تي قبضا ڪري انهن کي ذاتي استعمال ۾ آندو آهي؛شهري

انتظاميه طرفان ماضي ۾ عدالتن جي حڪمن جي روشنيءَ ۾ حدنخلين خلاف ڪيترائي آپريشن پڻ ڪيا ويا، پر انهن ڪارروائين دوران اڪثر ريڙها،ڪيبن ۽ ڇپرا هٽايا ويا؛شهري

سبزي منڊي جانورن جي اسپتال،ڪرس گهر،مختيارڪار ڪامپليڪس،ايل سي آفيس،ٽانگا اسٽاپ،مسافر خانو،بس اسٽاپ،پراڻي وارا تلاءُ ۽ ريلوي تي قبضا آهن

فوري طور غيرجانبدار سروي ۽ شفاف جاچ ڪرائي سرڪاري ايراضين جي حدبندي ڪئي وڃي،ناجائز قبضا ختم ڪرائي شهر جو اصل ماسٽر پلان بحال ڪيو وڃي

ڪوٽ غلام محمد(رپورٽ: غلام حسين قائمخاني)ڪوٽ غلام محمد قبضن ۽ حدنخلين جي ور چڙهيل تاريخي شهر جي سونهن مطابق 28 ايڪڙن کان وڌيڪ سرڪاري ايراضي تي مبينه قبضا،روڊن ۽ گهٽين تي اڏاوتن سبب ٽريفڪ، ڊرينيج ۽ واٽر سپلاءِ نظام متاثر،انگريز دور ۾ ڪمشنر سر جيمس جي رٿابندي تحت آباد ڪيل...

گهرن، مارڪيٽن ۽ ٻين اڏاوتن جي اڏاوت سبب شهر جو اصل ڍانچو سوڙهو ٿي ويو آهي ان صورتحال جي نتيجي ۾ مختلف علائقن ۾ ٽريفڪ جام روزاني جو معمول بڻجي ويو آهي، جڏهن ته ڊرينيج ۽ واٽر سپلاءِ جو نظام پڻ سخت متاثر ٿيڻ جون شڪايتون سامهون اچي رهيون آهن ذريعن موجب لوڪل گورنمينٽ جي 28 ايڪڙن...

استعمال ۾ آندو آهي جڏهن ته ڪيترن ئي قبضي وارن وٽ جعلي يا غيرمستند دستاويز هجڻ جون پڻ شڪايتون آهن شهرين مطالبو ڪيو آهي ته انهن الزامن جي آزادانه شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي سرڪاري ملڪيتن جو مڪمل رڪارڊ منظرعام تي آندو وڃي،انتظاميه طرفان ماضي ۾ عدالتن جي حڪمن جي...

سرڪاري ملڪيتن جن ۾ سبزي منڊي جانورن جي اسپتال ڪرس گهر مختيارڪار ڪامپليڪس اي سي آفيس پراڻو ٽانگا اسٽاپ، پراڻو مسافر خانو بس اسٽاپ پراڻا پاڻي وارا تلاءُ ۽ ريلوي سان لاڳاپيل سرڪاري ايراضي شامل آهي انهن مان ڪيترن ئي هنڌن تي مبينا قبضا ۽ حدنخلين موجود آهن روايت موجب جيمس...

ڪوٽ غلام محمد شهر جي مختلف هنڌن تي قبضن سبب ڊرينيج ۽ واٽرسپلاءِ نظام متاثر

ڊگري ڪاليج شهدادڪوٽ جي تڪراري پلاٽ جي ڪيس جي ٻڌڻي

پبلڪ هيلٿ ڊپارٽمينٽ پاران ايس ڊي او ۽ ايگزيڪٽو انجنيئر پيش ٿيا

عدالت سگهوري جواب داخل ڪرائڻ لاءِ عملدارن کي ٻن ڏينهن جي مهلت ڏني

ڪاليج جو پلاٽ شاگردن جي امانت آهي،اهو شاگردن کي واپس ڏياريندا سين:شفيع ڪوسو

شهدادڪوٽ(نـ ر)گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج شهدادڪوٽ جي تڪراري پلاٽ واري مسئلي تي ٽاليواري قانوندان ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو جي داخل ڪرايل پٽيشن جي شهدادڪوٽ جي عدالت ۾ ٻڌڻي ٿي جنهن ۾ پبلڪ هيلٿ ڊپارٽمينٽ پاران ايس ڊي او ۽ ايگزيڪٽو انجنيئر پيش ٿيا ۽ عدالت سگهوري ۾ جواب داخل ڪرائڻ لاءِ ٻن ڏينهن جي مهلت طلب ڪئي،عدالت جي معزز جج کين ٻن ڏينهن جي مهلت ڏني آن موقعي تي ڪيس جي پٽيشنر ٽالي واري قانوندان شفيع محمد ڪوسو پنهنجي قانوني ٽيم جي ميمبرن ايڊووڪيٽ رفيق احمد خشڪ،ايڊووڪيٽ راجا رجب علي مگسي ، ايڊووڪيٽ ساجد علي ميرجت پڻ موجود هئا هوڏانهن ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو چيو ته هو پر اميد آهي ۽ عدليه تي وسواس رکندڙ آهي ڪيس انصاف ضرور ملڻ پوندو ڪاليج جو پلاٽ شاگردن جي امانت آهي اهو امانت شاگردن کي واپس ڏياريندا سين

شهدادڪوٽ ٽاليوارو قانوندان ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو عدالتي ٻڌڻي بعد پنهنجي ساٿين سان گڏ بيٺل آهي

تعلقي جهنڊومري جي سمورين يونين ڪائونسلن ۾ ڪتا مار ۽ مڇر مار اسپري مهم شروع

عثمان شاهه هڙي (نـ ر)تعلقي جهنڊومري جي سمورين يونين ڪائونسلن ۾ ٽنڊو سومرو، ميرآباد، شاهپور رضوي، هنگورائي، جهنڊومري، عثمان شاهه هڙي، ٽاسوڙي سلطان آباد ۾ ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار نور مصطفيٰ لغاري، اسسٽنٽ ڪمشنر جهنڊو مري شهزادو ضمير جروار ۽ يوسيز چيئرمينن ۾ مير علي مدد ٽالپر ,واحد بخش ميرجت ، ميرحسن مري، محبوب الهيار لنڊ، غلام محمد بلوچ پيرسيد ڪاشف شاهه، اسماعيل چچڙ ظهيراحمد پلهه هدايتن تي يوسي سيڪريٽري محرم ڪالرو، حبيب الله گبول، ٽداحسين گاهو، ممتاز ميرجت، هادوخان ڪالرو جي نگراني هيٺ سمورين يوسيز جي سمورن وارڊن ۾ ڪتا مار ۽ مڇر مار اسپري مهم جو عمل جاري آهي،يوسيز عملي پاران علائقي جي مختلف گهٽين، رستن ۽ عوامي هنڌن تي مڇرن جي خاتمي لاءِ اسپري ڪرڻ سان گڏ آواره ڪتن خلاف پڻ ڪارروائي ڪئي پئي وڃي، جنهن جو مقصد علائقي ۾ صفائي سٿرائي کي بهتر بڻائڻ ۽ شهرين کي مڇرن آواره ڪتن کان تحفظ فراهم ڪرڻ آهي،علائقي واسين انتظاميا جي ان عمل کي ساراهيندي چيو آهي ته ڪتا مار ۽ مڇر مار اسپري مهم کي وڌيڪ وسيع ڪيو وڃي، جيئن عوام کي صحت جي مسئلن کان...

سنڌ يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف ميٿميٽڪس اينڊ ڪمپيوٽر سائنس ۾ ٿيليسيميا بابت جاڳرتا سيمينار

رت جي امدادي ڪئمپ منعقد، 200 جي لڳ ڀڳ استادن ۽ شاگردن جي مفت اسڪريننگ ٽيسٽ ڪئي وئي

ٿيليسيميا هڪ موروثي رت جي بيماري آهي، جنهن جي روڪٿام لاءِ عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ انتهائي ضروري آهي:ڪاشف اقبال

شادي کان اڳ جوڙن ٿيليسيميا جي اسڪريننگ ٽيسٽ ڪرائڻ ته مستقبل ۾ ٿيليسيميا ميجر جي ڪيسن ۾ نمايان گهٽتائي آڻي سگهجي ٿي:محمد اقبال

...نوجوان نسل کي ٿيليسيميا بابت آگاهي ڏيڻ ۽ شادي کان اڳ لازمي ٽيسٽ ڪرائڻ ڪي هي وقت جي انتهائي ضرورت آهي

محمد سليم ڪوريجو ڊاڪٽر احمد چانڊيو سان گڏ سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغہ امتياز) سان سنڌس آفيس ۾ ملاقات ڪري ڪيس اعزازي شيلڊ پيش ڪئي ۽ سنڌس سهڪار جا ٿورا مڃيا. ملاقات دوران وائيس چانسلر يونيورسٽي ۾ ٿيليسيميا بابت جاڳرتا سيمينار ۽ رت جي امدادي ڪئمپ منعقد ڪرڻ واري عمل کي ساراهيو

...تيسٽ ڪرائي ۽ پنهنجي ٿيليسيميا اسٽيٽس بابت ڄاڻ حاصل ڪن ته مستقبل ۾ ٿيليسيميا ميجر جي ڪيسن ۾ نمايان گهٽتائي آڻي سگهجي ٿي هن چيو ته رت جي عطيي جي اهميت تي پڻ زور ڏنو سگهجي ٿو حيدرآباد جي نائب صدر محمد سليم ڪوريجو چيو ته...

سوشل سيڪيورٽي ملازمن جا مسئلا حل نه ٿيا،احتجاج جو اعلان

اهم اجلاس،ملازمن جي مسئلن جي حل لاءِ وزير محنت سان ملاقات جو فيصلو

سنڌ يونيورسٽي جي وي سي پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري طرفان پروفيسر ڊاڪٽر هدايت الله ابڙو جي وفات تي ڏک جو اظهار

...ايمپلائيز يونين (CBA) سيسي سنڌ جي زونل ڪراچي سان تعلق رکندڙ عهديدارن جو هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن جي صدارت CBA جي صدر احمد نواز سميجو صاحب ڪئي... سميجو چيو ته ڏاڍو ڊيل ڊي پي سي ۽ اينڊ ٿيڻ واري ڊي پي سي تي عملدرآمد نه ٿيو... ڪيو ويو آهي اجلاس ۾ سيسي جي سمورن اسٽاف جي پروموشن ۽ رٽي... 2023ع مطابق منظور ٿيل پينل اسپيڪلن... نيشنل اسپتال ۽ نيشنل ميڊيڪل سينٽر شامل آهن... MOUs تي صحيح کي ڪيو ويون... CBA طرفان موقف اختيار ڪيو ويو ته يونين ڪي نظرانداز ڪندي...

ڪراچي سي بي اي سيسي ڪراچي جي عهديدارن جو اجلاس ٿي رهيو آهي

ملي ويجهو ڳوٺ نبسيڊر جي ٻاڻي ۾ قائم پرائمري اسڪول بنيادي سهولتن جي کوٽ جو شڪار

ڪيترن ئي ٻارڙن لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ جو اهم ذريعو بڻيل پرائمري اسڪول اهم ضرورت اسڪول بلڊنگ ۽ چوديواري کان محروم

شاگردن لاءِ واش روم، پيئڻ جي صاف پاڻي جا ٽينڪ ۽ مناسب فرنيچر پڻ فراهم ڪيو وڃي سولر سسٽم لڳائڻ ۽ ضروري آهي،عوامي

ڊيسڪ،بينچ ۽ ٻيو ضروري فرنيچر فراهم ٿيڻ سان شاگردن کي آرامده ماحول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ملندو

ملي ڳوٺ نبسيڊر جي ٻاڻي ۾ قائم پرائمري اسڪول بنيادي سهولتن جي کوٽ ٻار کليل آسمان هيٺ تعليم پرائيندي

ملي (نـ ر)ملي ويجهو ڳوٺ نبسيڊر جي ٻاڻي ۾ قائم پرائمري اسڪول ڪيترن ئي ٻارڙن لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ جو اهم ذريعو آهي ڳوٺ جا معصوم شاگرد بهتر مستقبل جي اميد سان اسڪول اچن ٿا پر اسڪول ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب...

ٽنڊوالهيار ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ ڪروڙين رپين جي فنڊز ۾ مبينه ڪرپشن،ڪارروائي نه ٿي

بجيٽ ۾ دوائن ، زندگي محفوظ ڪرڻ واري خاص دوائن،غير حاضر ملازمن جون پگهارون سميت ٻين ڪمن لاءِ نڪتل ڪروڙين رپيا هڙپ ٿي ويا

زرداري هائوس ۽ ٻين بااثر شخصيتن جا نالا استعمال ڪري ڊيلي ويجز ملازمن سان منسوب ڪري لکين رپيا پگهارن جي مد ۾ سرڪاري پئسا کيرايا ويا

ڊي ايڇ ڪيو اسپتال لاءِ ڏنل 20 ڪروڙ رپين جي واٽر سپلائي اسڪيم ڪاغذن ۾ ته مڪمل ٿي چڪي،پر نظر نٿي اچي

سول اسپتال ۾ ڪا به سهولت نه ملي رهي آهي، غريب عوام علاج لاءِ پريشان آهي، اسپتال ۾ صفائي ناهي، ڊاڪٽر ۽ عملو به موجود نه هوندو آهي:شهري

ٽنڊوالهيار(رپورٽ:راجه ساجد خانزادو) ٽنڊوالهيار جي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي طرفان ڪروڙين رپين جي فنڊن ۾ مبينه ڪرپشن... سرڪاري پئسا کيرايا ويا جڏهن ته ... ڊي ايڇ ڪيو اسپتال لاءِ ڏنل 20 ڪروڙ رپين جي واٽر سپلائي اسڪيم ڪاغذن ۾ ته مڪمل ٿي چڪي آهي...

ميرپورخاص ضلعي ۾ ڪيلي جو شاندار فصل لهڻ باوجود مناسب اگهه نه ملڻ سبب آبادگار پريشان

ڪيلي جي مارڪيٽ ۾ شديد بازاري،منڊين ۾ رسد وڌي وڃڻ ۽ خريدارن جي گهٽتائي سبب آبادگارن ۽ باغن جا ٺيڪيدارن کي ڪروڙين رپين جو نقصان

بهتر فصل آبادگارن لاءِ معاشي خوشحالي جي اميد پيدا ڪئي هئي،مناسب اگهه نه ملڻ سبب ڪيلي جي مارڪيٽ سخت بحران جو شڪار ٿي وئي

ڪيلي جي پيداوار 2024-25ع دوران رڪارڊ 3 لک 17 هزار ٽن تائين پهچي وئي،2010-11ع دوران اها پيداوار تقريبن 1 لک 39 هزار ٽن هئي

شفاف بولي جو نظام، يقيني بڻائي آڙهتين ۽ خريدارن جي مبينا اجاره داري ختم ڪئي وڃي ۽ مناسب اگهه ڏيارڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن:آبادگار

ڏگهڙي(رپورٽ/نصيراحمد قريشي) ڏگهڙي سميت ضلعي ميرپورخاص جي مختلف علائقن ۾ ڪيلي جي شاندار فصل لهڻ باوجود منڊين ۾ مناسب اگهه نه ملڻ سبب آبادگار سخت پريشان ٿي ويا آهن ڪيلي جي مارڪيٽ ۾ شديد بازاري منڊين ۾ رسد وڌي وڃڻ ۽ واقع خريدارن جي گهٽتائي سبب آبادگار ۽ باغن جا ٺيڪيدار ڪروڙين رپين جي نقصان کي منهن ڏئي رهيا آهن... پاڪستان ۾ ڪيلي جي پيداوار 2024-25ع دوران رڪارڊ 3 لک 17 هزار ٽن تائين پهچي وئي، جڏهن ته 2010-11ع دوران اها پيداوار تقريبن 1 لک 39 هزار ٽن هئي...

سيري پوليس پاران مبينه نوجوان کي گرفتار ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

سيري واسين حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ٻي ڏينهن احتجاجي مظاهرو ڪيو

ايس ايڇ او شوڪت درس عديل خاصخيلي کي ڪارخاني مان گرفتار ڪري کڻي آيو:والد

ايس ايڇ او اسان جي پٽ کي ظاهر نه ڪيو آهي نه ئي عدالت ۾ پيش ڪري ٿو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد جي علائقي سيري جي رهواسين پوليس پاران نوجوان کي گرفتار ڪرڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ڪالهه به ڏينهن احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي پوليس پاران مبينا طور گرفتار ڪري گم ڪيل نوجوان جي پيءُ عرس خاصخيلي ۽ امڙ رحمت خاصخيلي ڏانهيندي چيو ته اسان جي پٽ عديل خاصخيلي کي ڪراچي جي ڦاٽڪ بنارس جي حد ۾ واقع پاپڙ ڦاهڻ واري ڪارخاني مان 11سيپٽمبر 2026تي گرفتار ڪري کڻي آيو آهن ڏينهن گذرڻ باوجود ايس ايڇ او اسان جي پٽ کي ظاهر ڪيو آهي نه ئي عدالت ۾ پيش ڪري ٿو... ايڇ او سيري شوڪت درس ڪيس ڪوڙي پوليس مقابلي ۾ قتل ڪرائي يا هاف فرائي ڪري ڇڏي هن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ،آئي جي سنڌ پوليس، ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي اسان جي پٽ کي آزاد ڪيو وڃي ۽ ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائيندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

سکر ۾ بس ٽرمينلن تان غيرقانوني پارڪنگ جي خاتمي لاءِ ٽرانسپورٽ ڪانو متحرڪ

آر ٽي سيڪريٽري غيرقانوني طور بيٺل گاڏين خلاف ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي

ٽرانسپورٽر شاهراهن ۽ آمدرفت جي رستن تي گاڏيون پارڪ ڪرڻ کان پاسو ڪن:فياض منگي

سکر (بيورو رپورٽ)ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان جي حڪم تي ٽريفڪ جي رواني بهتر بڻائڻ ۽ بس ٽرمينلن جي چوڌاري غيرقانوني پارڪنگ جي خاتمي لاءِ ٽرانسپورٽ ڪانو متحرڪ ٿي ويو آهي آر ٽي سيڪريٽري ٽرانسپورٽ سکر فياض حسين منگي جي اڳواڻي ۾ ٽرانسپورٽ ڪاني جي ٽيم سکر بس ٽرمينل رهڙڪي بس ٽرمينل ۽ مختلف هنڌن تي معائنو ڪري غيرقانوني طور بيٺل گاڏين خلاف ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي...

سکر غير قانوني پارڪنگ خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

مڪي شريف تي حوثي دهشتگردن جا حملا گهٽيءَ جو سبب آهي:راشد سومرو

سعودي جي خودمختياري ۽ حرمين شريفين جو تحفظ امتِ مسلمه جي ذميواري آهي

بيت الله ۽ مقدس هنڌن جي بي حرمتي جي ڪنهن به صورت ۾ اجازت نٿي ڏئي سگهجي

سکر (بيورو رپورٽ)جمعيت علماء اسلام سنڌ جي قائد علامه راشد محمود سومرو چيو آهي ته مڪي شريف تي حوثي دهشتگردن جا حملا ۽ مقدس سرزمين کي نشانو بڻائڻ سڄي امت مسلمه ۽ انسانيت لاءِ انتهائي گهٽيءَ جو سبب آهي هن چيو ته سعودي عرب جي خودمختياري، علائقائي سلامتي ۽ حرمين شريفين جو تحفظ امت مسلمه جي گڏيل ذميواري آهي بيت الله شريف ۽ مقدس هنڌن جي بي حرمتي جي ڪنهن به صورت ۾ اجازت نٿي ڏئي سگهجي...

سکر جي يو آءِ اڳواڻ علامه راشد محمود سومرو جلسي کي خطاب ڪندي

پرائمري اسڪول مانجهند جي غريب يتيم شاگردن کي يونيفارم ڏنا ويا

مانجهند(نـ ع)گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول مانجهند جي معصوم غريب يتيم شاگردن لاءِ دوست انجنيئر شاهد حسين ڪاچي طرفان يونيفارم وٺي ڏنل معصوم شاگردن کي منسٽري آف فيڊرل ايجوڪيشن اين سي ايڇ ڊي جامشورو جي ڪريڊ سول سرونٽ فيلڊ آفيسر شفيع محمد ملاح، گورنمينٽ هاءِ اسڪول مانجهند جي ايڇ ايم فقير سائين اميربخش لاکو مين پرائمري اسڪول مانجهند جي ايڇ ايم برڪت علي ملاح استادن امداد علي عمراڻي، غلام اڪبر ملاح جن ورهايا...

سکرنڊ جي ڪاروباري شخصيت حاجي غلام مرتضيٰ ڏهيو سان سرهئي سانجهه ملهائي وئي

سکرنڊ (س ر)سکرنڊ شهر جي سياسي سماجي ۽ ڪاروباري شخصيت حاجي غلام مرتضيٰ ڏهيو سان سنڌس خدمتن عيوض سيد فياض علي شاهه پاران ڏهيا هائوس تي سرهئي سانجهه ملهائي وئي جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي...

سيڪريٽري سنڌ بلڊ ٽرانسفيوزن اٿارٽي پاران ٿيليسيميا پريوينشن پروگرام جو دورو

غلام نبي چنا ڊاڪٽر درِ ناز جمال کي ان جي ڪارڪردگي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

ٿيليسيميا کان بچاءُ ۽ ان جي روڪٿام بابت مڪمل آگاهي فراهم ڪئي وڃي ٿي:بريفنگ

سکرنڊ (س ر)سنڌ بلڊ ٽرانسفيوزن اٿارٽي جي سيڪريٽري ڊاڪٽر درِ ناز جمال نوابشاهه پهچي نادرا سينٽر سانگهڙ روڊ شهيد بينظير آباد ۾ قائم ٿيل ٿيليسيميا پريوينشن پروگرام (ڊيسڪ) جو دورو ڪيو ان موقعي تي ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي چنا ڪيس ٿيليسيميا پريوينشن ڪائونٽر جي سڄي سال جي ڪارڪردگي بابت تفصيلي بريفنگ ڏيندي... CBC ۽ Hb اليڪٽروفوريسس ٽيسٽ پڻ ڪئي وڃي ٿي...

سکرنڊ سيڪريٽري سنڌ بلڊ ٽرانسفيوزن اٿارٽي پاران ٿيليسيميا پريوينشن پروگرام جو دورو

بوزدارواڍا ۾ شمس آباد محلي جي رهواسين پاران ٻاٿرن جي زيادتين خلاف احتجاج

ڳوٺن ۾ هڪ کان وڌيڪ ڪوڙا ڪيس ڪري اسان جا گهر ويران ٿي ويا آهن:احتجاجي

...ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا آهن جنهن ۾ 2 ڪيس انڪوائرين بعد ڪوڙا نڪتا آهن... غريب مسڪين آهيون... بوزدارواڍا 10 ڪان وڌيڪ گهرن جي اچڻ وڃڻ جا رستا لوڙها هڻي ٻن ڏينهن کان بند ڪري ڇڏيا آهن...

ڪنڊيارو ۾ هول سيل دڪان جا تالا ٽوڙي 87 هزار رپيا ۽ قيمتي سامان چورائي فرار

ڪنڊيارو (بيورو رپورٽ)ڪنڊيارو ۾ نامعلوم چورن هول سيل دڪان جا تالا ٽوڙي 87 هزار رپيا ۽ قيمتي سامان چورائي فرار ٿي ويا... ڪيلاش ڪمار پوليس ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واردات ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري چوري ٿيل رقم ۽ سامان واپس ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي

هوسڙي واسي زال ۽ مڙس جو گهر تي مبينا قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)هوسڙي واسي زال ۽ مڙس گهر تي مبينا قبضي خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي نصرت بليدي ڏانهيندي الزام هنيو ته محرم ڪوسو صادق ڪوسو ۽ شاهنواز ڪوسو وارا اسان جي گهر تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن... ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

مڪلي ۾ وياج خورن خلاف ڪيس داخل ڪرائيندڙ مولوي گم

ڪار سوار ٻن ۽ ٻن سادي ڊريس ۾ خانگي ماڻهن ڪيس ڪنهي گم ڪري ڇڏيو:وارث

مولوي رجب کي پوليس سان گڏ کنيو ويا آهن،هن وياج خوري جو ڪيس داخل ڪرايو هو

غلام (نـ ع)مڪلي جامع مسجد جي پيش امام ۽ وياج خورن خلاف ڪيس داخل ڪرائيندڙ مولوي رجب علي قمبراڻي کي مڪلي ڊي سي آفيس چوڪ وٽان هڪ ڪار ۾ سوار ٻن وردي پوش ۽ ٻن سادي ڊريس ۾ خانگي ماڻهن کنيو گم ڪري ڇڏيو آهي،وارثن موجب مطيع الله جان وارن ڪيس پوليس سان گڏ کنيو ويا آهن چاڪاڻ جو هن سندن خلاف وياج خوري جو ڪيس داخل ڪرايو هو

محرابپور ڪوٽڙي ڪبير لنڪ روڊ تي هٿياربندن هٿان موٽرسائيڪل سوار قتل

هٿياربندن گهلي روڊ تي آٿي مگس فائر ڪري موٽر سائيڪل تي چڙهي فرار ٿي ويا

بي ايڇ يو ڪوٽڙي ڪبير ۾ زخمن جا سور نه سهندي مٺل مگسي فوت ٿي ويو

ڪوٽڙي ڪبير(نـ ع)محرابپور ڪوٽڙي ڪبير لنڪ روڊ تي حضور بخش رند پل ڀرسان ٻن نقاب پوش نامعلوم هٿياربندن موٽر سائيڪل سوار مٺل مگسي کي گوليون هڻي ڪيرائي وڌو... مٺل مگسي جان بچائڻ لاءِ سارين جي فصل ۾ پهچي ويو،جتان هٿياربندن گهلي روڊ تي آٿي سرعام مگس فائر ڪري ون ٽو فائيو موٽر سائيڪل تي چڙهي فرار ٿي ويا... بي ايڇ يو ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ آندو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي مٺل مگسي فوت ٿي ويو... پوليس موجب وارث اپيندا ته پوءِ ڪيس داخل ڪندا سين

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
مڪ دفاعي معاهدو: امن، سلامتي ۽ گڏيل ذميواري
صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار
اسٽيج ضرور ڪِريو، پر حوصلو نه ڪِريو!
صفحو 4

ٽريڊ يونين اڳواڻ شهيد عثمان غنيءَ جي شخصيت
حبيب الدين
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن — 17 سيپٽمبر
صفحو 4

تاريخي شهر ڪوٽ غلام محمد قبضن جي ور چڙهيل,سونهن,ٽريفڪ,ڊرينيج ۽ واٽرسپلاءِ نظام متاثر

28 ايڪڙن کان وڌيڪ سرڪاري ايراضي تي مبينه قبضن سبب روڊن ۽ گهٽين تي اڏاوتن سبب ٽريفڪ,ڊرينيج ۽ واٽر سپلاءِ نظام متاثر ٿي ويو

ڪوٽ غلام محمد پرڳڻي جي نالي سان سڃاتو ويندڙ تاريخي شهر جيمس آباد مبينه قبضا مافيا ۽ حدداخلين جي ور چڙهي پنهنجي اصل سونهن ۽ خوبصورتي وڃائي ڇڏي

شهر جي ويڪرين مين روڊن, ڪشادن گهٽين ۽ سرڪاري ايراضين تي مبينا طور دڪان, گهر, مارڪيٽن ۽ ٻين اڏاوتن جي اڏاوت سبب شهر جو اصل ڍانچو سوڙهو ٿي ويو

مختلف علائقن ۾ ٽريفڪ جام روزاني جو معمول بڻجي ويو,ڪجهه بااثر ماڻهن مبينا طور سرڪاري ملڪيتن تي قبضا ڪري انهن کي ذاتي استعمال ۾ آندو آهي,شهري

انتظاميه طرفان ماضي ۾ عدالتن جي حڪمن جي روشنيءَ ۾ حدداخلين خلاف ڪيترائي آپريشن پڻ ڪيا ويا, پر انهن ڪارروائين دوران اڪثر ريڙها,ڪيبن ۽ ڇپرا هٽايا ويا,شهري

سبزي منڊي,جانورن جي اسپتال,ڪوس گهر,مختيارڪار ڪامپليڪس,اي سي آفيس,ٽانگا اسٽاپ,مسافر خانو,بس اسٽاپ,پاڻي وارا تلاءَ ۽ ريلوي تي قبضا آهن

فوري طور غيرجانبدار سروي ۽ شفاف جاچ ڪرائي سرڪاري ايراضين جي حدبندي ڪئي وڃي,ناجائز قبضا ختم ڪرائي شهر جو اصل ماسٽر پلان بحال ڪيو وڃي

ڪوٽ غلام محمد(رپورٽ: غلام حسين قائمخاني)ڪوٽ غلام محمد قبضن ۽ حدداخلين جي ور چڙهيل تاريخي شهر جي سونهن متاثر 28 ايڪڙن کان وڌيڪ سرڪاري ايراضي تي مبينه قبضا,روڊن ۽ گهٽين تي اڏاوتن سبب ٽريفڪ,ڊرينيج ۽ واٽر سپلاءِ نظام متاثر,انگريز دور ۾ ڪمشنر سر جيمس جي رٿابندي تحت آباد ڪيل تاريخي شهر جيمس آباد, جيڪو هاڻي ڪوٽ غلام محمد پرڳڻي جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو مبينا قبضا مافيا ۽ حدداخلين جي ور چڙهي پنهنجي اصل سونهن ۽ خوبصورتي وڃائي رهيو آهي شهر جي ويڪرين مين روڊن, ڪشادن گهٽين ۽ سرڪاري ايراضين تي مبينا طور دڪان, گهر, مارڪيٽن ۽ ٻين اڏاوتن جي اڏاوت سبب شهر جو اصل ڍانچو سوڙهو ٿي ويو آهي ان صورتحال جي نتيجي ۾ مختلف علائقن ۾ ٽريفڪ جام روزاني جو معمول بڻجي ويو آهي جڏهن ته ڊرينيج ۽ واٽر سپلاءِ جو نظام پڻ سخت متاثر ٿيڻ جون شڪايتون سامهون اچي رهيون آهن ذريعن موجب لوڪل گورنمينٽ جي 28 ايڪڙن کان وڌيڪ سرڪاري ايراضيءَ تي مختلف هنڌن تي گهڻ هوٽلون ۽ دڪان تعمير ڪيا ويا آهن جنهن سبب سرڪار کي ڪروڙين رپين جي نقصان جو خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي مقامي ماڻهن جو الزام آهي ته ڪجهه بااثر ماڻهن مبينا طور سرڪاري ملڪيتن تي قبضا ڪري انهن کي ذاتي استعمال ۾ آندو آهي جڏهن ته ڪيترن ئي قبضي وارن وٽ جعلي يا غيرمستند دستاويز هجڻ جون پڻ شڪايتون آهن شهرين مطالبو ڪيو آهي ته انهن الزامن جي آزادانه، شفاف ۽ غيرجانبدارانه جاچ ڪرائي سرڪاري ملڪيتن جو مڪمل رڪارڊ منظرعام تي آندو وڃي انتظاميه طرفان ماضي ۾ عدالتن جي حڪمن جي روشنيءَ ۾ حدداخلين خلاف ڪيترائي آپريشن پڻ ڪيا ويا, پر شهرين جو چوڻ آهي ته انهن ڪارروائين دوران اڪثر ريڙهن، ڪيبن ۽ ڇپرا هٽايا ويا, جڏهن ته بااثر ماڻهن جي مبينا غيرقانوني اڏاوتن خلاف ڪا اثرائتي ڪارروائي نظر نه آئي شهرين جو چوڻ آهي ته تاريخي شهر جي اهم سرڪاري ملڪيتن جن ۾ سبزي منڊي جانورن جي اسپتال ڪوس گهر مختيارڪار ڪامپليڪس اي سي آفيس, پراڻو ٽانگا اسٽاپ, پراڻو مسافر خانو بس اسٽاپ پراڻا پاڻي وارا تلاءَ ۽ ريلوي سان لاڳاپيل سرڪاري ايراضي شامل آهي انهن مان ڪيترين ئي هنڌن تي مبينا قبضا ۽ حدداخليون موجود آهن روايت موجب جيمس آباد کي باقاعده رٿابنديءَ سان آباد ڪيو ويو هو جتي روڊن ۽ گهٽين کي مستقبل جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي ڪشادو رکيو ويو هو تنهن هوندي به وقت گذرڻ سان غيرمنظم اڏاوتن, قبضي ۽ حدداخلين سبب شهر جو اصل نقشو ٽريفڪ نظام ۽ تاريخي سونهن سخت متاثر ٿي آهي

ڪوٽ غلام محمد شهر جي مختلف هنڌن تي ٿيل قبضن سبب ڊرينيج ۽ واٽرسپلاءِ نظام متاثر

ڊگري ڪاليج شهدادڪوٽ جي تڪراري پلاٽ جي ڪيس جي ٻڌڻي

پبلڪ هيلٿ ڊپارٽمينٽ پاران ايس ڊي او ۽ ايگزيڪٽو انجنيئر پيش ٿيا

عدالت سڳوري جواب داخل ڪرائڻ لاءِ عملدارن کي ٻن ڏينهن جي مهلت ڏني

ڪاليج جو پلاٽ شاگردن جي امانت آهي,اهو شاگردن کي واپس ڏيارينداسين:شفيع ڪوسو

شهدادڪوٽ(ڊ ر)گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج شهدادڪوٽ جي تڪراري پلاٽ واري مسئلي تي ٽاليواري قانوندان ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو جي داخل ڪرايل پٽيشن جي شهدادڪوٽ جي عدالت ۾ ٻڌڻي ٿي جنهن ۾ پبلڪ هيلٿ ڊپارٽمينٽ پاران ايس ڊي او ۽ ايگزيڪٽو انجنيئر پيش ٿيا ۽ عدالت سڳوري ۾ جواب داخل ڪرائڻ لاءِ ٻن ڏينهن جي مهلت طلب ڪئي,عدالت جي معزز جج ڪين ٻن ڏينهن جي مهلت ڏني ان موقعي تي ڪيس جي پٽيشنر نالي واري قانوندان شفيع محمد ڪوسو پنهنجي قانوني ٽيم جي ميمبرن ايڊووڪيٽ رفيق احمد خشڪ,ايڊووڪيٽ راجا رجب علي مگسي , ايڊووڪيٽ ساجد علي ميرجت پڻ موجود هئا هوڏانهن ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو چيو ته هو پر اميد آهي ۽ عدليه تي ويساهه رکندڙ آهي ڪيس انصاف ضرور پلٽ پوندو ڪاليج جو پلاٽ شاگردن جي امانت آهي اهو امانت شاگردن کي واپس ڏيارينداسين

شهدادڪوٽ ٽاليوارو قانوندان ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو عدالتي ٻڌڻي بعد پنهنجي ساٿين سان گڏ بيٺل آهي

تعلقي جهنڊومري جي سمورين يونين ڪائونسلن ۾ ڪتا مار ۽ مڇر مار اسپري مهم شروع

عثمان شاهه هڙي (ت ر)تعلقي جهنڊومري جي سمورين يونين ڪائونسلن ۾ ٽنڊو سومرو، ميرآباد، شاهپور رضوي، هنگورائي، جهنڊومري، عثمان شاهه هڙي، ڀاسرائي سلطان آباد ۾ ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار نور مصطفيٰ لغاري، اسسٽنٽ ڪمشنر جهنڊو مري شهزادو ضمير جروار ۽ يوسيز چيئرمينن ۾ مير علي مدد ٽالپر ,واحد بخش ميرجت , ميرحسن مري، محبوب الهيار لنڊ، غلام محمد بلوچ پيرسيد ڪاشف شاهه، اسماعيل چچڙ ظهيراحمد پلهه هدايتن تي يوسي سيڪريٽريز محرم ڪالرو، حبيب الله گبول، ٺڪاجنيز گاهو، ممتاز ميرجت، هاڙوخان ڪالرو جي نگراني هيٺ سمورين يوسيز جي سمورن وارڊن ۾ ڪتا مار ۽ مڇر مار اسپري مهم جو عمل جاري آهي,يوسيز عملي پاران علائقي جي مختلف گهٽين، رستن ۽ عوامي هنڌن تي مڇرن جي خاتمي لاءِ اسپري ڪرڻ سان گڏ آواره ڪتن خلاف پڻ ڪارروائي ڪئي پئي وڃي، جنهن جو مقصد علائقي ۾ صفائي سٿرائي کي بهتر بڻائڻ ۽ شهرين کي مڇرن ۽ آواره ڪتن کان تحفظ فراهم ڪرڻ آهي,علائقي واسين انتظاميا جي ان عمل کي ساراهيندي چيو آهي ته ڪتا مار ۽ مڇر مار اسپري مهم کي وڌيڪ وسيع ڪيو وڃي، جيئن عوام کي صحت جي مسئلن کان بچائي سگهجي ۽ علائقي ۾ صاف ۽ صحتمند ماحول برقرار رهي

سنڌ يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف ميٿميٽڪس اينڊ ڪمپيوٽر سائنس ۾ ٿيليسيميا بابت جاڳرتا سيمينار

رت جي امدادي ڪئمپ منعقد. 200 جي لڳ ڀڳ استادن ۽ شاگردن جي مفت اسڪريننگ ٽيسٽ ڪئي وئي

ٿيليسيميا هڪ موروثي رت جي بيماري آهي، جنهن جي روڪٿام لاءِ عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ انتهائي ضروري آهي:ڪاشف اقبال

شادي کان اڳ جوڙا ٿيليسيميا جي اسڪريننگ ٽيسٽ ڪرائين ته مستقبل ۾ ٿيليسيميا ميجر جي ڪيسن ۾ نمايان گهٽتائي آڻي سگهجي ٿي:محمد اقبال

نوجوان نسل کي ٿيليسيميا بابت آگاهي ڏيڻ ۽ شادي کان اڳ لازمي ٽيسٽ ڪرائڻ کي فروغ ڏيڻ لاءِ تعليمي ادارن جو ڪردار انتهائي اهم آهي

ڄامشورو (پ ر)سنڌ يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف ميٿميٽڪس اينڊ ڪمپيوٽر سائنس (IMCS)۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) قاسم آباد ۽ ڪاشف اقبال ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر ڪراچي جي سهڪار سان ٿيليسيميا بابت جاڳرتا سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن جو مقصد شاگردن استادن ۽ يونيورسٽي جي ملازمن ۾ ٿيليسيميا بابت شعور اجاگر ڪرڻ ۽ هن موذي موروثي بيماري جي روڪٿام لاءِ احتياطي اپائن جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ هو سيمينار ۾ ڪاشف اقبال ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر ڪراچي جي باني چيئرمين محمد اقبال اويئرنيس آفيسر سيد آصف حسين انسٽيٽيوٽ آف ميٿميٽڪس اينڊ ڪمپيوٽر سائنس جي ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ سنڌ يونيورسٽي ٽيسٽنگ سينٽر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر آفتاب احمد چانڊيو ۽ سگا حيدرآباد جي نائب صدر محمد سليم ڪوريجو شرڪت ڪئي ۽ ٿيليسيميا جي سببن ان جي روڪٿام ۽ سماجي ذميوارين بابت خيالن جو اظهار ڪيو ان موقعي تي خطاب ڪندي ڪاشف اقبال ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر جي باني چيئرمين محمد اقبال چيو ته ٿيليسيميا هڪ موروثي رت جي بيماري آهي، جنهن جي روڪٿام لاءِ عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. هن چيو ته جيڪڏهن شادي کان اڳ جوڙا ٿيليسيميا جي اسڪريننگ ٽيسٽ ڪرائين ۽ پنهنجي ٿيليسيميا اسٽيٽس بابت ڄاڻ حاصل ڪن ته مستقبل ۾ ٿيليسيميا ميجر جي ڪيسن ۾ نمايان گهٽتائي آڻي سگهجي ٿي هن چيو ته نوجوان نسل کي خاص طور تي ٿيليسيميا بابت آگاهي ڏيڻ ۽ شادي کان اڳ لازمي ٽيسٽ ڪرائڻ جي رجحان کي هٿي وٺرائڻ لاءِ تعليمي ادارن جو ڪردار انتهائي اهم آهي. محمد اقبال چيو ته ٿيليسيميا جي مريضن کي باقاعده رت جي ضرورت پوندي آهي، تنهنڪري صحتمند ماڻهن کي رت جو عطيو ڏيڻ گهرجي ته جيئن ٿيليسيميا جي مريضن جون رت جون ضرورتون پوريون ٿي سگهن هن شاگردن ۽ استادن کي اپيل ڪئي ته هو رت جي عطئي واري مهم ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺن ۽ ٻين کي به رت عطيو ڏيڻ لاءِ همٿائين اويئرنيس آفيسر سيد آصف حسين چيو ته ٿيليسيميا بابت بنيادي ڄاڻ هر نوجوان تائين پهچائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هن چيو ته ٿيليسيميا مائينر رکندڙ فرد بظاهر صحتمند زندگي گذاري سگهي ٿو پر جيڪڏهن ٻئي ٿيليسيميا مائينر وارا فرد شادي ڪندا ته سندن ٻارن ۾ ٿيليسيميا ميجر منتقل ٿيڻ جو خطرو موجود هوندو آهي. ان ڪري شادي کان اڳ اسڪريننگ ٽيسٽ ڪرائڻ سان جوڙا بروقت پنهنجي ٿيليسيميا اسٽيٽس کان آگاهه ٿي سگهن ٿا. ڊاڪٽر آفتاب احمد چانڊيو چيو ته يونيورسٽيون رڳو تعليم ۽ تحقيق جا مرڪز نه آهن پر آهي سماجي شعور پيدا ڪرڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. هن چيو ته شاگرد معاشري جو باشعور طبقو آهي ۽ جيڪڏهن انهن ۾ ٿيليسيميا جي روڪٿام بابت شعور پيدا ڪيو وڃي ته اهو پيغام سندن خاندانن ۽ سماج جي ٻين طبقن تائين به پهچي سگهي ٿو هن پنهنجي خطاب ۾ ٿيليسيميا جي روڪٿام لاءِ شادي کان اڳ ٽيسٽ ڪرائڻ ۽ رت جي عطئي جي اهميت تي پڻ زور ڏنو سگا حيدرآباد جي نائب صدر محمد سليم ڪوريجو چيو ته ٿيليسيميا جي روڪٿام لاءِ سرڪاري ادارن سماجي تنظيمن تعليمي ادارن ۽ عام ماڻهن کي گڏجي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته اهڙيون جاڳرتا سرگرميون نوجوانن کي سماجي ذميوارين کان آگاهه ڪرڻ سان گڏ انساني همدردي ۽ خدمت جو جذبو پڻ پيدا ڪن ٿيون ان موقعي تي ڪاشف اقبال ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر طرفان رت جي امدادي ڪئمپ پڻ قائم ڪئي وئي جتي استادن ۽ شاگردن جي ٿيليسيميا مائينر ۽ سي بي سي جون مفت اسڪريننگ ٽيسٽون ڪيون ويون. ڪئمپ دوران 200 جي لڳ ڀڳ استادن ۽ شاگردن اسڪريننگ ٽيسٽ ڪرائڻ ۽ رت جي امداد ۾ حصو ورتو سيمينار جي پڄاڻيءَ تي ڪاشف اقبال ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر جي باني چيئرمين محمد اقبال طرفان انسٽيٽيوٽ آف ميٿميٽڪس اينڊ ڪمپيوٽر سائنس جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر اياز ڪيريو ۽ ڊاڪٽر آفتاب احمد چانڊيو کي سهڪار جي اعتراف طور اعزازي شيلڊون پيش ڪيون ويون سيمينار ۾ پروفيسر ڊاڪٽر زين العابدين کهڙو سميت استادن ۽ شاگردن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي ان موقعي تي محمد اقبال ۽ محمد سليم ڪوريجو ڊاڪٽر آفتاب احمد چانڊيو سان گڏ سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغهِ امتياز) سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪري ڪيس اعزازي شيلڊ پيش ڪئي ۽ سندس سهڪار جا ٿورا مڃيا. ملاقات دوران وائيس چانسلر يونيورسٽي ۾ ٿيليسيميا بابت جاڳرتا سيمينار ۽ رت جي امدادي ڪئمپ منعقد ڪرڻ واري عمل کي ساراهيو

سنڌ يونيورسٽي جي وي سي پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري طرفان پروفيسر ڊاڪٽر هدايت الله ابڙو جي وفات تي پونئرن سان تعزيت

ڄامشورو(پ ر)سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري انسٽيٽيوٽ آف پلانٽ سائنسز جي اڳوڻي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر هدايت الله ابڙو جي وفات تي گهري ڏک جو اظهار ڪندي سندس پونئرن سان تعزيت ڪئي آهي. پنهنجي تعزيتي بيان ۾ وائيس چانسلر چيو آهي ته ڊاڪٽر هدايت الله ابڙو سنڌ يونيورسٽي جي پلانٽ سائنسز شعبي جو سينئر پروفيسر هو.

سوشل سيڪيورٽي ملازمن جا مسئلا حل نه ٿيا,احتجاج جو اعلان

اهم اجلاس,ملازمن جي مسئلن جي حل لاءِ وزير محنت سان ملاقات جو فيصلو

اينڊ ڊي پي سي تي عملدرآمد,حج پاليسي ۽ ٽائيم اسڪيل جا ڪيس حل ڪرڻ جو مطالبو

پينل اسپتالن سان ايم او يوز تي صحيحون نه ٿيڻ ۽ هاءِ رسڪ الائونس تي عملدرآمد نه ٿيڻ تي ڳڻتي

ڪراچي (بيورو رپورٽ): پيپلز اسٽاف يونين (CBA)سيسي سنڌ جي رڳو ڪراچي سان تعلق رکندڙ عهديدارن جو هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن جي صدارت CBAجي صدر احمد نواز سميجو صاحب ڪئي اجلاس ۾ ايجنڊا مطابق ملازمن کي درپيش مختلف مسئلن تي تفصيلي غور ۽ ويچار ڪيو ويو ان موقعي تي صدر احمد نواز سميجو چيو ته تازو ٿيل ڊي پي سي ۽ اينڊڙ ٿيڻ واري ڊي پي سي تي عملدرآمد نه پيو ڪيو وڃي، جڏهن ته چارٽر آف ڊيمانڊ تحت منظور ٿيل حج پاليسي تي پڻ عملدرآمد نه ٿيڻ سبب ملازمن ۾ ڳڻتي موجود آهي هن چيو ته چارٽر آف ڊيمانڊ 2023ع مطابق منظور ٿيل پينل اسپتالن جن ۾ ڊاڪٽر ضياءُ الدين اسپتال, لياقت نيشنل اسپتال ۽ نيشنل ميڊيڪل سينٽر شامل آهن سان انتظاميا طرفان اجا تائين ايم او يوز (MOUs)تي صحيحون نه ڪيون ويون آهن جنهن سبب ملازمن کي انهن منظور ٿيل طبي سهولتن مان فائدو حاصل ڪرڻ ۾ مسئلا پيش اچي رهيا آهن اجلاس ۾ تازو هائوس بلڊنگ, ڪار ۽ موٽرسائيڪل لون جي ٻئي مرحلي واري معاملي تي پڻ تفصيلي غور ڪيو ويو جنهن بابت CBAطرفان موقف اختيار ڪيو ويو ته يونين کي نظرانداز ڪندي هڪ طرفي طور تي منظوري ڏني وئي جيڪا غيرقانوني طريقي سان ڪئي وئي آهي اجلاس ۾ مطالبو ڪيو ويو ته گورننگ باڊي سيسي جي فيصلي مطابق CBAکي نظرثاني ٿيل سروس ريگيوليشن ڪميٽي جو ميمبر شامل ڪيو وڃي، جيئن ملازمن سان لاڳاپيل سروس معاملن ۾ يونين جي نمائندگي يقيني بڻائي سگهجي اجلاس ۾ پيرا ميڊيڪل اسٽاف لاءِ 20 سيڪڙو هاءِ رسڪ الائونس جو معاملو پڻ غور هيٺ آيو جنهن جي منظوري گورننگ باڊي سيسي طرفان چارٽر آف ڊيمانڊ 2020ع ۾ ڏني وئي هئي، پر ان تي اجا تائين عملدرآمد نه ڪيو ويو آهي اجلاس ۾ سيسي جي سمورن اسٽاف جي پرميشن ۽ ري ايمبرسمينٽ جي معاملي تي پڻ غور ڪيو ويو ۽ ان جي حل جو مطالبو ڪيو ويو ساڳئي طرح ميڊيڪل ۽ ايڊمن ٻنهي پاسن جي ٽائيم اسڪيل جا التوا هيٺ ڪيس به اجا تائين حل نه ٿيڻ تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو اجلاس ۾ سيسي اسٽاف نرسز جي سينيارٽي لسٽن جي جاري ٿيڻ ۽ ڊي پي سي ڪرائڻ جو معاملو پڻ بحث هيٺ آيو ان کان علاوه فوتگي ڪوٽا جي حوالي سان فوت ٿيل ملازمن جي ٻارن جا انٽرويو ٿيڻ باوجود اجا تائين انهن کي ملازمت جا آرڊر جاري نه ڪرڻ واري معاملي تي پڻ تفصيلي غور ڪيو ويو. اجلاس ۾ سمورن عهديدارن متفق طور تي ان عزم جو اظهار ڪيو ته مٿي ڄاڻايل سمورن مسئلن جي جلد ۽ عملي حل لاءِ سنڌ جي وزير محنت سان ملاقات ڪئي ويندي ۽ ملازمن جي سمورن معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي

ڪراچي سي بي اي سيسي ڪراچي جي عهديدارن جو اجلاس ٿي رهيو آهي

مٺي ويجهو ڳوٺ ٻنسيڊر جي ڊاٽي ۾ قائم پرائمري اسڪول بنيادي سهولتن جي کوٽ جو شڪار

ڪيترن ئي ٻارڙن لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ جو اهم ذريعو بڻيل پرائمري اسڪول اهم ضرورت اسڪول بلڊنگ ۽ چوديواري کان محروم

شاگردن لاءِ واش روم، پيئڻ جي صاف پاڻي جا ٽينڪ ۽ مناسب فرنيچر پڻ فراهم ڪيو وڃي,سولر سسٽم لڳائڻ به اهم ضرورت آهي:ڳوٺواسي

ڊيسڪ,بينچ ۽ ٻيو ضروري فرنيچر فراهم ٿيڻ سان شاگردن کي آرامده ماحول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ملندو

مٺي (ڊ ر)مٺي ويجهو ڳوٺ ٻنسيڊر جي ڊاٽي ۾ قائم پرائمري اسڪول ڪيترن ئي ٻارڙن لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ جو اهم ذريعو آهي ڳوٺ جا معصوم شاگرد بهتر مستقبل جي اميد سان اسڪول اچن ٿا، پر اسڪول ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب ڪين ڪيترين ئي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو.اسڪول جي شاگردن لاءِ سڀ کان اهم ضرورت مڪمل اسڪول بلڊنگ ۽ چوديواري جي آهي، جيئن ٻارڙن کي محفوظ ۽ مناسب تعليمي ماحول فراهم ٿي سگهي موجوده حالتن ۾ اسڪول جي عمارت، تحفظ ۽ ٻين بنيادي سهولتن کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي ان سان گڏ اسڪول ۾ سولر سسٽم لڳائڻ به وقت جي اهم ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته بجلي جي سهولت نه هجڻ يا بجلي جي مسئلن سبب تعليمي سرگرمين تي اثر پوي ٿو سولر سسٽم سان اسڪول ۾ روشني ۽ بجلي جون بنيادي ضرورتون پوريون ٿي سگهن ٿيون شاگردن لاءِ واش روم، پيئڻ جي صاف پاڻي جا ٽينڪ ۽ مناسب فرنيچر پڻ فراهم ڪيو وڃي خاص طور تي صاف پاڻي ۽ واش روم ٻارڙن جي صحت ۽ اسڪول ۾ حاضري لاءِ انتهائي ضروري سهولتون آهن. جڏهن ته ڊيسڪ,بينچ ۽ ٻيو ضروري فرنيچر فراهم ٿيڻ سان شاگردن کي آرامده ماحول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ملندو.ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ حڪومت، تعليم کاتي، چونڊيل نمائندن ۽ ضلعي انتظاميا طرفان ٻنسيڊر جي ڊاٽي پرائمري اسڪول جو خاص نوٽيس وٺي، اسڪول لاءِ نئين ۽ مناسب عمارت،

مٺي ڳوٺ ٻنسيڊر جي ڊاٽي ۾ قائم پرائمري اسڪول بنيادي سهولتن جي کوٽ بار ڪليل آسمان هيٺ تعليم پرائيندي

ميرپورخاص ضلعي ۾ ڪيلي جو شاندار فصل لهڻ باوجود مناسب اگهه نه ملڻ سبب آبادگار پريشان

ڪيلي جي مارڪيٽ ۾ شديد ٻاڙائي,منڊين ۾ رسد وڌي وڃڻ ۽ خريدارن جي گهٽتائي سبب آبادگارن ۽ باغن جا ٺيڪيدارن کي ڪروڙين رپين جو نقصان

بهتر فصل آبادگارن لاءِ معاشي خوشحالي جي اميد پيدا ڪئي هئي,مناسب اگهه نه ملڻ سبب ڪيلي جي مارڪيٽ سخت بحران جو شڪار ٿي وئي

ڪيلي جي پيداوار 2024-25ع دوران رڪارڊ 3 لک 17 هزار ٽن تائين پهچي وئي,2010-11ع دوران اها پيداوار تقريبن 1 لک 39 هزار ٽن هئي

شفاف بولي جو نظام يقيني بڻائي آڙهتين ۽ خريدارن جي مبينا اجاره داري ختم ڪئي وڃي ۽ مناسب اگهه ڏيارڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن:آبادگار

ڏگهڙي(رپورٽ/نصيراحمد قريشي)ڏگهڙي سميت ضلعي ميرپورخاص جي مختلف علائقن ۾ ڪيلي جي شاندار فصل لهڻ باوجود منڊين ۾ مناسب اگهه نه ملڻ سبب آبادگار سخت پريشان ٿي ويا آهن ڪيلي جي مارڪيٽ ۾ شديد ٻاڙائي منڊين ۾ رسد وڌي وڃڻ ۽ خريدارن جي گهٽتائي سبب آبادگار ۽ باغن جا ٺيڪيدار ڪروڙين رپين جي نقصان کي منهن ڏئي رهيا آهن هن پيري ڪيلي جي غيرمعمولي طور تي بهتر فصل آبادگارن لاءِ معاشي خوشحالي جي اميد پيدا ڪئي هئي پر شاندار پيداوار باوجود مناسب اگهه نه ملڻ سبب ڪيلي جي مارڪيٽ سخت بحران جو شڪار ٿي وئي آهي منڊين ۾ ڪيلي جي وڏي مقدار پهچڻ ۽ طلب جي مقابلي ۾ رسد وڌي وڃڻ ڪري آبادگار ۽ باغن جا ٺيڪيدار سخت مالي مشڪلاتن ۾ مبتلا آهن جڏهن ته ڪيترن ئي آبادگارن لاءِ پيداوار تي آيل خرچ به پورو ڪرڻ ڏکيو بڻجي ويو آهي قومي انگن اکرن موجب پاڪستان ۾ ڪيلي جي پيداوار 2024-25ع دوران رڪارڊ 3 لک 17 هزار ٽن تائين پهچي وئي جڏهن ته 2010-11ع دوران اها پيداوار تقريبن 1 لک 39 هزار ٽن هئي اهڙي ريت 15 سالن دوران ملڪ ۾ ڪيلي جي پيداوار ٻيڻي کان به وڌيڪ ٿي آهي سنڌ، خاص طور تي ميرپورخاص، ڏگهڙي، ٽنڊوالهيار ۽ بدين جا علائقا ڪيلي جي اهم پيداوار وارن علائقن ۾ شمار ٿين ٿا ۽ هتي ڪيلي کي اهم نقد آور فصل جي حيثيت حاصل آهي گذريل سال به سنڌ جي ڪيلي جي آبادگارن کي گهٽ اگهن ۽ فصل ۾ پکڙيل مرض سبب وڏي نقصان کي منهن ڏيڻو پيو هو آبادگارن موجب جيڪڏهن موجوده صورتحال برقرار رهي ته هو ايندڙ سيزن ۾ ڪيلي سميت ٻين نقد آور فصلن جي پوک کان پاسو ڪرڻ تي مجبور ٿي سگهن ٿا آبادگارن جو چوڻ آهي ته هڪ طرف زرعي پيداوار جا خرچ مسلسل وڌي رهيا آهن ته ٻئي طرف فصل وڪرو ڪرڻ وقت مناسب اگهه نه ملڻ سبب کين مالي نقصان برداشت ڪرڻو پوي ٿو جنهن ڪري سندن سمورو معاشي حساب ڪتاب بگڙجي وڃي ٿو ڀاڻ,دوائن,پاڻي,مزدوري ۽ ٽرانسپورٽ جا وڌندڙ خرچ اڳ ئي آبادگارن تي دٻاءُ وڌائي رهيا آهن. آبادگارن سنڌ جي وڏي وزير، صوبائي وزير زراعت ۽ لاڳاپيل اختياريز کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪيلي جي مارڪيٽ ۾ پيدا ٿيل بحران جو فوري نوٽيس وٺي منڊين ۾ شفاف بولي جو نظام يقيني بڻايو وڃي، آڙهتين ۽ خريدارن جي مبينا اجاره داري ختم ڪئي وڃي ۽ آبادگارن کي مناسب اگهه ڏيارڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن، جيئن زرعي شعبي جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ ۽ بهترين فصل پيدا ڪندڙ آبادگار مالي نقصان کان بچي سگهن

ٽنڊوالهيار ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ ڪروڙين رپين جي فنڊز ۾ مبينه ڪرپشن,ڪارروائي نه ٿي

بجيٽ ۾ دوائن . زندگي محفوظ ڪرڻ واري خاص دوائن,غير حاضر ملازمن جون پگهارون سميت ٻين ڪمن لاءِ نڪتل ڪروڙين رپيا هڙپ ٿي ويا

زرداري هائوس ۽ ٻين بااثر شخصيتن جا نالا استعمال ڪري ڊيلي ويجز ملازمن سان منسوب ڪري لکين رپيا پگهارن جي مد ۾ سرڪاري پئسا ڪيرايا ويا

ڊي ايڇ ڪيو اسپتال لاءِ ڏنل 20 ڪروڙ روپين جي واٽر سپلائي اسڪيم ڪاغذن ۾ ته مڪمل ٿي چڪي,پر نظر نٿي اچي

سول اسپتال ۾ ڪا به سهولت نه ملي رهي آهي، غريب عوام علاج لاءِ پريشان آهي، اسپتال ۾ صفائي ناهي ڊاڪٽر ۽ عملو به موجود نه هوندو آهي:شهري

ٽنڊوالهيار(رپورٽ:راجه ساجد خانزاده) ٽنڊوالهيار جي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ ڪروڙين رپين جي فنڊز ۾ مبينه ڪرپشن بعد به ڪارروائي عمل ۾ نه آئي . گذريل ڏيڍ سالن جي بجيٽ ۾ دوائن . زندگي محفوظ ڪرڻ واري خاص دوائن . غيرحاضر ملازمن جون پگهارون سميت ٻين ڪمن لاءِ نڪتل ڪروڙين رپيا هڙپ ٿي ويا . ڊي ايڇ او جي بدلي کان پوءِ به زرداري هائوس ۽ ٻين بااثر شخصيتن جا نالا استعمال ڪري ڊيلي ويجز ملازمن سان منسوب ڪري لکين رپيا پگهارن جي مد ۾ سرڪاري پئسا ڪيرايا ويا جڏهن ته پاڪستان بيورو طرفان ڊي ايڇ ڪيو اسپتال لاءِ ڏنل 20 ڪروڙ روپين جي واٽر سپلائي اسڪيم ڪاغذن ۾ ته مڪمل ٿي چڪي آهي پر ڊي ايڇ ڪيو اسپتال يا ضلعي جي ڪنهن به علائقي ۾ نظر نٿي اچي آئي حوالي سان شهر جي سول سوسائٽي ۽ شهرين چيو آهي ته ماضي کان وٺي سول اسپتال ۾ ڪا به سهولت ملي رهي آهي غريب عوام علاج لاءِ پريشان آهي اسپتالن ۾ صفائي سٿرائي سان گڏ ڊاڪٽر ۽ عملو به موجود نه هوندو آهي اسپتال ۾ ڪٿي به پيئڻ جو پاڻي نٿو ملي ڪروڙين رپين جي اسڪيمون ڪاغذن ۾ مڪمل ڪري پئسا هڙپ ڪيا ويا جن ڪان ڪير پڇڻ وارو نه آهي هنن چيو ته عوام جي علاج جو پئسو کائيندڙن خلاف به ايڪشن ڪيو وڃي جن دوائون . ٿيل . پگهارن ۽ ٻين ڪمن جي مد ۾ ڪوڙا بل ڏاهي ڪروڙين رپيا هڙپ ڪيا انهن جو احتساب به لازم آهي تنهنڪري اعلي ادارن کي اپيل ڪنداسين ته ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ ٿيندڙ مبينا ڪرپشن خلاف ايڪشن وٺي عوام کي رليف ڏياريو وڃي

سيري پوليس پاران مبينه نوجوان کي گرفتار ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

سيري واسين حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ٻي ڏينهن احتجاجي مظاهرو ڪيو

ايس ايڇ او شوڪت درس عديل خاصخيلي کي ڪارخاني مان گرفتار ڪري ڪٺي آيو:والد

ايس ايڇ او اسان جي پٽ کي ظاهر نه ڪيو آهي نه ئي عدالت ۾ پيش ڪري ٿو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد جي علائقي سيري جي رهواسين پوليس پاران نوجوان کي ڪراچي جي ڪارخاني مان گرفتار ڪري گم ڪرڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ڪالهه ٻي ڏينهن احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي پوليس پاران مبينا طور گرفتار ڪري گم ڪيل نوجوان جي پيءُ عرس خاصخيلي ۽ امڙ رحمت خاصخيلي ڏانهيندي چيو ته سيري ٿاڻي جي ايس ايڇ او شوڪت درس اسان جي پٽ عديل خاصخيلي کي ڪراچي جي ٿاڻي بنارس جي حد ۾ واقع پاپڙ ٺاهڻ واري ڪارخاني مان 11سيپٽمبر 2026تي گرفتار ڪري ڪٺي آيو پر 5ڏينهن گذرڻ باوجود ايس ايڇ او اسان جي پٽ کي ظاهر نه ڪيو آهي نه ئي عدالت ۾ پيش ڪري ٿو هنن چيو ته اسان پٽ کي پوليس چوري جي ڪوڙي ڪيس ۾ گرفتار ڪري گم ڪيو آهي هنن چيو ته اسان جي پٽ عديل جي حياتي کي خطرو آهي خدشو آهي ته ايس ايڇ او سيري شوڪت درس ڪيس ڪوڙي پوليس مقابلي ۾ قتل ڪرائي يا هاف فرائي نه ڪري ڇڏي هنن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ,آئي جي سنڌ پوليس,ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي اسان جي پٽ کي آزاد ڪيو وڃي ۽ ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائيندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

مڪي شريف تي حوثي دهشتگردن جا حملا ڳڻتيءَ جو سبب آهي:راشد سومرو

سعودي جي خودمختياري ۽ حرمين شريفين جو تحفظ امتِ مسلمه جي ذميواري آهي

بيت الله ۽ مقدس هنڌن جي بي حرمتي جي ڪنهن به صورت ۾ اجازت نٿي ڏئي سگهجي

سکر (بيورو رپورٽ)جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي قائد علامه راشد محمود سومرو چيو آهي ته مڪي شريف تي حوثي دهشتگردن جا حملا ۽ مقدس سرزمين کي نشانو بڻائڻ سڄي امت مسلمه ۽ انسانيت لاءِ انتهائي ڳڻتيءَ جو سبب آهي هن چيو ته سعودي عرب جي خودمختياري، علائقائي سلامتي ۽ حرمين شريفين جو تحفظ امت مسلمه جي گڏيل ذميواري آهي بيت الله شريف ۽ مقدس هنڌن جي بي حرمتي جي ڪنهن به صورت ۾ اجازت نٿي ڏئي سگهجي.جي يو آءِ سنڌ جي امير مولانا عبدالقيوم هاليجوي چيو آهي ته سعودي عرب جي امن ۽ استحڪام کي نقصان پهچائڻ جي ڪنهن به ڪوشش کي سنجيدگي سان ورتو وڃي مسلم ملڪن کي باهمي اتحاد، يڪجهتي ۽ سفارتي سهڪار ذريعي سعودي عرب جي سلامتي جي تحفظ لاءِ مؤثر ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي هن وڌيڪ چيو ته حرمين شريفين جي حفاظت ۽ تقدس لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون.اهڙي پريس رليز جي يو آءِ سنڌ جي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر اي جي انصاري ميڊيا کي جاري ڪندي چيو ته پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ ڀائرانا ۽ تاريخي لاڳاپا قائم آهن تنهن ڪري پاڪستان کي مسلم امت جي اتحاد ۽ سعودي عرب جي تحفظ لاءِ پنهنجو مؤثر ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.هن چيو ته عالمِ اسلام اختلافن کي هڪ پاسي رکندي حرمين شريفين جي تقدس، خطي جي امن ۽ مسلم ملڪن جي خودمختياري جي تحفظ لاءِ متحد ٿي آواز بلند ڪري هن چيو ته امت مسلمه کي درپيش چئلينجن جو مقابلو اتحاد، يڪجهتي ۽ باهمي سهڪار ذريعي ئي ممڪن آهي جڏهن ته مقدس هنڌن جي حفاظت ۽ امن جو قيام سمورن مسلم ملڪن جي اهم ترجيحن ۾ شامل هجڻ گهرجي

سکر جي يو آءِ اڳواڻ علامه راشد محمود سومرو جلسي کي خطاب ڪندي

مڪلي ۾ وياج خورن خلاف ڪيس داخل ڪرائيندڙ مولوي گم

ڪار سوار ٻن ۽ ٻن سادي ڊريس ۾ خانگي ماڻهن ڪيس ڪنهن گم ڪري ڇڏيو:وارث

مولوي رجب کي پوليس سان گڏ کنيو ويا آهن,هن وياج خوري جو ڪيس داخل ڪرايو هو

ٺٽو (ا ن ع)مڪلي جي جامع مسجد جي پيش امام ۽ وياج خورن خلاف ڪيس داخل ڪرائيندڙ مولوي رجب علي قمبراڻي کي مڪلي ڊي سي آفيس چوڪ وٽان هڪ ڪار ۾ سوار ٻن وردي پوش ۽ ٻن سادي ڊريس ۾ خانگي ماڻهن ڪنهن ڪٿي گم ڪري ڇڏيو آهي,وارثن موجب مطيع الله جان وارن ڪيس پوليس سان گڏ کنيو ويا آهن ڇاڪاڻ جو هن سندن خلاف وياج خوري جو ڪيس داخل ڪرايو هو

پرائمري اسڪول مانجهند جي غريب يتيم شاگردن کي يونيفارم ڏنا ويا

مانجهند(ا ن ع)گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول مانجهند جي معصوم غريب يتيم شاگردن لاءِ دوست انجنيئر شاهد حسين ڪاچي طرفان يونيفارم وٺي ڏنل معصوم شاگردن کي منسٽري آف فيڊرل ايجوڪيشن اين سي ايڇ ڊي ڄامشورو جي گزيٽيڊ سول سرونٽ فيلڊ آفيسر شفيع محمد ملاح، گورنمينٽ هاءِ اسڪول مانجهند جي ايڇ ايم فقير سائين اميربخش لاکو مين پرائمري اسڪول مانجهند جي ايڇ ايم برڪت علي ملاح استادن امداد علي عمراڻي غلام اڪبر ملاح جن ڏنا انهي موقعي تي مخاطب ٿيندي چيو ته تعليم دوست شاهد حسين ڪاچي کي جس هجي جنهن هنن غريب يتيم شاگردن کي يونيفارم وٺي نيڪي جو ڪم ڪيو شفيع ملاح ذاتي ڪوشش وٺي شاهد حسين ڪاچي کي يتيم ٻارن جي لاءِ يونيفارم لاءِ چيو هن ڇهن 6 معصوم شاگردن کي يونيفارم وٺي ڏنا هنن وڌيڪ چيو ته ساڄاهه وند علم دوست ماڻهن کي پرپور حصو وٺڻ کپي تعليم ادارا اسان جا آهن انهن جي سالگي ڪرڻ اسان سڀني جو فرض آهي تڏهن اسان جا تعليمي ادارا ترقي ڪندا صوبائي وزير تعليم سيد سردار شاهه جون ڪاوشون پنهنجي اداري لاءِ نمايان آهن

سکر ۾ بس ٽرمينلن تان غيرقانوني پارڪنگ جي خاتمي لاءِ ٽرانسپورٽ ڪاٽو متحرڪ

آر ٽي سيڪريٽري غيرقانوني طور بيٺل گاڏين خلاف ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي

ٽرانسپورٽر شاهراهن ۽ آمدرفت جي رستن تي گاڏيون پارڪ ڪرڻ کان پاسو ڪن:فياض منگي

سکر (بيورو رپورٽ)ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان جي حڪمن تي ٽريفڪ جي رواني بهتر بڻائڻ ۽ بس ٽرمينلن جي چوڌاري غيرقانوني پارڪنگ جي خاتمي لاءِ ٽرانسپورٽ ڪاٽو متحرڪ ٿي ويو آهي آر ٽي سيڪريٽري ٽرانسپورٽ سکر فياض حسين منگي جي اڳواڻي ۾ ٽرانسپورٽ کاتي جي ٽيم سکر بس ٽرمينل، روهڙي بس ٽرمينل ۽ مختلف هنڌن جو معائنو ڪري غيرقانوني طور بيٺل گاڏين خلاف ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي ڪارروائي دوران ٽرانسپورٽرن، گاڏين جي مالڪن ۽ ڊرائيورن کي هدايت ڪئي وئي ته بس ٽرمينلن اهم شاهراهن ۽ آمدرفت جي رستن تي گاڏيون غيرقانوني طور پارڪ ڪرڻ کان پاسو ڪن جيئن ٽريفڪ جي رواني متاثر نه ٿئي ۽ مسافرن توڙي شهرين کي تڪليف کي منهن نه ڏيڻو پوي.ٽرانسپورٽ کاتي پاران گاڏي مالڪن کي واضح وارننگ ڏني وئي ته غيرقانوني پارڪنگ بابت جاري ڪيل هدايتن تي عمل ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي.آر ٽي سيڪريٽري سکر فياض حسين منگي چيو ته بس ٽرمينلن ۽ شهر جي اهم هنڌن تي ٽريفڪ نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪارروائين جو سلسلو جاري رکيو ويندو هن لاڳاپيل عملي کي هدايت ڪئي ته غيرقانوني پارڪنگ جي نشاندهي ۽ روڪٿام لاءِ اثرائتي نگراني يقيني بڻائي وڃي

سکر غير قانوني پارڪنگ خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

بوزدارواڊا ۾ شمس آباد محلي جي رهواسين پاران ٻاڦرن جي زيادتين خلاف احتجاج

گهرن ڏانهن اچڻ وڃڻ جا رستا بند ڪرڻ ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ خلاف ڌرڻو هنيو ويو

ٻاڦرن اچڻ وڃڻ جا رستا لوڙها هڻي ٻن ڏينهن کان بند ڪري ڇڏيا آهن:مظاهرين

بوزدارواڊا(ن ع)ڳوٺ ٿلي ٻهڻ جي شمس آباد محلي جي رهواسين جو ٻاڦرن جي زيادتين ۽ گهرن ڏانهن اچڻ وڃڻ جا رستا بند ڪرڻ ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ خلاف بوزدارواڊا ٿلي لنڪ روڊ تي عصر الدين سروري اسد الله سروري مجيب الرحمان محمد يوسف غلام صمداني ۽ عبدالرحيم سروري احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي ڳوٺائن ڏانهيندي الزام هنيندي ميڊيا کي ٻڌايو ته ٻاڦرن محمد رمضان سروري سراج سروري سڪندر ايوب نواب حيدار عالم غلام محمد پير محمد ۽ ٻاڦر هادي بخش ابوپوٽو زبردستي هٿيارن جي زور تي اسان 10 ڪان وڌيڪ گهرن جي اچڻ وڃڻ جا رستا لوڙها هڻي ٻن ڏينهن کان بند ڪري ڇڏيا آهن ۽ جنهن سبب اسان جون عورتون ۽ ٻارڙا گهرن ۾ موجود آهن ۽ کاڌ خوراڪ ختم ٿي وئي آهي ۽ گهر پاڻي سخت پريشان آهن ۽ گهرن کان ٻاهران هٿيارٻند ويٺل آهن ۽ گهرن تائين محدود آهن ۽ اسان لڪي جانيون بچائي ٻاهر نڪتا آهيون بااثر اسان کي مسجد ۾ نماز پڙهڻ به نٿا ڏين ۽ اسان جي معان تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا آهن جنهن ۾ 2 ڪيس انڪوائرين بعد ڪوڙا نڪتا ۽ وري اسان جي نوجوان معان صورت ساز زيادتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائي اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي ۽ ٻاهران هٿيارٻند گهرايا آهن ۽ محلي ۾ اسان جي گهرن اڳيان سري هٿيار ڪٺي گهمي رهيا آهن اسان غريب مسڪين آهيون بااثر اسان معان وڏو ظلم ڪري رهيا آهن هنن وزير اعلي سنڌ آءِ جي سنڌ صوبائي گهرو وزير ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور ايس ايڇ او بوزدارواڊا ۽ ٻيا وس وارا ۽ انساني حقن وارين تنظيمون نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪري معين جوابدارن معان ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪري گهرن ڏانهن اچ وڃ جا ٻاڦرن پاران بند ڪيل رستا کولرائي ڪوڙا ڪيس ختم ڪري جان جو تحفظ فراهم ڪيو وڃي اسان غريب مسڪين آهيون جهيڙو ڪرڻ نٿا چاهيون

هوسڙي واسي زال ۽ مڙس جو گهر تي مبينا قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)هوسڙي واسي زال ۽ مڙس گهر تي مبينا قبضي خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي نصرت ٻليدي ڏانهيندي الزام هنيو ته محرم ڪوسو صادق ڪوسو ۽ شاهنواز ڪوسو وارا اسان جي گهر تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن هنن الزام هنيو ته ڄاڻايل ماڻهو گهر ۾ گهڙي تشدد جو نشانو بڻايو آهي جڏهن ته موٽمار ڌمڪيون پڻ ڏنيون ويا آهن,هن چيو ته حد جي پوليس اسان جي هڪ نٿي ٻڌي هنن وس وارن کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

سڪرنڊ جي ڪاروباري شخصيت حاجي غلام مرتضيٰ ڍيو سان سرهنئي سانجهه ملهائي وئي

سڪرنڊ (س ر)سڪرنڊ شهر جي سياسي سماجي ۽ ڪاروباري شخصيت حاجي غلام مرتضيٰ ڍيو سان سندس خدمتن عيوض سيد فياض علي شاهه پاران ڍٻيا هائوس تي سرهنئي سانجهه ملهائي وئي جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي جڏهن ته رئيس اسدالله راهو، سنڌ ۾ فيصلن جي راڄوڻي امين حاجي علي نواز چانڊيو ۽ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي اعزازي مهمان طور شرڪت ڪئي جن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته حاجي غلام مرتضيٰ ڍيو هڪ با ڪردار ۽ پيار ونڊيندڙ نوجوان آهي سندس وٽان هميشه محبتون ملنديون آهن اج توڙي جو سندس جنم ڏينهن آهي جيڪو يقينا خوشيءَ جو ڏينهن آهي پر هن در تان سدائين خوشيون ورهايون وينديون آهن اسان جي دعا آهي پاڪ پروردگار کيس صحت سالم سان ڏگهي ڄمار عطا فرمائي جنهن تي ڪجهريءَ جي گهوٽ حاجي غلام مرتضيٰ ڍيو ڳالهائيندي چيو ته مان پاڻ کي خوشنصيب ماڻهو سمجهندو آهيان ڇاڪاڻ جو مونکي جيڪي دوست مليا آهن سي سڀ مخلص ۽ سچا آهن

ڪنڊيارو ۾ چور هول سيل دڪان جا تالا ٽوڙي 87 هزار رپيا ۽ قيمتي سامان چورائي فرار

سڪر (بيورو رپورٽ)ڪنڊيارو ۾نامعلوم چورن هول سيل دڪان جا تالا ٽوڙي 87 هزار رپيا ۽ قيمتي سامان چورائي فرار ان سلسلي ۾ ڪنڊيارو بائي پاس پرسان هول سيل سامان جي واپاري ڪيلاش ڪمار جي دڪان ۾ رات جي وقت نامعلوم چورن داخل ٿي تالا ٽوڙي دڪان مان 87 هزار رپيا روڪ رقم، لڪس صابڻ ۽ ٻين جي ڪارٽن سميت ٻيو قيمتي سامان چورائي فرار ٿي ويا.واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي جاچ ورتو ۽ چورن جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي آهي متاثر واپاري ڪيلاش ڪمار پوليس ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واردات ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري چوري ٿيل رقم ۽ سامان واپس ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي

سيڪريٽري سنڌ بلڊ ٽرانسفيوزن اٿارٽي پاران ٿيليسيميا پريوينشن پروگرام جو دورو

غلام نبي چنا ڊاڪٽر درِناز جمال کي ڪارڪردگي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

ٿيليسيميا کان بچاءَ ۽ ان جي روڪٿام بابت مڪمل آگاهي فراهم ڪئي وڃي ٿي:بريفنگ

سڪرنڊ (س ر)سنڌ بلڊ ٽرانسفيوزن اٿارٽي جي سيڪريٽري ڊاڪٽر درِ ناز جمال نوابشاهه پهچي نادرا سينٽر سانگهڙ روڊ شهيد بينظير آباد ۾ قائم ٿيل ٿيليسيميا پريوينشن پروگرام (ڊيسڪ) جو دورو ڪيو ان موقعي تي ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي چنا ڪيس ٿيليسيميا پريوينشن ڪائونٽر جي سڄي سال جي ڪارڪردگي بابت تفصيلي بريفنگ ڏيندي ڪيس ٻڌايو ويو ته نادرا سينٽر تي ايندڙ ماڻهن کي ٿيليسيميا کان بچاءَ ۽ ان جي روڪٿام بابت مڪمل آگاهي فراهم ڪئي وڃي ٿي جڏهن ته انهن جي CBC۽ Hb اليڪٽروفوريسس ٽيسٽ پڻ ڪئي وڃي ٿي ته جيئن ٿيليسيميا ڪيريئر ماڻهن جي بروقت سڃاڻپ ممڪن بڻجي سگهي جنهن تي ڊاڪٽر درِناز جمال ٿيليسيميا پريوينشن ٽيم جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي چيو ته عام آبادي ۾ تقريبن 5 کان 7 سيڪڙو ماڻهو ٿيليسيميا مائنر/ڪيريئر ٿي سگهن ٿا، تنهنڪري اهڙن هنڌن تي اسڪريننگ ۽ آگاهي انتهائي اهم آهي هن وڌيڪ چيو ته نادرا ٿيليسيميا پريوينشن پروگرام (ڊيسڪ) ذريعي نه رڳو وڏي انگ ۾ ماڻهن تائين ٿيليسيميا کان بچاءَ جو پيغام پهچي رهيو آهي پر ٿيليسيميا ڪيريئر ماڻهن جي سڃاڻپ کان پوءِ انهن کي مناسب فالو اپ ۽ رهنمائي پڻ فراهم ڪئي وڃي ٿي ڊاڪٽر درِناز جمال ٿيليسيميا پريوينشن ٽيم جي خدمتن کي ساراهيندي چيو ته ٽيم نهايت محنت ۽ بهترين طريقي سان ٿيليسيميا جي روڪٿام لاءِ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي

سڪرنڊ سيڪريٽري سنڌ بلڊ ٽرانسفيوزن اٿارٽي پاران ٿيليسيميا پريوينشن پروگرام جو دورو

محرابپور ڪوٽڙي ڪبير لنڪ روڊ تي هٿيارٻندن هٿان موٽرسائيڪل سوار قتل

هٿيارٻندن گهلي روڊ تي آڻي مڪس فائر ڪري موٽر سائيڪل تي چڙهي فرار ٿي ويا

بي ايڇ يو ڪوٽڙي ڪبير ۾ زخمن جا سور نه سهندي ملڪ مگسي فوت ٿي ويو

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع)محرابپور ڪوٽڙي ڪبير لنڪ روڊ تي حضور بخش رند پل پرسان ٻن نقاب پوش نامعلوم هٿيارٻندن موٽر سائيڪل سوار ملڪ مگسي کي گوليون هڻي ڪيرائي وڌو. ملڪ مگسي جان بچائڻ لاءِ سارين جي فصل ۾ ڀڄي ويو,جتان هٿيارٻندن گهلي روڊ تي آڻي سرعام مڪس فائر ڪري ون ٽو فائيو موٽر سائيڪل تي چڙهي فرار ٿي ويا,زخمي کي فوري طور بي ايڇ يو ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ آندو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي ملڪ مگسي فوت ٿي ويو.قتل جو ڪارڻ پوياڻ پراڻي دشمني ٻڌايو وڃي ٿو.وڌيڪ محرابپور تفشيش ڪري رهي آهي.پوليس موجب وارث ايندا ته پوءِ ڪيس داخل ڪنداسين

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هيءُ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 17 سيپٽمبر 2026ع

مڪ دفاعي معاهدو: امن، سلامتي ۽ گڏيل ذميواري

وزيراعظم شهباز شريف پاران مڪي تي ميبنا ڊرون حملي جي ڪوشش جي مذمت ۽ سعودي عرب جي خودمختياري، علائقائي سالميت، سلامتي ۽ حرمين شريفين جي تحفظ لاءِ پاڪستان جي ڀرپور ساٿ جو اظهار ٻنهي ملڪن جي گهري ڀائپي ۽ گڏيل ذميوارين جي عڪاسي ڪري ٿو مڪي ۽ مديني جي مقدس سرزمين سان مسلمانن جي عقيدت جو تعلق رکڻو ڪنهن هڪ ملڪ تائين محدود ناهي پر سڄي اسلامي دنيا جي دلين ۾ انهن مقدس ماڳن لاءِ احترام ۽ محبت موجود آهي اهڙي صورتحال ۾ انهن جي سلامتي بابت هر خدشو فطري طور تي مسلمانن لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب بڻجي ٿو مڪ دفاعي معاهدي بابت پاڪ فوج جي ترجمان ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌريءَ جو بيان به اهميت رکي ٿو هن واضح ڪيو آهي ته پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪيءَ وچ ۾ ٿيل اهو معاهدو جارحاڻي مقصدن لاءِ نه پر گڏيل دفاع ۽ علائقائي سلامتيءَ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ آهي معاهدي ۾ شامل ڪنهن هڪ ملڪ تي حملو ٿيڻ جي صورت ۾ ٽئي ملڪ گڏجي صلاح مشوري سان ردعمل جو فيصلو ڪندا هن وضاحت مان ظاهر ٿئي ٿو ته معاهدي جو بنيادي مقصد ڪنهن ملڪ خلاف محاذ کولڻ بدران گڏيل تحفظ جو هڪ اهڙو نظام قائم ڪرڻ آهي، جنهن سان خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي هٿي ملي سگهي دفاعي معاهدن جي اهميت ان وقت تهائين وڌي وڃي ٿي، جڏهن دنيا جي مختلف علائقن ۾ ڇڪتاڻ، هٿيارن جي واڌ ۽ طاقت جي مقابلي جا رجحان وڌي رهيا هجن اهڙي ماحول ۾ ملڪن جو هڪ ٻئي سان تعاون ڪرڻ فطري ڳالهه آهي پر ان تعاون جي ڪاميابيءَ جو دارومدار ان ڳالهه تي هوندو آهي ته ان جا مقصد ڪهڙا آهن ۽ ان تي عمل دوران ڪهڙيون حدون مقرر ڪيون وڃن ٿيون جيڪڏهن گڏيل دفاع جو مقصد رڳو پنهنجن ملڪن جي سلامتي، خودمختياري ۽ عوام جي تحفظ تائين محدود رهي ته اهو علائقائي امن لاءِ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو

پاڪستان لاءِ سعودي عرب سان لاڳاپا رڳو سفارتي يا دفاعي نوعيت جا ناهن پر انهن ۾ مذهبي، تاريخي، معاشي ۽ عوامي لاڳاپن جا ڪيترائي پاسا شامل آهن سعودي عرب ۾ حرمين شريفين جي موجودگيءَ سبب پاڪستاني عوام جي دلين ۾ ان ملڪ لاءِ خاص احترام آهي ان ڪري سعودي عرب جي سلامتيءَ بابت پاڪستان جو سنجيده رويو ۽ گڏيل دفاعي تعاون ۾ حصو وٺڻ ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن جي فطري واڌ سمجهيو وڃي ٿو ساڳئي وقت ترڪيءَ سان پاڪستان جا تاريخي ۽ ڀائپيءَ وارا واسطا پڻ هن سهڪار کي وڌيڪ وسيع بنياد فراهم ڪن ٿا. پاڪ فوج جي ترجمان اهو به چيو آهي ته دفاعي واعدن تي عمل درآمد جا عملي تفصيل عوامي سطح تي ظاهر نٿا ڪري سگهجن ڇاڪاڻ ته فوجي منصوبابندي ۽ سلامتيءَ سان لاڳاپيل معلومات حساس هوندي آهي اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي سمجهڻ جوڳي آهي ڇاڪاڻ ته ڪنهن به ملڪ جي دفاعي حڪمت عمليءَ جا سمورا تفصيل عام ڪرڻ سان ان جي سلامتيءَ کي نقصان پهچي سگهي ٿو تنهن هوندي به عوام کي معاهدي جي بنيادي مقصدن، قانوني حيثيت، دائري ۽ ذميوارين بابت مناسب ڄاڻ فراهم ڪرڻ ضروري آهي، جيئن افواهن ۽ غلط فهمين کي هٿي نه ملي مڪ دفاعي معاهدي جي حوالي سان اهو اصول به اهم آهي ته ڪنهن هڪ ملڪ تي حملو ٿيڻ جي صورت ۾ ٽنهي ملڪن جي گڏيل صلاح مشوري سان ردعمل جو فيصلو ڪيو ويندو ان جو مطلب اهو آهي ته ڪنهن به امڪاني صورتحال ۾ جذبات بدران حقيقتن حالتن ۽ گڏيل مفادن کي نظر ۾ رکيو ويندو دفاعي سهڪار جو مقصد ٽڪرار کي وڌائڻ نه پر اهڙين حالتن کي روڪڻ هجڻ گهرجي، جيڪي جنگ ۽ تباهيءَ جو سبب بڻجن دنيا جي تاريخ مان به اهو سبق ملي ٿو ته طاقت جو استعمال آخري رستو هجڻ گهرجي، جڏهن ته ڳالهين سفارتڪاري ۽ گڏيل ڪوششن کي پهرين ترجيح ڏيڻ گهرجي

فيول رليف ــ پراڻين گاڏين جي مالڪن سان ناانصافي ڇو؟

وزيراعظم پاران عوام کي تيل جي وڌندڙ قيمتن کان ڪجهه سهارو ڏيڻ لاءِ فيول رليف پيڪيج جو اعلان، موجوده مهانگائيءَ جي صورتحال ۾ هڪ اهم قدم آهي پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ واڌ سبب عام ماڻهوءَ جي گهرو بجيٽ تي بار وڌي رهيو آهي اهڙي صورتحال ۾ سفري خرچن ۾ گهٽتائي آڻڻ لاءِ حڪومت طرفان رليف ڏيڻ جي ڪوشش عوام لاءِ اميد جو سبب بڻجي سگهي ٿي پر هن پيڪيج ۾ شامل شرطن بابت ڪجهه اهم سوال به اڀرن ٿا، جن تي حڪومت کي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ گهرجي. پيڪيج موجب 2011ع کان پوءِ رجسٽرڊ ٿيل گاڏين کي فيول رليف جي سهولت ڏني ويندي، جڏهن ته ان کان اڳ رجسٽرڊ ٿيل گاڏين جو تعداد به وڏو آهي. اهي گاڏيون به عام شهرين جي ملڪيت آهن ۽ انهن جا مالڪ به پيٽرول ۽ ڊيزل جي وڌندڙ قيمتن کان متاثر ٿي رهيا آهن پوءِ سوال اهو آهي ته پراڻين گاڏين کي هن رليف کان محروم رکڻ جو جواز ڪهڙو آهي؟ ڇا گاڏيءَ جي رجسٽريشن جو سال ان ڳالهه جو مناسب معيار ٿي سگهي ٿو ته ڪهڙو شهري رليف جو حقدار آهي ۽ ڪهڙو نه؟ حڪومت کي گهرجي ته فيول رليف پيڪيج جي شرطن تي ٻيهر غور ڪري ۽ اهڙو نظام جوڙي، جنهن ۾ گاڏيءَ جي ماڊل يا رجسٽريشن جي سال بدران مالڪ جي آمدني، روزاني استعمال ۽ ضرورت کي به نظر ۾ رکيو وڃي جيڪڏهن انتظامي يا مالي سببن جي ڪري سڀني گاڏين کي هڪجهڙو رليف ڏيڻ ممڪن نه هجي ته گهٽ ۾ گهٽ پراڻين گاڏين جي انهن مالڪن لاءِ الڳ رليف رکيو وڃي، جيڪي واقعي ان جا مستحق آهن. عوامي رليف جو بنيادي مقصد ماڻهن جي مشڪلاتن کي گهٽائڻ هجڻ گهرجي، نه ڪي نون ۽ پراڻين گاڏين جي مالڪن ۾ فرق پيدا ڪرڻ. وزيراعظم کي گهرجي ته هن معاملي جو نوٽيس وٺي، لاڳاپيل ادارن کان وضاحت طلب ڪري ۽ پيڪيج ۾ اهڙيون تبديليون آڻي، جن سان ڪنهن به مستحق شهريءَ کي رڳو گاڏيءَ جي رجسٽريشن جي سال سبب محروم نه رهڻو پوي. عوام کي رليف تڏهن ئي حقيقي معنيٰ ۾ محسوس ٿيندو جڏهن ان جا فائدا منصفاڻي نموني سڀني ضرورتمند ماڻهن تائين پهچندا.

ايل نينو بابت غلط فهميون: حقيقت ڇا آهي؟

محمد اسلم سميجو

ايل نينو بابت تازو لکيل هڪ ڪالم: (لا نينا کان ايل نينو تائين، ليکڪ: عمران يعقوب) انهيءَ آرٽيڪل ۾ ڪجهه اهڙيون ڳالهيون بيان ڪيون ويون آهن، جنهن مان پڙهندڙن ۾ غلط فهمي پيدا ٿي سگهي ٿي. موسم ۽ سمنڊ جي تبديليءَ کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته ايل نينو بابت حقيقتن کي سادي نموني بيان ڪيو وڃي. **پهرين غلطي:** ايل نينو ٿڌي پاڻيءَ سبب ٿيندو آهي. اها ڳالهه درست ناهي. ايل نينو دوران خط استوا جي ويجهو پئسفڪ سمنڊ جي وچ ۽ اوڀر واري حصي جو مٿاڇري وارو پاڻي معمول کان وڌيڪ گرم ٿي ويندو آهي. عام حالتن ۾ سامونڊي هوائون گرم پاڻيءَ کي اولهه طرف ڌڪينديون آهن ۽ اوڀر واري حصي ۾ هيٺيان موجود ٿڌو پاڻي مٿي ايندو آهي. ايل نينو دوران اهي هوائون ڪمزور ٿي وڃن ٿيون، جنهن ڪري ٿڌي پاڻيءَ جي مٿي اچڻ وارو عمل گهٽجي وڃي ٿو ۽ سمنڊ جو مٿاڇرو وڌيڪ گرم ٿي وڃي ٿو.

ٻي غلطي: ايل نينو ۽ لا نينا هڪ ئي حالت آهن. اها به درست ڳالهه ناهي ايل نينو ۽ لا نينا هڪ ٻئي جي ابتڙ حالتون آهن. ايل نينو ۾ پئسفڪ سمنڊ جو پاڻي معمول کان وڌيڪ گرم ٿيندو آهي، جڏهن ته لا نينا ۾ اهو پاڻي معمول کان وڌيڪ ٿڌو ٿيندو آهي.

ٽين غلطي: هر طاقتور ايل نينو کي سرڪاري طور تي "سپر ايل نينو" چيو ويندو آهي. اهو مناسب ناهي. ايل نينو جي طاقت بيان ڪرڻ لاءِ عام طور تي ڪمزور، وچولي، مضبوط يا تمام مضبوط جهڙا لفظ استعمال ڪيا ويندا آهن. تنهنڪري هر طاقتور ايل نينو کي "سپر ايل نينو" چوڻ سائنسي طور ضروري ناهي.

چوٿين غلطي: موجوده ايل نينو بابت بنا ثبوت جي انتهائي دعوائون ڪرڻ آهي هن وقت ايل نينو مضبوط ٿي رهيو آهي ۽ عالمي موسمياتي ادارن موجب ان جي شدت وڌيڪ وڌڻ جا امڪان آهن. پر ان کي ڪنهن مخصوص عرصي جو سڀ کان وڏو واقعو قرار ڏيڻ لاءِ پڪي ۽ معتبر انگ اکرن جي ضرورت آهي. موسم بابت ڳالهائيندي اندازن کي حقيقت طور پيش ڪرڻ بدران امڪان ۽ اڳڪٿي طور بيان ڪرڻ گهرجي.

پنجين غلطي: ايل نينو کي هزارين سالن جي سڀ کان وڏي موسمياتي تبديلي قرار ڏيڻ آهي. اهڙي دعويٰ لاءِ مضبوط سائنسي ثبوت ضروري آهن. رڳو ايل نينو جي شدت وڌڻ مان اهو ثابت نٿو ٿئي ته اها هزارين سالن جي سڀ کان وڏي موسمياتي تبديلي آهي.

ڇهين غلطي: 2027ع کي پڪ سان دنيا جو سڀ کان گرم سال قرار ڏيڻ آهي. مستقبل بابت اهڙي ڳالهه يقين سان نٿي چئي سگهجي. ايل نينو ايندڙ سال جي گرميءَ تي اثر وجهي سگهي ٿو پر گرمي پد تي ڪيترائي ٻيا قدرتي ۽ موسمياتي سبب پڻ اثرانداز ٿي سگهن ٿا. تنهنڪري صحيح اهو ٿيندو ته 2027ع ۾ انتهائي گرميءَ جو امڪان وڌي سگهي ٿو، نه ته اهو پڪ سان دنيا جو سڀ کان گرم سال هوندو.

ستين غلطي: پاڪستان جي موسم کي رڳو ايل نينو سان ڳنڍڻ آهي. پاڪستان ۾ برساتون ۽ گرمي پد رڳو ايل نينو سبب مقرر نٿا ٿين. عربي سمنڊ، هندي سمنڊ، سامونڊي گرمي، هوائن جا رخ، هوا جو دٻاءُ ۽ ٻين موسمياتي حالتن جو به وڏو ڪردار آهي. ان ڪري ايل نينو کي پاڪستان لاءِ سڌي طرح "سوڪهڙي جو سبب" يا "وڌيڪ برسات جو سبب" قرار ڏيڻ صحيح ناهي.

اٺين غلطي: موسم جي اڳڪٿيءَ کي حتمي فيصلو سمجهڻ غلط آهي موسم جي اڳڪٿي وقت سان تبديل ٿي سگهي ٿي. خاص ڪري ڪيترن مهينن اڳ واري اڳڪٿيءَ ۾ نوان انگ اکر اچڻ سان نتيجا به تبديل ٿي سگهن ٿا. تنهنڪري ڊگهي مدي واري اڳڪٿيءَ کي هميشه امڪان طور ڏسڻ گهرجي، حتمي فيصلي طور نه.

ايل نينو کي سمجهڻ لاءِ سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته اهو پئسفڪ سمنڊ جي وچ ۽ اوڀر واري خط استوا واري حصي ۾ سامونڊي پاڻيءَ جي غيرمعمولي گرمي ۽ سامونڊي هوائن ۾ تبديليءَ سان لاڳاپيل حالت آهي. تنهنڪري ٿڌي پاڻيءَ کي ايل نينو جو بنيادي سبب قرار ڏيڻ درست ناهي. ٿڌي پاڻيءَ جو مٿي اچڻ يا گهٽجڻ ايل نينو جي پيدا ٿيڻ واري عمل جو اهم حصو آهي. موسم جي خبر ڏيڻ وقت اسان سڀني جي ذميواري آهي ته دعوائن بدران حقيقتون، امڪان بدران يقين جا لفظ ۽ سائنسي ڄاڻ کي سادي ٻوليءَ ۾ عوام تائين پهچايون.

اسٽيج ضرور ڪِريو، پر حوصلو نه ڪِريو!

ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ 'پريم نگر' جي ليجنڊ آف لَوُ طرفان ڪامياب ميوزيڪل چيئرٽي پروگرام ڪرائڻ کان پوءِ اسلام آباد ۾ به هڪ وڏو چيئرٽي پروگرام ڪرڻ جو خواب ڏسڻ ته آسان هو پر ان خواب کي حقيقت بڻائڻ ڏاڍو ڏکيو هو ۽ جڏهن پروگرام کان صرف هڪ رات اڳ طوفان سبب اسٽيج ڪري پيو ته اُن کي ٻيهر بيهارڻ لڳ ڀڳ ناممڪن لڳي رهيو هو پر اڄ جڏهن آئون 12 سيپٽمبر تي اسپورٽس ڪمپليڪس ۾ ٿيل ان چيئرٽي اسپورٽس ۽ ميوزيڪل شو جي سڄي سفر کي پوئتي مڙي ڏسان ٿو ته هڪ طرف مون کي اسلام آباد جا اُهي سچا، درد رکندڙ ۽ فرشتن جهڙا ماڻهو نظر اچن ٿا، جن معصوم ٻارن جي چهرن تي خوشي آڻڻ لاءِ 'پريم نگر' جي انسانيت جي خدمت واري مشن ۾ منهنجو ڀرپور ساٿ ڏنو ٻئي طرف، بدقسمتيءَ سان منهنجو واسطو اسلام آباد جي ڪجهه اهڙن طاقتور ۽ بااثر ماڻهن سان به پيو جن کي مفت داخلا جا پاس ۽ خاص پروٽوڪول نه ملڻ جي ڪري، هن خاص ٻارن جي پروگرام کي ناڪام ڪرڻ لاءِ هر قدم تي رڪاوٽون وڌيون انهن 'پريم نگر' جي هن محبت ۽ انسانيت واري سفر کي ناڪام ڪرڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏي منهنجي خواهش هئي ته اسلام آباد ۾ هڪ اهڙو منفرد ۽ يادگار پروگرام ڪرايان جنهن ۾ راڳ، موسيقي، ثقافت ۽ انسانيت سڀ هڪ ئي هنڌ گڏ نظر اچن جيڪڏهن پروگرام کان هڪ رات اڳ سخت طوفان سبب اسان جو تمام وڏو ۽ اوچو اسٽيج ڪري ها ته مون کي پڪ هئي ته هيءُ پروگرام اسلام آباد جي تاريخ ۾ هڪ نئون رڪارڊ قائم ڪري ها. پر پوءِ مون الله جي فيصلي آڏو پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ هن ڏکئي وقت ۾ به همت نه هاري. آخرڪار آئون پنهنجي ثابت قدمي ۽ حوصلي سان هن آزمائش مان ڪامياب ٿي نڪتس

منهنجي نظر ۾ هن پروگرام جي اصل ڪاميابي اسٽيج ڪيترو وڏو هو، ڪيترا ماڻهو آيا يا موسيقيءَ جي محفل ڪيتري وڏي هئي اها نه هئي منهنجي لاءِ سڀ کان وڌيڪ خوشيءَ جي ڳالهه اها هئي ته اسلام آباد جي مختلف ادارن سان واسطو رکندڙ خاص ٻار پاڪستان اسپورٽس ڪمپليڪس ۾ گڏ ٿيا. انهن راندين ۾ حصو ورتو، ڊوڙيا، کيڏيا، ڪي کٽيا ته ڪي هارايا. پر سڀني پنهنجي خوشيءَ جو ڀرپور اظهار ڪيو آئون اهو لمحو ڪڏهن به نه وساريندس، جڏهن آهي ٻار قطار ناهي پروگرام جي آخري مرحلي ڏانهن وڌي رهيا هئا. انهن جنهن بهترين نظم ۽ ضبط جو مظاهرو ڪيو ان سڀني ماڻهن کي تاڙيون وڄائڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو انهن جي اکين ۾ خوشيءَ جي چمڪ ۽ چهرن تي مُرڪ منهنجي لاءِ ڪنهن به وڏي رڪارڊ کان وڌيڪ قيمتي هئي هن موقعي تي آئون ڊائريڪٽوريٽ آف اسپيشل ايجوڪيشن اسلام آباد جو دل جي گهراين سان شڪرگذار آهيان، جنهن هن فلاحي مقصد جي ڪُلي دل سان حمايت ڪئي ۽ مختلف ادارن مان خاص ٻارن کي پروگرام ۾ شرڪت ڪرائڻ لاءِ منهنجو ساٿ ڏنو ساڳيءَ طرح مان چيئرمين سي ڊي اي جو به خاص طور تي شڪرگذار آهيان جڏهن مون ڪيس 'پريم نگر' ۽ خاص ٻارن لاءِ هلندڙ هن عظيم خدمت واري مشن بابت ٻڌايو، ته هن فوراً سهڪار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ان کان علاوه چيئرمين پي ٽي ڊي، اسلام آباد جي ضلعي انتظاميا، پوليس، سياسي ۽ فوجي قيادت ۽ ٻين ادارن سان گڏوگڏ ڪجهه مددگار ۽ ملندڙ ماڻهن به مڪمل سهڪار ڪرڻ جي خاطري ڪرائي پر چيئرٽي شو ٿيڻ کان ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ ڏکيو وقت به آيو ڪجهه اهڙا ماڻهو سرگرم ٿي ويا، جيڪي هن فلاحي پروگرام کي ناڪام ڪرڻ چاهيندا هئا. صورتحال اهڙي ٿي وئي جو لڳو ته شايد هاڻي هي پروگرام ڪڏهن به نه ٿي سگهندو اهڙي ڏکئي وقت ۾ انسانيت جو درد رکندڙ ڪجهه ماڻهو اڳتي آيا. انهن منهنجو قدم قدم تي ساٿ ڏنو ۽ پردي پٺيان رهي هن پروگرام کي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ تمام اهم ڪردار ادا ڪيو. انهن وڏي دل ۽ سٺي ڪردار وارن ماڻهن پنهنجي عمل سان ثابت ڪري ڇڏيو ته اڄ به اسان جي معاشري ۾ اهڙا ماڻهو موجود آهن جن جي نيڪين ۽ انسانيت جي ڪري الله جي رحمت ۽ برڪت اسان جي پياري ملڪ تي قائم آهي اسلام آباد کي عام طور تي حيثيت، عهدي ۽ پروٽوڪول جو شهر چيو ويندو آهي هتي ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ جي عزت به سندس عهدي ۽ گريڊ سان ماپي ويندي آهي عام طور تي اهو خيال هوندو آهي ته وڏن تفريحي پروگرامن ۾ بااثر ماڻهن لاءِ مفت پاس ۽ خاص پروٽوڪول لازمي هجڻ گهرجن مون هن روايت کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي مون هر ماڻهوءَ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته مفت پاس وٺڻ بدران ٽڪيٽ خريد ڪريو. ڇو ته

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

توهان جي خريد ڪيل هڪ ٽڪيٽ به ڪنهن مجبور ۽ ضرورت مند ماڻهوءَ جي زندگي بهتر ڪرڻ ۾ مددگار ٿي سگهي ٿي 'پريم نگر' جي هن پروگرام ۾ منهنجي ڪوشش اها هئي ته انسانيت جي خدمت جي اڳيان ڪنهن جو عهدو وڏو يا ننڍو نه سمجهيو وڃي انهيءَ سوچ تحت مون اهو يقيني بڻايو ته پلي ڪو ماڻهو 40هزار رپين جي ٽڪيٽ وٺي يا 3هزار رپين جي ٽڪيٽ، سڀ ماڻهو هڪ ئي دروازي مان اندر داخل ٿين منهنجي نظر ۾ اها ئي حقيقي برابري آهي جڏهن الله جي سامهون سڀ ماڻهو برابر آهن ته پوءِ انسانيت جي خدمت واري ڪم ۾ به سڀني سان برابري ٿيڻ گهرجي 'پريم نگر' جي هن سفر دوران مون کي سرڪاري آفيسرن ۽ انتظاميا جي طرفان مختلف مشڪلاتن کي به منهن ڏيڻو پيو ڪجهه بااثر ماڻهو ان ڳالهه تي ناراض ٿي ويا ته مون سندن خاندان کي مفت پاس ڏيڻ بدران ٽڪيٽ خريد ڪرڻ لاءِ چوچيو. انهن پنهنجي ڪاوڙ انهن ننڍن ملازمن تي ڪڍي، جيڪي منهنجي مدد ڪري رهيا هئا. مون تي دٻاءُ وجهڻ لاءِ مختلف طريقا به آزمايا ويا. مون کي انهن ڳالهين تي افسوس ضرور ٿيو پر مون پنهنجي اصولن تي سمجهوتو نه ڪيو پوءِ آخرڪار اها رات اچي وئي جيڪا آئون ڪڏهن به وساري نه سگهندس لڳي رهيو هو ته الله منهنجي ارادي جو سڀ کان وڏو امتحان وٺڻ وارو آهي 11 سيپٽمبر جي رات مان پنهنجي نگرانيءَ ۾ اسلام آباد جي تاريخ جو تمام وڏو ۽ اوچو اسٽيج لڳرائي رهيو هئس اوچتو موسم خراب ٿيڻ شروع ٿي وئي هڪدم تمام تيز طوفاني هوائون هلڻ لڳيون ۽ منهنجي اکين اڳيان اهو وڏو اسٽيج خوفناڪ نموني سان ڪري پيو. هر طرف افراتفري مچي وئي پر خوش قسمتيءَ سان ڪنهن ماڻهوءَ جي جان نه وئي ڪجهه ئي لمحن اندر سوشل ميڊيا تي افواهون هلڻ شروع ٿي ويون ۽ ماڻهن ۾ ڳالهيون ٿيڻ لڳيون ته شايد پروگرام ٿي منسوخ ٿي ويو آهي پر مون فوري طور هڪ وڊيو پيغام جاري ڪيو ۽ چيو ته هي الله طرفان منهنجي لاءِ هڪ امتحان آهي آئون سڄي رات سمهي نه سگهيس پنهنجي ٽيم سان گڏ اتي ئي موجود رهيس ۽ پنهنجي نگرانيءَ ۾ اسٽيج کي ٻيهر ٺاهڻ جو ڪم شروع ڪرائي ڇڏيو جڏهن صبح ٿي ۽ سج جون ڪرڻيون چوڌاري پکڙجڻ لڳيون، تڏهن تمام ٿوري وقت اندر اسٽيج ٻيهر تيار ٿي چڪو هو. يقيناً هن حادثي سبب اسان جي تيارين ۽ وقت جي شيڊيول تي اثر پيو. پروگرام واري ڏينهن به ڪجهه انتظامي مسئلا پيش آيا، پر آئون اسلام آباد ۽ راولپنڊي جي ماڻهن کي دل سان داد ڏيان ٿو جن صورتحال کي سمجهيو، اسان جون مشڪلاتون محسوس ڪيون ۽ مجموعي طور تي اسان سان ڀرپور سهڪار ڪيو جڏهن 'پريم نگر' جا برانڊ ايمبيسڊر، صوفي موسيقيءَ جي مشهور ڳائڻي عابده پروين ۽ استاد راحت فتح علي خان لائيو پرفارمنس لاءِ اسٽيج تي آيا ته سڀ ماڻهو خوشيءَ سان جهومڻ لڳا. پوءِ پنگڙا ۽ پاپ ميوزڪ جي مشهور ڳائڻي ابرارالحق پنهنجي پرفارمنس سان ماڻهن کي ڪرسيون ڇڏي بيهي ناچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. مون کي اُن ڳالهه جي به خوشي آهي ته ڪجهه ماڻهن جي دٻاءُ ۽ پروگرام خلاف منفي مهم هلائڻ جي ڪوشش باوجود اسلام آباد ۽ راولپنڊي جي ماڻهن پاڻ 'پريم نگر' جي حق ۾ آواز بلند ڪيو جيڪڏهن سوشل ميڊيا تي ڪنهن پروگرام خلاف منفي تبصرو ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي ته پروگرام ۾ شامل ماڻهن ڪمينٽس ۾ پاڻ اُن جو جواب ڏنو انهن چيو ته تمام گهڻين مشڪلاتن باوجود اسپورٽس ڪمپليڪس ۾ 'پريم نگر' جو هيءُ تاريخي چيئرٽي پروگرام پنهنجي مثال پاڻ هو. وقت ثابت ڪري ڇڏيو ته ڊاڪٽر رميش ڪمار جي پروگرام جو اسٽيج ته ضرور ڪري پيو پر سندس حوصلو نه ڪريو.

ڪي ماڻهو تاريخ ٺين ٿا!

اهي شخص تاريخ ۾ اهڙو خال ڇڏي ويندا آهن جنهن خال کي پرڻ تمام گهڻو مشڪل هوندو آهي ان انسان جون برادري، مسڪين ماڻهن، راڄن ۽ عوام جي لاءِ ڪيل خدمتون ئي يادگيريون بڻجي وينديون آهن انهن تاليوارن فردن مان سنڌ جو سرموڙ مرحوم رئيس الطاف چانڊيو به پنهنجو مٽ پاڻ هو جهڙو نالو رئيس الطاف چانڊيو هئس، تهڙوئي طبيعت جو محسن، انسان دوست، غريبن جو ساٿي همدرد ۽ عوام دوست شخص هو اسان وٽ عام طور تي هڪ اصلاح استعمال ٿيندو آهي 'راڄائتو'، يعني 'راڄ وارو' جڏهن ته سنڌ راڄن سان ڀري پئي آهي پر راڄائتا مڙس آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ئي نظر ايندا، جيڪي پنهنجي راڄن لاءِ پاڳ بڻيل هجن ٿا. پاڳوند اهو ماڻهو آهي جيڪو پنهنجي راڄ لاءِ سلطنت جي سچ واري حيثيت رکندڙ هجي راڄائتو مڙس جيڪو شرافت، صداقت، محبت ۽ خدمت جي جذبي سان سرشار هجي، سو ئي ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪري ٿو رئيس الطاف، جيڪو سنڌ جي نامور ساڪائي خاندان جو هڪ معزز اڳواڻ هو رئيس الطاف چانڊيو جو جنم تنئي باڳي شهر ۾ ٿيو سندس ڏاڏو رئيس تورنگ خان چانڊيو، جيڪو علائقي جو هڪ وڏو زميندار ۽ تاليوارو شخص هو جڏهن ته سندس والد رئيس علي خان چانڊيو به چانڊيا قبيلي جو ڀهريون سنڌ ۾ پوليس آفيسر هو هُن شروعاتي تعليم حيدرآباد ۾ حاصل ڪئي جڏهن ته تعليم مڪمل ڪرڻ کانپوءِ کيس سنڌ پوليس کاتي ۾ نوڪري ملي پر کيس نوڪريءَ کان وڌيڪ عوامي خدمت ۽ راڄن پاڳن ۽ مسڪينن سان لڳاءُ هو، تنهنڪري ڪجهه عرصي بعد هن نوڪري ڇڏي، عوامي خدمت جي جذبي سان سرشار ٿي ويو ۽ سياسي توڙي سماجي ميدان ۾ غريبن جي خدمت ڪرڻ لڳو جڏهن ملڪ ۾ جنرل ضياءُ الحق مارشل لا لاڳو ڪيو، انهيءَ وقت رئيس الطاف چانڊيو همت، حوصلي ۽ بهادريءَ سان ايم آر ڊي تحريڪ ۾ ڀرپور نموني جدوجهد ڪئي ۽ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ قربانيون ڏيڻ کان نه ڪيٻايائين سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جي ڪيترين ئي نامور سياسي خاندانن يا راڄن سان هن جا سياسي ۽ سماجي لاڳاپا رهيا. پاڻ هروقت عوام سان ويجهو رهيو. هو راڄ پاڳ جي ماڻهن جي خوشين ۽ غمين ۾ ساڻن هروقت گڏ هوندو هو، مسڪينن جو هميشه پرڀهلو رهيو سنڌ اندر سچائي ۽ ايمانداريءَ تي ٻڌل فيصلن جو پڙ امين سڏبو هو کيس عربي، سنڌي، اردو، فارسي، انگريزي، سرائيڪي ۽ بلوچي ٻولين تي عبور حاصل هو شاعري سندس روح جو سڪون ۽ احساسن جي اظهار جو وسيلو هئي ساڻس گڏ ويهندڙ ماڻهو پنهنجا غم وساري ويهندا هئا، ڇو ته هن جي شخصيت ۾ مسڪراهٽ، حوصلو ۽ محبت گڏجي هڪ اهڙي چڪ جو سبب هوندي هئي جيڪا هر دل کي موهي رکندي هئي هن جو ٺلو انهن ماڻهن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو، جن پنهنجي سڄي زندگيءَ کي عوامي خدمت، ايمانداري ۽ اصولن تي عملي طور وقف ڪيو آهي ان قسم جي جستجو هميشه تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ رهندي آهي اڄ سندس پهرين ورسي آهي الله پاڪ سندس مغفرت فرمائي ۽ کيس جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري!

(تحرير: فهد چانڊيو)

31هين ورسيءَ جي مناسبت سان

ٽريڊ يونين اڳواڻ شهيد عثمان غنيءَ جي شخصيت

حبيب الدين جنيدي

سڄي دنيا وانگر پاڪستان جي مزدور تحريڪ به پنهنجي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جي پُرعزم جدوجهد ۽ قربانين سان ڀرپور تاريخ رکي ٿي. آمريڪا جي شهر شڪاگو ۾ 1886ع جي تاريخ ساز مزدور جدوجهد سڄي دنيا ۾ پورهيتن جي طاقت مڃرائي هئي. اهڙيءَ طرح پاڪستان ۾ به ننڍن وڏن صنعتي شهرن ۾ محنت ڪندڙ عوام پنهنجن انساني ۽ آئيني حقن جي تحفظ لاءِ ناقابلِ فراموش تحريڪون هلايون آهن. پاڪستان ۾ صنعتي مزدورن سان گڏ وائيٽ ڪالر ملازمن جي جدوجهد به نمايان رهي آهي. پي آءِ اي، بينڪون، انشورنس، بلدياتي، خودمختيار، نيم خودمختيار سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن جي ملازمن جي تنظيمن جدوجهد جا قابلِ فخر مثال قائم ڪيا آهن. بينڪنگ انڊسٽريءَ جي ٽريڊ يونين اڳواڻن ۾ شهيد عثمان غنيءَ جو نالو انتهائي نمايان حيثيت رکي ٿو هن کي 17 سيپٽمبر 1995ع تي ڪراچيءَ ۾ سندس رهائشگاهه پرسان دهشتگردن شهيد ڪري ڇڏيو. سندس تعلق ڪراچيءَ جي قديم علائقي جنيسر ڳوٺ سان هو

عثمان غني پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات مسلم ڪمرشل بئنڪ لميٽيڊ جي ملازمت سان ڪئي. نوجوانيءَ کان ئي سندس اندر قيادت جون صلاحيتون موجود هيون، جنهن سبب هو تمام جلد بئنڪ ملازمن ۾ مقبول ٿي ويو ۽ سي بي اي يونين جو صدر چونڊيو ويو. اتان کان سندس مزدور تحريڪ سان وابستگي شروع ٿي، جيڪا زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين قائم رهي. عثمان غني هڪ جمهوريت پسند سياسي ڪارڪن به هو پنهنجي اباڻي علائقي جنيسر ڳوٺ ڪراچيءَ ۾ هو پ پ پ جي سرگرم اڳواڻ طور سڃاتو ويندو هو. شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي قيادت ۾ هن جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ هلندڙ هر تحريڪ (ايم آر ڊي) ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ قربانيون ڏنيون مسلم ڪمرشل بئنڪ جي سي بي اي يونين جي صدر ۽ پاڪستان بينڪس ايمپلائز فيڊريشن جي ڊپٽي سيڪريٽري جنرل جي حيثيت ۾ عثمان غني ملازمن جي حقن لاءِ انتهائي بهادريءَ سان جدوجهد ڪئي. هن ڪيترين ئي تڪليفن ۽ جيلن کي منهن ڏنو پر پنهنجي موقف تان پوئتي نه هٽيو. عثمان غنيءَ جي زندگيءَ جي آخري جيل ياترا 1991ع جي شروعات ۾ ٿي، جنهن ۾ ليڪ به ساڻس گڏ قيد هيو. ان وقت نواز شريف وزيراعظم هو ۽ قومي ملڪيت وارن ادارن جي نجڪاري واري پاليسيءَ تي عملدرآمد ڪيو پئي ويو. انهيءَ دور ۾ نجڪاريءَ خلاف پاڪستان جي ٽريڊ يونينز اتحاد قائم ڪيو، جنهن تحت 160 سي بي اي ٽريڊ يونينز هڪ ڏينهن جي علامتي ملڪگير هڙتال ڪئي هئي.

اها هڙتال ڪرائڻ جي ڏوهه ۾ شهيد عثمان غنيءَ کي سندس آفيس جيڪا ايم سي بي هيڊ آفيس ۾ واقع هئي، اتان پوليس ڇاپو هڻي گرفتار ڪري وئي. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ سندس گرفتاريءَ خلاف آءِ آءِ چندريگر روڊ تي ٿيل وڏي احتجاجي جلسي کي خطاب ڪرڻ ڪانپوءِ ليکڪ کي به گرفتار ڪري ڪراچي سينٽرل جيل منتقل ڪيو ويو. ٻنهي جي آزادي ايم



سي بي بئنڪ جي خانگي شعبي کي وڪرو ٿيڻ ڪانپوءِ عمل ۾ آئي. عثمان غني جو شمار انهن مزدور اڳواڻن ۾ ٿيندو هو جن سان شهيد محترمه بينظير ڀٽو انتهائي شفقت سان پيش ايندي هئي. پيپلز پارٽي جي ذيلي تنظيم "پيپلز ليبر بيورو" جي قيام لاءِ شهيد بينظير ڀٽو کي قائل ڪرڻ ۾ به شهيد عثمان غني ۽ عبدالعزيز ميمڻ اهم ڪردار ادا ڪيو. اڄ شهيد عثمان غنيءَ جي 31هين ورسي ملهائي پئي وڃي. سندس ياد ان ڪري به تازي ڪئي پئي وڃي، ڇاڪاڻ ته هو هڪ شريف النفس، بااخلاق، مهذب ۽ تعليم يافته مزدور اڳواڻ هو. جنهن پنهنجي اداري جي مزدور انجمن جي چونڊن ۾ ڪڏهن به شڪست نه کاڌي. عثمان غني پنهنجي سياسي ۽ مزدور جدوجهد دوران مخالفن سان به ڪڏهن انتقامي رويو اختيار نه ڪيو پر معاف ڪرڻ کان ڪم ورتو

تاريخ جو اٽل فيصلو آهي ته جڏهن جبر جون قوتون ڪنهن هڪ ڏيئي جي لاٽ وسائينديون آهن ته قدرت هڪ نئين ڏيئي کي روشن ڪري ڇڏيندي آهي. سندس باصلاحيت فرزند سينيٽر سعيد غني پنهنجي شهيد والد جي مشعل کي پوري جوش ۽ جذبي سان اڳتي وڌائي رهيو آهي. پ پ پ جو مرڪزي اڳواڻ ۽ سنڌ جي وزير محنت جي حيثيت سان سعيد غني محنت ڪندڙ ۽ مظلوم پورهيتن جي مسئلن جي حل لاءِ ممڪن قدم کڻي رهيو آهي. سندس دور ۾ خاص طور تي 18هين آئيني ترميم لاڳو ٿيڻ کان پوءِ سنڌ ۾ مزدورن جي حقن سان لاڳاپيل ڪيترائي مزدور دوست قانون متعارف ڪرايا ويا آهن مزدورن جي معاملن ۾ ٽه ڌري مشاورت کي ضروري قرار ڏنو ويو آهي. مزدورن جي فلاحي ادارن ۾ حڪومت جي نمائندگي گهٽائي مزدور اڳواڻن جي نمائندگي وڌائي وئي آهي. جڏهن ته فلاحي ادارن ۾ اربين رپين جي ڪرپشن خلاف به قدم کنيا ويا وچن مزدور اڳواڻن سان مشاورت جو اهو سلسلو پڻ جاري رکيو ويو آهي. هن وقت به ليبر ڪوڊ 2024ع بابت مزدور اڳواڻن سان صوبائي وزيرِ محنت جون ملاقاتون جاري آهن ته جيئن اتفاقِ راءِ سان قانونسازيءَ جو عمل مڪمل ڪري سگهجي. شهيد عثمان غنيءَ جي جدوجهد ۽ قربانيون پاڪستان جي مزدور تحريڪ لاءِ هڪ روشن باب آهن. سندس مشن کي اڳتي وڌائڻ ۽ محنت ڪندڙ عوام جي حقن جي تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رکڻ ئي سندس قربانين کي حقيقي خراج عقيدت پيش ڪرڻ آهي.

لطيفي لاٽ ــــــــ شاهه عبداللطيف ڀٽائي

سائرِ صِحتَ سيرين، آهي نه آزارُ،
مجلس وير مِلو ٿئي، ڪوئيندي ڦهار،
خنجرُ تنهن خوبُ هٽي، جنهن سين ٿئي يارُ،
صاحبُ رَبِ ستارُ، سوجهي رڳون ساهه جون.

پرين صحت لاءِ نار وجهندڙ مرهم آهي، ۽ هو هرگز پيڙا ڏيندڙ نه آهي. هو ڪچهريءَ ۾ (رهاڻ ڪندي) مٺو لڳي، پر ڪوئڻ ۾ ڦهري (ظالم) ٿو اچي. جنهن جو هو دوست ٿئي تنهن کي خوب ڪاتيون ٿو هڻي. پردو رکندڙ رب ساهه جون رڳون به ٿو ڇنوئي.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اجوڪو ڏينهن ــــ 17 سيپٽمبر

شيورام ڏيوتمل وزيراڻي

شيورام ڏيوتمل وزيراڻي ڪراچيءَ جو مشهور سماج سڌارڪ ۽ سياستدان هو هن جو جنم 17 سيپٽمبر 1883ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو سندس وڏا اصل ۾ ٺٽي شهر جا رهواسي هئا هن اين جي وي اسڪول ڪراچيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ ڊي جي سنڌ ڪاليج مان بي اي جي سند حاصل ڪئي هن 1906ع ۾ ڪراچي ميونسپلٽيءَ جي ميمبر طور پنهنجي سياسي سفر جي شروعات ڪئي هو 1920ع تائين لاڳيتو ڪراچي ميونسپلٽيءَ ۽ ڪراچي لوڪل بورڊ جو ميمبر رهندو آيو ان زماني ۾ ڪراچي لوڪل بورڊ ۾ ڪراچيءَ جا ڀرواريءَ وارا علائقا، ٺٽو، ڄامشورو ۽ دادو ضلعو پڻ شامل هئا 1920ع ۾ کيس ڪراچي لوڪل بورڊ جو ڀهريون چونڊيل صدر بڻجڻ جو اعزاز حاصل ٿيو هن ڪراچيءَ جي اعزازي مئجسٽريٽ ۽ اسپيشل فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ طور پڻ ڪم ڪيو هن ڪراچيءَ جي ڀرپاسي ۾ ڪيترائي اسڪول کولرايا ۽ عام ڀلي جا ڪم ڪرايا پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هندستان وڃڻ بدران سنڌ ۾ ئي رهيو ۽ ڪراچيءَ ۾ ئي سندس پساهه پورا ٿيا. ديوان شيورام جو هڪ تفصيلي سوانحي خاڪو مرحوم گل محمد ڪلمتيءَ جي ڪتاب "ڪراچيءَ جا لافاني ڪردار" ۾ شامل آهي

مرزا سلطان حيدر بيگ

هن نامور شاعر، مضمون نگار ۽ محقق جو جنم 17 سيپٽمبر 1927ع تي مرزا علي محمد بيگ مظفر جي گهر ٽنڊي آغا حيدرآباد ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم آسوڊمل پرائمري اسڪول ڦليلي حيدرآباد مان حاصل ڪئي ان بعد نو وديا هاءِ اسڪول (هاٿوڪو ماڊل اسڪول اولڊ ڪئمپس) مان پري مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين اديب فاضل ۽ اديب عالم جا امتحان پڻ پاس ڪيائين قرآن شريف پنهنجي ڏاڏي مرزا قربان علي بيگ وٽ پڙهيو جڏهن ته فارسي پنهنجي والد کان سکيو هن مختلف کاتن ۾ ڪلارڪ طور ڪم ڪيو ۽ سول ڪورٽ حيدرآباد ۾ چيف منسٽريل آفيسر طور رٽائر ٿيو هن پنهنجي والد جي سرپرستيءَ ۾ شاعري شروع ڪئي پاڻ حيدرآباد ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ شوق سان شريڪ ٿيندو هو هن سنڌي، اردو ۽ فارسيءَ ۾ شاعري ڪئي مرثيه خوانيءَ ۾ به سندس ڪو مٽ ۽ ثاني نه هو هو هڪ بهترين مضمون نگار ۽ محقق هو هن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي سچل سرمست ۽ سيد ثابت علي شاهه جي شاعريءَ تي ڪيترائي تحقيقي مضمون لکيا مرزا سلطان حيدر بيگ 6 فيبروري 2005ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو

اختر علي جي قاضي

سنڌ جي هن مشهور سياستدان ۽ قانوندان 17 سيپٽمبر 1936ع تي دادو ضلعي جي شهر پاٽ شريف ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو هن مئٽرڪ جو امتحان اين جي وي اسڪول ڪراچيءَ مان پاس ڪيو ۽ ايس ايم آرٽس ڪاليج ڪراچيءَ مان گريجوئيشن ڪئي قانون جي سند پڻ حاصل ڪيائين تعليم مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ لاڙڪاڻي ۾ وڪالت شروع ڪيائين ۽ هتان جي بار ايسوسيئيشن جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو پاڻ لاڙڪاڻي جي لا ڪاليج جو باني پرنسپال رهيو لاڙڪاڻي ۾ آرٽس ۽ ڪامرس ڊگري ڪاليج جو بنياد پڻ وڌائين 1985ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي ڊپٽي اسپيڪر طور ڪم ڪيائين 1986ع ۾ کيس

سنڌ جي تعليم، قانون، پارليامينٽري معاملن، ٽرانسپورٽ، مڪاني ادارن، ڳوٺاڻي ترقي ۽ راندين وارن کاتن جو وزير چونڊيو ويو اپريل 1988ع کان ڊسمبر 1988ع تائين وزيراعليٰ سنڌ طور ذميداريون سنڀاليائين هن 14 آڪٽوبر 2010ع تي وفات ڪئي

چندرو آتما

چندرو آتما هندستاني فلمن جو مشهور سنڌي ڳائڻو هو هو 17 سيپٽمبر 1938ع تي ڪراچيءَ ۾ ڄائو سندس والد حشمتراءِ چٽناڻي ڪراچيءَ جو مشهور وڪيل هو هن جو وڏو ڀاءُ سي ايچ آتما به هندستاني فلمن جو نامور پس پرده ڳائڻو هو چندروءَ کي ڳائڻ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هو ۽ ڳائڻ جي ابتدائي سکيا پنهنجي وڏي ڀاءُ کان ورتائين هن کي هندستان جي فلم انڊسٽريءَ ۾ به سندس ڀاءُ متعارف ڪرايو شروع ۾ هن تڃي محفلن ۽ ثقافتي تقريبن ۾ ڳائڻ شروع ڪيو بعد ۾ هن فلمن لاءِ به گيت رڪارڊ ڪرائڻ شروع ڪيا جن فلمن لاءِ هن گيت ڳايا، تن ۾ پوميڪا (1977)، پريم بنڌن (1979)، مارڌاڙ (1988)، لکپتي (1991) ۽ ڪجهه ٻيون فلمون شامل آهن هن ڪجهه سنڌي ۽ گجراتي فلمن لاءِ پڻ گيت ڳايا، هن جي ڳايل صوفي ڪلامن، غزلن ۽ مذهبي گيتن جون آڊيو ڪيسٽون ۽ سيڊيز پڻ جاري ٿيون عمر جي آخري حصي ۾ جٽ هند يونيورسٽي ممبئيءَ ۾ آرٽس ۽ موسيقيءَ جي اعزازي پروفيسر طور خدمتون سرانجام ڏنائين 12 اپريل 2009ع تي سندس ساهه جي تند ٽٽي پئي

محمد اسماعيل عرساڻي



اڄوڪو ڏينهن اسان کي سنڌ جي نامور اديب ۽ تعليمي ماهر محمد اسماعيل عرساڻيءَ جي ياد ڏياري ٿو هن 17 سيپٽمبر 1906ع تي هالا ڏوان ۾ پنهنجي زندگيءَ جي سفر جي شروعات ڪئي ابتدائي تعليم هالا مان حاصل ڪيائين، جڏهن ته مئٽرڪ جو امتحان "نيول راءِ هيرانند اڪيڊمي حيدرآباد" مان پاس ڪيائين هن 1935ع ۾ ايڊيوڪيشنل سپروائيزر طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي اڳتي هلي ڊپٽي ڊائريڪٽر آف اسڪولس حيدرآباد ريجن مقرر ٿيو ۽ انهيءَ ئي عهدي تي رهندي رٽائر ٿيو عرساڻي صاحب ادبي دنيا ۾ هڪ ڊراما نگار ۽ مضمون نگار طور ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "بد نصيب ٿري" (ڊرامون)، "سکر سي ئي ڏينهن" (آتم ڪٿا)، "سير ريگستان"، "سير ريگستان" ۽ "ٽياريون وٺون" شامل آهن سندس ٽلي سان انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجيءَ ۾ هڪ ڪارنر قائم ٿيل آهي هن ڀهرين نومبر 1986ع ۾ وفات ڪئي

پوپٽي هيرانندڻي

اڄ سنڌي ٻوليءَ جي برک ليکڪا پوپٽي هيرانندڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هوءَ هڪ تاسيلاري شاعره، ڪهاڻيڪاره، ناول نگار، مضمون نگار ۽ نقاد هئي هن جو جنم 17 سيپٽمبر 1924ع تي حيدرآباد جي هنڊو عامل گهراڻي ۾ ٿيو سندس والد رامچند هيرانندائي پهلي ڪاتي ۾ ملازم هو اڃا ڏهن سالن جي مس هئي جو پنهنجي پيءَ جي شفقت کان محروم ٿي وئي هن حيدرآباد جي ڪندن مل هاءِ اسڪول ۽ ميران ڪاليج مان تعليم حاصل ڪئي هن ڪندن مل هاءِ اسڪول ۽ پگٽ گرلس اسڪول حيدرآباد ۾ موسيقيءَ جي استاد طور خدمتون سرانجام ڏنيون ورهاڱي کان پوءِ پنهنجي مائٽن سان گڏ هندستان روانو ٿي وئي جتي بنارس هندو يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين ۽ ادب ۽ ٻولين جي استاد طور پڙهائڻ شروع ڪيائين هن ڪشنچند چيلارام (ڪي سي) ڪاليج ممبئيءَ ۾ پروفيسر ۽ سنڌي شعبي جي چيئرپرسن طور رٽائرمينٽ ورتي هوءَ ڪيترين ئي علمي ادبي ۽ ثقافتي تنظيمن ۽ ادارن جي ميمبر رهي هن لڳ ڀڳ 60 ڪتاب لکي سنڌي ادب جي خزاني کي مالامال ڪيو انهن ڪتابن ۾ سندس شاعريءَ جا مجموعا، ڪهاڻيون، ناول، مضمون، آتم ڪٿا، سفرناما ۽ ٻيون لکڻيون شامل آهن هن مهان ليکڪا 16 ڊسمبر 2005ع تي ممبئيءَ ۾ هن فاني دنيا کان هميشه لاءِ موڪلايو

مختيار اٽڙ

جمعو مل چيناڻي

هن مشهور شاعر جو جنم 17 سيپٽمبر 1996ع تي ناري تعلقي جي ننڍڙي شهر چونڊڪو ۾ ٿيو هن ٻارهين ڪلاس تائين تعليم پنهنجي شهر چونڊڪو مان حاصل ڪئي هن ننڍپڻ کان ئي شاعري شروع ڪئي شاعريءَ ۾ استاد ديدار علي شيخ سندس رهنمائي ڪئي هن گيت، غزل، وائي، مستهزاد، ٽيڙو ۽ شاعريءَ جي ٻين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي

پير عبدالستار جان سرهندي

سنڌ جي هن روحاني پيشوا، عالم ۽ ادب دوست انسان جو جنم 1893ع ڌاري ٽنڊي محمد خان ضلعي جي ڳوٺ ٽکڙ ۾ ٿيو ٽکڙ ۽ ٽنڊي سائينداد جي عالمن وٽ علم جي اڃ اجهايائين هن خلافت تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان ڀهرو ورتو خلافت تحريڪ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ هو جميعت العلماءِ سان لاڳاپيل رهيو جڏهن سعودي عرب ۾ ڏڪار پيو ته هن سنڌ مان هزارين مڻ اناج ۽ هزارين رپيا چندو گڏ ڪري سعودي عرب ڏانهن روانو ڪيو هن کي سير ۽ سفر جو گهڻو شوق هو ۽ ڪيترن ئي ملڪن جو سير ڪيائين سندس زندگيءَ بابت تفصيلي مضمون مولانا غلام محمد گراميءَ جي ڪتاب "ويا سي وينجهار" ۾ پڙهي سگهجي ٿو هو هڪ سٺو شاعر پڻ هو هن ٽنڊي سائينداد ۾ "انجمن الشعراءَ" جو بنياد وڌو جتي هر هفتي مشاعرو منعقد ٿيندو هو هن بزرگ 17 سيپٽمبر 1966ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو

آزاد صوفي

آزاد صوفي سنڌي ٻوليءَ جو مهان ڳائڪ هو هن جو اصل نالو پرسرام درياڻاڻي هو ۽ سندس جنم 15 فيبروري 1930ع ۾ خيرپورميرس ۾ ٿيو هن سنڌي فائنل تائين تعليم حاصل ڪئي هن ننڍپڻ ۾ ئي سنگيت جي ستي پيتي هئي سورهن سالن جي ڪچڙي جوانيءَ ۾ پلاڙي پٽ ڏٺيءَ سچل سرمست ۽ ٻين صوفي شاعرن جا ڪلام جهونگارڻ شروع ڪيائين جوانيءَ ۾ ڳايل سندس گيت "ٿار ماتا ٿار پنهنجي ٻچڙن جي ٿار" اڄ به من کي ٺاري وجهي ٿو ان بعد هن سوين ڀڄن، صوفي ڪلام ۽ فلمي گيت ڳائي مڃتا ماڻي هو هڪ سٺو شاعر پڻ هو هن جي رچيل ڀڄن جا ڪيترائي ڪتاب ڇپيا، جن ۾ "ٿار ماتا ٿار"، "ست ناراڻ جي ڪٿا"، "صوفين جي سوغات" ۽ "شورانيءَ جو مهاتم" ڏينهن جي روشني ڏسي چڪا آهن هو اسٽيج جو به سٺو ڪلاڪار هو ۽ ڪيترن ئي ناٽڪن ۽ فلمن ۾ ڪم ڪيائين هن 17 سيپٽمبر 1982ع تي پنهنجي سنساري سفر پورو ڪيو

پير غلام رسول سرهندي

هن عالم ۽ اديب جو واسطو متياريءَ جي سرهندي خاندان سان هو سندس ولادت 2 جنوري 1912ع ۾ ٿي سندس والد پير آغا غلام مجدد پنهنجي دور جو مشهور بزرگ ۽ تحريڪ آزاديءَ جو اهم ڪردار هو هن عربي فارسي سنڌي ۽ ديني تعليم پنهنجي شهر جي بزرگن کان حاصل ڪئي ان کان پوءِ سورٺ جي دابيل مدرسي ۾ پڙهيو ۽ اتي ئي سندس دستاربندي ٿي هن ڪيترائي ڪتاب تصنيف ڪيا، جن ۾ "لذت الارواح"، "سوانح حيات حضرت آغا غلام مجدد سرهندي رحه"، "انساب نامو" ۽ "ملفوظات الاڪابر" شامل آهن هو هڪ چڱو شاعر پڻ هو هن بزرگ 17 سيپٽمبر 1990ع تي راهه رباني ورتي

سشيلا مهتاڻي

اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي نامور ڪلاڪاره سشيلا مهتاڻيءَ جون سارونڻيون ڪٺي آيو آهي جنهن جو جنم 31 آگسٽ 1931ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو هن جا مائٽ اصل ۾ ڪوهستان جي ننڍڙي شهر ٿاڻي بولا خان جا رهواسي هئا. هن ڪراچيءَ جي ڏامي ٻائي بسنت سنگهه هاءِ اسڪول ۾ ٻارهين ڪلاس تائين تعليم حاصل ڪئي 1947ع ۾ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هن جو خاندان ممبئيءَ ۾ وڃي ٿانيڪو ٿيو جتي هن جٽ هند ڪاليج مان گريجوئيشن ڪئي 1950ع واري ڏهاڪي ۾ سندس خاندان هندستان ڇڏي هڪ ڀيرو ٻيهر اچي ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي هن کي ڳائڻ ۽ موسيقيءَ سان شروع کان ئي دلچسپي هئي هن سنڌ جي مشهور راڳيءَ ماسٽر محمد ابراهيم کان سر ۽ سنگيت جا گر سکيا هن جا ڪيترائي صوفي ڪلام ريڊيو پاڪستان تي رڪارڊ ٿيا جن کيس سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ مقبول بڻائي ڇڏيو جيئوٽيڪ صوفي شاعرن جو ڪلام اسان جي سنڌ جي ڪيترن ئي مشهور سنگيتڪارن ڳايو آهي پر سشيلا جي آواز ۾ ڪو عجيب جادو هو جيڪو به سندس آواز ٻڌندو هو سو سندس آواز جي سحر ۾ گم ٿي ويندو هو سندس مشهور ڪلامن ۾ "واڳ ڏٺي تنهنجي وس- آئون ڪا پاڻ وهيڻي الا"، "پيرين پوندي سان چوندي سان رهي وڃ رات پنهور ۾"، "آئون سڄڻ جي ٻانهي آهيان"، "ڪل ڪر درخت جي دستور" ۽ ٻيا ڪلام شامل آهن هن ڪجهه سنڌي فلمن ۾ پس پرده ڪلاڪاره طور به ڳايو پر سندس اصل ڌيان صوفي ڪلامن طرف ئي رهيو 1966ع ۾ سندس خاندان سنڌ ڇڏي اسپين جي ٻيٽ ڪينيري آئيلينڊ ۾ وڃي رهائش اختيار ڪئي انهيءَ ئي ٻيٽ تي 17 سيپٽمبر 2022ع تي سنڌ جي هن سريلي سنگيتڪاره جو آواز هميشه لاءِ خاموش ٿي ويو

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

روزاني عبرت

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 17 سيپٽمبر 2026ع

مڪ دفاعي معاهدو: امن، سلامتي ۽ گڏيل ذميواري

وزيراعظم شهباز شريف پاران مڪي تي مبينا ڊرون حملي جي ڪوشش جي مذمت ۽ سعودي عرب جي خودمختياري، علائقائي سالميت، سلامتي ۽ حرمين شريفين جي تحفظ لاءِ پاڪستان جي ڀرپور ساٿ جو اظهار ٻنهي ملڪن جي گهري ياڻپي ۽ گڏيل ذميوارين جي عڪاسي ڪري ٿو. مڪي ۽ مديني جي مقدس سرزمين سان مسلمانن جي عقيدت جو تعلق رڳو ڪنهن هڪ ملڪ تائين محدود ناهي پر سڄي اسلامي دنيا جي دلين ۾ انهن مقدس ماڳن لاءِ احترام ۽ محبت موجود آهي. اهڙي صورتحال ۾ انهن جي سلامتي بابت هر خدشو فطري طور تي مسلمانن لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب بڻجي ٿو. مڪ دفاعي معاهدي بابت پاڪ فوج جي ترجمان ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌريءَ جو بيان به اهميت رکي ٿو. هن واضح ڪيو آهي ته پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪيءَ وچ ۾ ٿيل اهو معاهدو جارحاڻي مقصدن لاءِ نه پر گڏيل دفاع ۽ علائقائي سلامتيءَ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ آهي. معاهدي ۾ شامل ڪنهن هڪ ملڪ تي حملو ٿيڻ جي صورت ۾ ٽئي ملڪ گڏجي صلاح مشوري سان ردعمل جو فيصلو ڪندا. هن وضاحت مان ظاهر ٿئي ٿو ته معاهدي جو بنيادي مقصد ڪنهن ملڪ خلاف محاذ کولڻ بدران گڏيل تحفظ جو هڪ اهڙو نظام قائم ڪرڻ آهي، جنهن سان خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي هٿي ملي سگهي. دفاعي معاهدن جي اهميت ان وقت تهائين وڌي وڃي ٿي جڏهن دنيا جي مختلف علائقن ۾ ڇڪتاڻ، هٿيارن جي واڌ ۽ طاقت جي مقابلي جا رجحان وڌي رهيا هجن. اهڙي ماحول ۾ ملڪن جو هڪ ٻئي سان تعاون ڪرڻ فطري ڳالهه آهي پر ان تعاون جي ڪاميابيءَ جو دارومدار ان ڳالهه تي هوندو آهي ته ان جا مقصد ڪهڙا آهن ۽ ان تي عمل دوران ڪهڙيون حدون مقرر ڪيون وڃن ٿيون. جيڪڏهن گڏيل دفاع جو مقصد رڳو پنهنجن ملڪن جي سلامتي، خودمختياري ۽ عوام جي تحفظ تائين محدود رهي ته اهو علائقائي امن لاءِ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو.

پاڪستان لاءِ سعودي عرب سان لاڳاپا رڳو سفارتي يا دفاعي نوعيت جا ناهن پر انهن ۾ مذهبي، تاريخي، معاشي ۽ عوامي لاڳاپن جا ڪيترائي پاسا شامل آهن. سعودي عرب ۾ حرمين شريفين جي موجودگيءَ سبب پاڪستاني عوام جي دلين ۾ ان ملڪ لاءِ خاص احترام آهي. ان ڪري سعودي عرب جي سلامتيءَ بابت پاڪستان جو سنجيده رويو ۽ گڏيل دفاعي تعاون ۾ حصو وٺڻ ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن جي فطري واڌ سمجهيو وڃي ٿو. ساڳئي وقت ترڪيءَ سان پاڪستان جا تاريخي ۽ ڀائپيءَ وارا واسطا پڻ هن سهڪار کي وڌيڪ وسيع بنياد فراهم ڪن ٿا. پاڪ فوج جي ترجمان اهو به چيو آهي ته دفاعي واعدن تي عمل درآمد جا عملي تفصيل عوامي سطح تي ظاهر نٿا ڪري سگهجن ڇاڪاڻ ته فوجي منصوبابندي ۽ سلامتيءَ سان لاڳاپيل معلومات حساس هوندي آهي. اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي سمجهڻ جوڳي آهي ڇاڪاڻ ته ڪنهن به ملڪ جي دفاعي حڪمت عمليءَ جا سمورا تفصيل عام ڪرڻ سان ان جي سلامتيءَ کي نقصان پهچي سگهي ٿو. تنهن هوندي به عوام کي معاهدي جي بنيادي مقصدن، قانوني حيثيت، دائري ۽ ذميوارين بابت مناسب ڄاڻ فراهم ڪرڻ ضروري آهي، جيئن افواهن ۽ غلط فهمين کي هٿي نه ملي. مڪ دفاعي معاهدي جي حوالي سان اهو اصول به اهم آهي ته ڪنهن هڪ ملڪ تي حملو ٿيڻ جي صورت ۾ ٽنهي ملڪن جي گڏيل صلاح مشوري سان ردعمل جو فيصلو ڪيو ويندو. ان جو مطلب اهو آهي ته ڪنهن به امڪاني صورتحال ۾ جذبات بدران حقيقتن، حالتن ۽ گڏيل مفادن کي نظر ۾ رکيو ويندو. دفاعي سهڪار جو مقصد تڪرار کي وڌائڻ نه پر اهڙين حالتن کي روڪڻ هجڻ گهرجي، جيڪي جنگ ۽ تباهيءَ جو سبب بڻجن. دنيا جي تاريخ مان به اهو سبق ملي ٿو ته طاقت جو استعمال آخري رستو هجڻ گهرجي، جڏهن ته ڳالهين، سفارتڪاري ۽ گڏيل ڪوششن کي پهرين ترجيح ڏيڻ گهرجي.

فيول رليف پراڻين گاڏين جي مالڪن سان ناانصافي ڇو؟

وزيراعظم پاران عوام کي تيل جي وڌندڙ قيمتن کان ڪجهه سهارو ڏيڻ لاءِ فيول رليف پيڪيج جو اعلان موجوده مهانگائيءَ جي صورتحال ۾ هڪ اهم قدم آهي. پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ واڌ سبب عام ماڻهوءَ جي گهرو بجيٽ تي بار وڌي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ سفري خرچن ۾ گهٽتائي آڻڻ لاءِ حڪومت طرفان رليف ڏيڻ جي ڪوشش عوام لاءِ اميد جو سبب بڻجي سگهي ٿي پر هن پيڪيج ۾ شامل شرطن بابت ڪجهه اهم سوال به اڀرن ٿا، جن تي حڪومت کي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ گهرجي. پيڪيج موجب 2011ع کان پوءِ رجسٽرڊ ٿيل گاڏين کي فيول رليف جي سهولت ڏني ويندي، جڏهن ته ان کان اڳ رجسٽرڊ ٿيل گاڏين جو تعداد به وڏو آهي. اهي گاڏيون به عام شهرين جي ملڪيت آهن ۽ انهن جا مالڪ به پيٽرول ۽ ڊيزل جي وڌندڙ قيمتن کان متاثر ٿي رهيا آهن. پوءِ سوال اهو آهي ته پراڻين گاڏين کي هن رليف کان محروم رکڻ جو جواز ڪهڙو آهي؟ ڇا گاڏيءَ جي رجسٽريشن جو سال ان ڳالهه جو مناسب معيار ٿي سگهي ٿو ته ڪهڙو شهري رليف جو حقدار آهي ۽ ڪهڙو نه؟ حڪومت کي گهرجي ته فيول رليف پيڪيج جي شرطن تي ٻيهر غور ڪري ۽ اهڙو نظام جوڙي، جنهن ۾ گاڏيءَ جي ماڊل يا رجسٽريشن جي سال بدران مالڪ جي آمدني، روزاني استعمال ۽ ضرورت کي به نظر ۾ رکيو وڃي. جيڪڏهن انتظامي يا مالي سببن جي ڪري سڀني گاڏين کي هڪجهڙو رليف ڏيڻ ممڪن نه هجي ته گهٽ ۾ گهٽ پراڻين گاڏين جي انهن مالڪن لاءِ الڳ رليف رکيو وڃي، جيڪي واقعي ان جا مستحق آهن. عوامي رليف جو بنيادي مقصد ماڻهن جي مشڪلاتن کي گهٽائڻ هجڻ گهرجي، نه ڪي نون ۽ پراڻين گاڏين جي مالڪن ۾ فرق پيدا ڪرڻ. وزيراعظم کي گهرجي ته هن معاملي جو نوٽيس وٺي، لاڳاپيل ادارن کان وضاحت طلب ڪري ۽ پيڪيج ۾ اهڙيون تبديليون آڻي، جن سان ڪنهن به مستحق شهريءَ کي رڳو گاڏيءَ جي رجسٽريشن جي سال سبب محروم نه رهڻو پوي. عوام کي رليف تڏهن ئي حقيقي معنيٰ ۾ محسوس ٿيندو جڏهن ان جا فائدا منصفاڻي نموني سڀني ضرورتمند ماڻهن تائين پهچندا.

ايل نينو بابت غلط فهميون: حقيقت ڇا آهي؟

محمد اسلم سميجو

ايل نينو بابت تازو لکيل هڪ ڪالم: (لا نينا ڪان ايل نينو تائين، ليکڪ: عمران يعقوب) انهيءَ آرٽيڪل ۾ ڪجهه اهڙيون ڳالهيون بيان ڪيون ويون آهن، جنهن مان پڙهندڙن ۾ غلط فهمي پيدا ٿي سگهي ٿي. موسم ۽ سمنڊ جي تبديليءَ کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته ايل نينو بابت حقيقتن کي سادي نموني بيان ڪيو وڃي. **پهرين غلطي:** ايل نينو ٿڌي پاڻيءَ سبب ٿيندو آهي. اها ڳالهه درست ناهي. ايل نينو دوران خطِ استوا جي وچهو پئسفڪ سمنڊ جي وچ ۽ اوڀر واري حصي جو مٿاڇري وارو پاڻي معمول کان وڌيڪ گرم ٿي ويندو آهي. عام حالتن ۾ سامونڊي هوائون گرم پاڻيءَ کي اولهه طرف ڌڪينديون آهن ۽ اوڀر واري حصي ۾ هيٺيان موجود ٿڌو پاڻي مٿي ايندو آهي. ايل نينو دوران اهي هوائون ڪمزور ٿي وڃن ٿيون، جنهن ڪري ٿڌي پاڻيءَ جي مٿي اچڻ وارو عمل گهٽجي وڃي ٿو ۽ سمنڊ جو مٿاڇرو وڌيڪ گرم ٿي وڃي ٿو.

ٻي غلطي: ايل نينو ۽ لا نينا هڪ ئي حالت آهن. اها به درست ڳالهه ناهي. ايل نينو ۽ لا نينا هڪ ٻئي جي ابتڙ حالتون آهن. ايل نينو ۾ پئسفڪ سمنڊ جو پاڻي معمول کان وڌيڪ گرم ٿيندو آهي، جڏهن ته لا نينا ۾ اهو پاڻي معمول کان وڌيڪ ٿڌو ٿيندو آهي.

ٽين غلطي: هر طاقتور ايل نينو کي سرڪاري طور تي "سپر ايل نينو" چيو ويندو آهي. اهو مناسب ناهي. ايل نينو جي طاقت بيان ڪرڻ لاءِ عام طور تي ڪمزور، وچولي، مضبوط يا تمام مضبوط جهڙا لفظ استعمال ڪيا ويندا آهن. تنهنڪري هر طاقتور ايل نينو کي "سپر ايل نينو" چوڻ سائنسي طور ضروري ناهي.

چوٿين غلطي: موجوده ايل نينو بابت بنا ثبوت جي انتهائي دعوائون ڪرڻ آهي. هن وقت ايل نينو مضبوط ٿي رهيو آهي ۽ عالمي موسمياتي ادارن موجب ان جي شدت وڌيڪ وڌڻ جا امڪان آهن. پر ان کي ڪنهن مخصوص عرصي جو سڀ کان وڏو واقعو قرار ڏيڻ لاءِ پڪي ۽ معتبر انگ اکرن جي ضرورت آهي. موسم بابت ڳالهائيندي اندازن کي حقيقت طور پيش ڪرڻ بدران امڪان ۽ اڳڪٿي طور بيان ڪرڻ گهرجي.

پنجين غلطي: ايل نينو کي هزارين سالن جي سڀ کان وڏي موسمياتي تبديلي قرار ڏيڻ آهي. اهڙي دعويٰ لاءِ مضبوط سائنسي ثبوت ضروري آهن. رڳو ايل نينو جي شدت وڌڻ مان اهو ثابت نٿو ٿئي ته اها هزارين سالن جي سڀ کان وڏي موسمياتي تبديلي آهي.

ڇهين غلطي: 2027ع کي پڪ سان دنيا جو سڀ کان گرم سال قرار ڏيڻ آهي. مستقبل بابت اهڙي ڳالهه يقين سان نٿي چئي سگهجي. ايل نينو ايندڙ سال جي گرميءَ تي اثر وجهي سگهي ٿو پر گرمي پد تي ڪيترائي ٻيا قدرتي ۽ موسمياتي سبب پڻ اثرانداز ٿي سگهن ٿا. تنهنڪري صحيح اهو ٿيندو ته 2027ع ۾ انتهائي گرميءَ جو امڪان وڌي سگهي ٿو نه ٿي اهو پڪ سان دنيا جو سڀ کان گرم سال هوندو.

ستين غلطي: پاڪستان جي موسم کي رڳو ايل نينو سان ڳنڍڻ آهي. پاڪستان ۾ برساتون ۽ گرمي پد رڳو ايل نينو سبب مقرر نٿا ٿين. عربي سمنڊ، هندي سمنڊ، سامونڊي گرمي، هوائن جا رُخ، هوا جو دٻاءُ ۽ ٻين موسمياتي حالتن جو به وڏو ڪردار آهي. ان ڪري ايل نينو کي پاڪستان لاءِ سڌي طرح "سوڪهڙي جو سبب" يا "وڌيڪ برسات جو سبب" قرار ڏيڻ صحيح ناهي.

اٺين غلطي: موسم جي اڳڪٿيءَ کي حتمي فيصلو سمجهڻ غلط آهي موسم جي اڳڪٿي وقت سان تبديل ٿي سگهي ٿي. خاص ڪري ڪيترن مهينن اڳ واري اڳڪٿيءَ ۾ نوان انگ اکر اچڻ سان نتيجا به تبديل ٿي سگهن ٿا. تنهنڪري ڊگهي مدي واري اڳڪٿيءَ کي هميشه امڪان طور ڏسڻ گهرجي، حتمي فيصلي طور نه.

ايل نينو کي سمجهڻ لاءِ سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته اهو پئسفڪ سمنڊ جي وچ ۽ اوڀر واري خط استوا واري حصي ۾ سامونڊي پاڻيءَ جي غيرمعمولي گرمي ۽ سامونڊي هوائن ۾ تبديليءَ سان لاڳاپيل حالت آهي. تنهنڪري ٿڌي پاڻيءَ کي ايل نينو جو بنيادي سبب قرار ڏيڻ درست ناهي. ٿڌي پاڻيءَ جو مٿي اچڻ يا گهٽجڻ ايل نينو جي پيدا ٿيڻ واري عمل جو اهم حصو آهي. موسم جي خبر ڏيڻ وقت اسان سڀني جي ذميواري آهي ته دعوائن بدران حقيقتون، امڪان بدران يقين جا لفظ ۽ سائنسي ڄاڻ کي سادي ٻوليءَ ۾ عوام تائين پهچايون.

اسٽيج ضرور ڪِريو، پر حوصلو نہ ڪِريو!

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ 'پريم نگر دي ليجنڊ آف لو' طرفان ڪامياب ميوزيڪل ٿيئٽريڪل پروگرام ڪرائڻ کان پوءِ اسلام آباد ۾ به هڪ وڏو ٿيئٽريڪل پروگرام ڪرڻ جو خواب ڏسڻ ته آسان هو پر ان خواب کي حقيقت بڻائڻ ڏاڍو ڏکيو هو ۽ جڏهن پروگرام کان صرف هڪ رات اڳ طوفان سبب اسٽيج ڪري پيو ته اُن کي ٻيهر بيهارڻ لڳ ڀڳ ناممڪن لڳي رهيو هو پر اڄ جڏهن آئون 12 سيپٽمبر تي اسپورٽس ڪمپليڪس ۾ ٿيل ان ٿيئٽريڪل اسپورٽس ۽ ميوزيڪل شو جي سڄي سفر کي پوئتي مڙي ڏسان ٿو ته هڪ طرف مون کي اسلام آباد جا اُهي سڄا، درد رکندڙ ۽ فرشتن جهڙا ماڻهو نظر اچن ٿا، جن معصوم ٻارن جي سهارا ۽ خاص ٻارن جي چهرن تي خوشي آڻڻ لاءِ 'پريم نگر' جي انسانيت جي خدمت واري مشن ۾ منهنجو ڀرپور ساٿ ڏنو ٻئي طرف، بدقسمتيءَ سان منهنجو واسطو اسلام آباد جي ڪجهه اهڙن طاقتور ۽ بااثر ماڻهن سان به پيو، جن کي مفت داخلا جا پاس ۽ خاص پروٽوڪول نه ملڻ جي ڪري، هن خاص ٻارن جي پروگرام کي ناڪام ڪرڻ لاءِ هر قدم تي رڪاوٽون وڌيون انهن 'پريم نگر' جي هن محبت ۽ انسانيت واري سفر کي ناڪام ڪرڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏي. منهنجي خواهش هئي ته اسلام آباد ۾ هڪ اهڙو منفرد ۽ يادگار پروگرام ڪرايان، جنهن ۾ راڳ، موسيقي، ثقافت ۽ انسانيت سڀ هڪ ئي هنڌ گڏ نظر اچن جيڪڏهن پروگرام کان هڪ رات اڳ سخت طوفان سبب اسان جو تمام وڏو ۽ اوچو اسٽيج نه ڪري ها ته مون کي پڪ هئي ته هيءُ پروگرام اسلام آباد جي تاريخ ۾ هڪ نئون رڪارڊ قائم ڪري ها. پر پوءِ مون الله جي فيصلي آڏو پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ هن ڏکئي وقت ۾ به همت نه هاري، آخرڪار آئون پنهنجي ثابت قدمي ۽ حوصلي سان هن آزمائش مان ڪامياب ٿي نڪتس.

منهنجي نظر ۾ هن پروگرام جي اصل ڪاميابي اسٽيج ڪيترو وڏو هو، ڪيترا ماڻهو آيا يا موسيقيءَ جي محفل ڪيتري وڏي هئي اِها نه هئي منهنجي لاءِ سڀ کان وڌيڪ خوشيءَ جي ڳالهه اِها هئي ته اسلام آباد جي مختلف ادارن سان واسطو رکندڙ خاص ٻار پاڪستان اسپورٽس ڪمپليڪس ۾ گڏ ٿيا انهن راندين ۾ حصو ورتو، ڊوڙيا، ڪي ڪٽيا ته ڪي هارايا، پر سڀني پنهنجي خوشيءَ جو ڀرپور اظهار ڪيو آئون اِهو لمحو ڪڏهن به نه وساريندس جڏهن اُهي ٻار قطار ناهي پروگرام جي آخري مرحلي ڏانهن وڌي رهيا هئا انهن جنهن بهترين نظم ۽ ضبط جو مظاهرو ڪيو، ان سڀني ماڻهن کي تاڙيون وڄائڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو انهن جي اکين ۾ خوشيءَ جي چمڪ ۽ چهرن تي مُرڪ منهنجي لاءِ ڪنهن به وڏي رڪارڊ کان وڌيڪ قيمتي هئي هن موقعي تي آئون ڊائريڪٽوريٽ آف اسپيشل ايجوڪيشن اسلام آباد جو دل جي گهراين سان شڪرگذار آهيان، جنهن هن فلاحي مقصد جي ڪُلي دل سان حمايت ڪئي ۽ مختلف ادارن مان خاص ٻارن کي پروگرام ۾ شرڪت ڪرائڻ لاءِ منهنجو ساٿ ڏنو ساڳيءَ طرح مان چيئرمين سي ڊي اي جو به خاص طور تي شڪرگذار آهيان جڏهن مون کيس 'پريم نگر' ۽ خاص ٻارن لاءِ هلندڙ هن عظيم خدمت واري مشن بابت ٻڌايو ته هن فوراً سهڪار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ان کان علاوه چيئرمين پي ٽي اي، اسلام آباد جي ضلعي انتظاميا، پوليس، سياسي ۽ فوجي قيادت ۽ ٻين ادارن سان لاڳاپيل ڪجهه مددگار ۽ ملنسار ماڻهن به مڪمل سهڪار ڪرڻ جي خاطري ڪرائي پر ٿيئٽريڪل شو ٿيڻ کان ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ ڏکيو وقت به آيو ڪجهه اهڙا ماڻهو سرگرم ٿي ويا، جيڪي هن فلاحي پروگرام کي ناڪام ڪرڻ چاهيندا هئا صورتحال اهڙي ٿي وئي جو لڳو ته شايد هاڻي هي پروگرام ڪڏهن به ٿي نه سگهندو اهڙي ڏکئي وقت ۾ انسانيت جو درد رکندڙ ڪجهه ماڻهو اڳتي آيا، انهن منهنجو قدم قدم تي ساٿ ڏنو ۽ پردي پٺيان رهي هن پروگرام کي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ تمام اهم ڪردار ادا ڪيو انهن وڏي دل ۽ سٺي ڪردار وارن ماڻهن پنهنجي عمل سان ثابت ڪري ڇڏيو ته اڄ به اسان جي معاشري ۾ اهڙا ماڻهو موجود آهن جن جي نيڪين ۽ انسانيت جي ڪري الله جي رحمت ۽ برڪت اسان جي پياري ملڪ تي قائم آهي اسلام آباد کي عام طور تي حيثيت، عهدي ۽ پروٽوڪول جو شهر چيو ويندو آهي هتي ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ جي عزت به سندس عهدي ۽ گريڊ سان ماپي ويندي آهي عام طور تي اِهو خيال هوندو آهي ته وڏن تفريحي پروگرامن ۾ بااثر ماڻهن لاءِ مفت پاس ۽ خاص پروٽوڪول لازمي هجڻ گهرجن مون هن روايت کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي مون هر ماڻهوءَ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته مفت پاس وٺڻ بدران ٽڪيٽ خريد ڪريو، چو ته توهان جي خريد ڪيل هڪ ٽڪيٽ به ڪنهن مجبور ۽ ضرورت مند ماڻهوءَ جي زندگي بهتر ڪرڻ ۾ مددگار ٿي سگهي ٿي 'پريم نگر' جي هن پروگرام ۾ منهنجي ڪوشش اِها هئي ته انسانيت جي خدمت جي اڳيان ڪنهن جو عهدو وڏو نه ٿئيو ته سمجهيو وڃي انهيءَ سوچ تحت مون اِهو يقيني بڻايو ته پلي ڪو ماڻهو 40هزار رپين جي ٽڪيٽ وٺي يا 3هزار رپين جي ٽڪيٽ، سڀ ماڻهو هڪ ئي دروازي مان اندر داخل ٿين منهنجي نظر ۾ اِها ئي حقيقي برابري آهي جڏهن الله جي سامهون سڀ ماڻهو برابر آهن ته پوءِ انسانيت جي خدمت واري ڪم ۾ به سڀني سان برابري ٿيڻ گهرجي 'پريم نگر' جي هن سفر دوران مون کي سرڪاري آفيسرن ۽ انتظاميا جي طرفان مختلف مشڪلاتن کي به منهن ڏيڻو پيو، ڪجهه بااثر ماڻهو ان ڳالهه تي ناراض ٿي ويا ته مون سندن خاندان کي مفت پاس ڏيڻ بدران ٽڪيٽ خريد ڪرڻ لاءِ چوڇيو، انهن پنهنجي ڪاوڙ انهن تنذن ملازمن تي ڪئي، جيڪي منهنجي مدد ڪري رهيا هئا مون تي دٻاءُ وجهڻ لاءِ مختلف طريقا به آزمايا ويا، مون کي انهن ڳالهين تي افسوس ضرور ٿيو پر مون پنهنجي اصولن تي سمجهوتو نه ڪيو، پوءِ آخرڪار اُها رات اچي وئي جيڪا آئون ڪڏهن به وساري نه سگهندس لڳي رهيو هو ته الله منهنجي ارادي جو سڀ کان وڏو امتحان وٺڻ وارو آهي 11 سيپٽمبر جي رات مان پنهنجي نگرانيءَ ۾ اسلام آباد جي تاريخ جو تمام وڏو ۽ اوچو اسٽيج لڳرائي رهيو هئس اوچتو موسم خراب ٿيڻ شروع ٿي وئي هڪدم تمام تيز طوفاني هوائون هلڻ لڳيون ۽ منهنجي اکين اڳيان اُهو وڏو اسٽيج خوفناڪ نموني سان ڪري پيو، هر طرف افراتفري مچي وئي پر خوش قسمتيءَ سان ڪنهن ماڻهوءَ جي جان نه وئي ڪجهه ئي لمحن اندر سوشل ميڊيا تي افواهون هلڻ شروع ٿي ويون ۽ ماڻهن ۾ ڳالهيون ٿيڻ لڳيون ته شايد پروگرام ئي منسوخ ٿي ويو آهي پر مون فوري طور هڪ وڊيو پيغام جاري ڪيو ۽ چيو ته هي الله طرفان منهنجي لاءِ هڪ امتحان آهي آئون سڄي رات سمهي نه سگهيس پنهنجي ٽيم سان گڏ اتي ئي موجود رهيس ۽ پنهنجي نگرانيءَ ۾ اسٽيج کي ٻيهر ٺاهڻ جو ڪم شروع ڪرائي ڇڏيو جڏهن صبح ٿي ۽ سج جون ڪرڻيون چوڌاري پکڙجڻ لڳيون، تڏهن تمام ٿوري وقت اندر اسٽيج ٻيهر تيار ٿي چڪو هو يقيناً، هن حادثي سبب اسان جي تيارين ۽ وقت جي شيڊيول تي اثر پيو، پروگرام واري ڏينهن به ڪجهه انتظامي مسئلا پيش آيا، پر آئون اسلام آباد ۽ راولپنڊي جي ماڻهن کي دل سان داد ڏيان ٿو جن صورتحال کي سمجهيو، اسان جون مشڪلاتون محسوس ڪيون ۽ مجموعي طور تي اسان سان ڀرپور سهڪار ڪيو جڏهن 'پريم نگر' جا برانڊ ايمبيسيڊر، صوفي موسيقيءَ جي مشهور ڳائڪي عابده پروين ۽ استاد راحت فتح علي خان لائيو پرفارمنس لاءِ اسٽيج تي آيا ته سڀ ماڻهو خوشيءَ سان جهومڻ لڳا پوءِ پنگڙا ۽ پاپ ميوزڪ جي مشهور ڳائڪي ابرارالحق پنهنجي پرفارمنس سان ماڻهن کي ڪرسيون ڇڏي بيهي ناچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو، مون کي اُن ڳالهه جي به خوشي آهي ته ڪجهه ماڻهن جي دٻاءُ ۽ پروگرام خلاف منفي مهم هلائڻ جي ڪوششن باوجود اسلام آباد ۽ راولپنڊي جي ماڻهن پاڻ 'پريم نگر' جي حق ۾ آواز بلند ڪيو جيڪڏهن سوشل ميڊيا تي ڪنهن پروگرام خلاف منفي تبصرو ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي، ته پروگرام ۾ شامل ماڻهن ڪمينٽس ۾ پاڻ اُن جو جواب ڏنو انهن چيو ته تمام گهڻين مشڪلاتن باوجود اسپورٽس ڪمپليڪس ۾ 'پريم نگر' جو هيءُ تاريخي ٿيئٽريڪل پروگرام پنهنجي مثال پاڻ هو وقت ثابت ڪري ڇڏيو ته ڊاڪٽر رميش ڪمار جي پروگرام جو اسٽيج ته ضرور ڪري پيو، پر سندس حوصلو نه ڪريو.

31هين ورسيءَ جي مناسبت سان

ٽريڊ يونين اڳواڻ شهيد عثمان غنيءَ جي شخصيت

حبيب الدين جنيدي

سڄي دنيا وانگر پاڪستان جي مزدور تحريڪ به پنهنجي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جي پرعزم جدوجهد ۽ قربانين سان ڀرپور تاريخ رکي ٿي. آمريڪا جي شهر شڪاگو ۾ 1886ع جي تاريخ ساز مزدور جدوجهد سڄي دنيا ۾ پورهيتن جي طاقت مڃرائي هئي. اهڙيءَ طرح پاڪستان ۾ به ننڍن وڏن صنعتي شهرن ۾ محنت ڪندڙ عوام پنهنجن انساني ۽ آئيني حقن جي تحفظ لاءِ ناقابل فراموش تحريڪون هلايون آهن. پاڪستان ۾ صنعتي مزدورن سان گڏ وائيٽ ڪالر ملازمن جي جدوجهد به نمايان رهي آهي. پي آءِ اي، بينڪون، انشورنس، بلدياتي، خودمختيار، نيم خودمختيار، سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن جي ملازمن جي تنظيمن جدوجهد جا قابل فخر مثال قائم ڪيا آهن. بينڪنگ انڊسٽريءَ جي ٽريڊ يونين اڳواڻن ۾ شهيد عثمان غنيءَ جو نالو انتهائي نمايان حيثيت رکي ٿو. هن کي 17 سيپٽمبر 1995ع تي ڪراچيءَ ۾ سندس رهائشگاهه پرسان دهشتگردن شهيد ڪري ڇڏيو. سندس تعلق ڪراچيءَ جي قديم علائقي جنيسر ڳوٺ سان هو.

عثمان غني پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات مسلم ڪمرشل بئنڪ لميٽيڊ جي ملازمت سان ڪئي. نوجوانيءَ کان ئي سندس اندر قيادت جون صلاحيتون موجود هيون، جنهن سبب هو تمام جلد بئنڪ ملازمن ۾ مقبول ٿي ويو ۽ سي بي اي يونين جو صدر چونڊيو ويو. اتان کان سندس مزدور تحريڪ سان وابستگي شروع ٿي جيڪا زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين قائم رهي. عثمان غني هڪ جمهوريت پسند سياسي ڪارڪن به هو. پنهنجي اباڻي علائقي جنيسر ڳوٺ ڪراچيءَ ۾ هو پ پ پ جي سرگرم اڳواڻ طور سڃاتو ويندو هو. شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي قيادت ۾ هن جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ هلندڙ هر تحريڪ (ايم آر ڊي) ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ قربانيون ڏنيون. مسلم ڪمرشل بئنڪ جي سي بي اي يونين جي صدر ۽ پاڪستان بينڪس ايمپلائز فيڊريشن جي ڊپٽي سيڪريٽري جنرل جي حيثيت ۾ عثمان غني ملازمن جي حقن لاءِ انتهائي بهادريءَ سان جدوجهد ڪئي. هن ڪيترين ئي تڪليفن ۽ جيلن کي منهن ڏنو پر پنهنجي موقف تان پوئتي نه هٽيو. عثمان غنيءَ جي زندگيءَ جي آخري جيل ياترا 1991ع جي شروعات ۾ ٿي جڏهن ۾ ليڪ به ساٿس گڏ قيد هيو. ان وقت نواز شريف وزيراعظم هو ۽ قومي ملڪيت وارن ادارن جي نجڪاري واري پاليسيءَ تي عملدرآمد ڪيو پئي ويو. انهيءَ دور ۾ نجڪاريءَ خلاف پاڪستان جي ٽريڊ يونينز اتحاد قائم ڪيو، جنهن تحت 160 سي بي اي ٽريڊ يونينز هڪ ڏينهن جي علامتي ملڪگير هڙتال ڪئي هئي.



اها هڙتال ڪرائڻ جي ڏوهه ۾ شهيد عثمان غنيءَ کي سندس آفيس جيڪا ايم سي بي هيڊ آفيس ۾ واقع هئي، اتان پوليس ڇاپو هڻي گرفتار ڪري ورتي. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ سندس گرفتاريءَ خلاف آءِ آءِ چندريگر روڊ تي ٿيل وڏي احتجاجي جلسي کي خطاب ڪرڻ ڪانپوءِ ليڪڪ کي به گرفتار ڪري ڪراچي سينٽرل جيل منتقل ڪيو ويو. ٻنهي جي آزادي ايم سي بي بئنڪ جي خانگي شعبي کي وڪرو ٿيڻ ڪانپوءِ عمل ۾ آئي. عثمان غني جو شمار انهن مزدور اڳواڻن ۾ ٿيندو هو جن سان شهيد محترمه بينظير ڀٽو انتهائي شفقت سان پيش ايندي هئي. پيپلز پارٽي جي ذيلي تنظيم "پيپلز ليبر بيورو" جي قيام لاءِ شهيد بينظير ڀٽو کي قائل ڪرڻ ۾ به شهيد عثمان غني ۽ عبدالعزيز ميمڻ اهم ڪردار ادا ڪيو. اڄ شهيد عثمان غنيءَ جي 31هين ورسي ملهائي پئي وڃي. سندس ياد ان ڪري به تازي ڪئي پئي وڃي، ڇاڪاڻ ته هو هڪ شريف النفس، بااخلاق، مهذب ۽ تعليم يافته مزدور اڳواڻ هو جنهن پنهنجي اداري جي مزدور انجمن جي چونڊن ۾ ڪڏهن به شڪست نه کاڌي. عثمان غني پنهنجي سياسي ۽ مزدور جدوجهد دوران مخالفن سان به ڪڏهن انتقامي رويو اختيار نه ڪيو پر معاف ڪرڻ کان ڪم ورتو.

تاريخ جو اٽل فيصلو آهي ته جڏهن جبر جون قوتون ڪنهن هڪ ڏيئي جي لاٽ وسائينديون آهن ته قدرت هڪ نئين ڏيئي کي روشن ڪري ڇڏيندي آهي. سندس باصلاحيت فرزند سينيٽر سعيد غني پنهنجي شهيد والد جي مشعل کي پوري جوش ۽ جذبي سان اڳتي وڌائي رهيو آهي. پ پ پ جو مرڪزي اڳواڻ ۽ سنڌ جي وزير محنت جي حيثيت سان سعيد غني محنت ڪندڙ ۽ مظلوم پورهيتن جي مسئلن جي حل لاءِ ممڪن قدم کڻي رهيو آهي. سندس دور ۾ خاص طور تي 18هين آئيني ترميم لاڳو ٿيڻ کان پوءِ سنڌ ۾ مزدورن جي حقن سان لاڳاپيل ڪيترائي مزدور دوست قانون متعارف ڪرايا ويا آهن. مزدورن جي معاملن ۾ ته ڌري مشاورت کي ضروري قرار ڏنو ويو آهي. مزدورن جي فلاحي ادارن ۾ حڪومت جي نمائندگي گهٽائي مزدور اڳواڻن جي نمائندگي وڌائي وئي آهي. جڏهن ته فلاحي ادارن ۾ اربين رپين جي ڪرپشن خلاف به قدم کنيا پيا وڃن مزدور اڳواڻن سان مشاورت جو اهو سلسلو پڻ جاري رکيو ويو آهي. هن وقت به ليبر ڪوڊ 2024ع بابت مزدور اڳواڻن سان صوبائي وزير محنت جون ملاقاتون جاري آهن ته جيئن اتفاق راءِ سان قانونسازيءَ جو عمل مڪمل ڪري سگهجي. شهيد عثمان غنيءَ جي جدوجهد ۽ قربانيون پاڪستان جي مزدور تحريڪ لاءِ هڪ روشن باب آهن. سندس مشن کي اڳتي وڌائڻ ۽ محنت ڪندڙ عوام جي حقن جي تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رکڻ ئي سندس قربانين کي حقيقي خراج عقيدت پيش ڪرڻ آهي.

لطيفي لاٽ ـــــــ شاهه عبداللطيف ڀٽائي

سائرِ صِحتَ سيرين، آهي نہ آزارُ،
مجلس وير مِلو ٿئي، ڪوئيندي ڦهار،
خنجرُ تنهن خوبُ هڻي، جنهن سين ٿئي يارُ،
صاحبُ رَب ستارُ، سوجهي رڳون ساهه جون.

پرين صحت لاءِ نار وجهندڙ مرهم آهي، ۽ هو هرگز پيڙا ڏيندڙ نہ آهي. هو ڪچهريءَ ۾ (رهاڻ ڪندي) مفو ٿو لڳي، پر ڪوئڻ ۾ ڦهري (ظالم) ٿو اچي. جنهن جو هو دوست ٿئي ٿو تنهن کي خوب ڪاتيون ٿو هڻي. پردو رکندڙ رب ساهه جون رڳون به ٿو نچوئي.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

ڪي ماڻهو تاريخ ٺين ٿا!

اهي شخص تاريخ ۾ اهڙو خال ڇڏي ويندا آهن جنهن خال کي پرڻ تمام گهڻو مشڪل هوندو آهي ان انسان جون برادري، مسڪين ماڻهن راڄن ۽ عوام جي لاءِ ڪيل خدمتون ئي يادگيريون بڻجي وينديون آهن انهن تليوارن فردن مان سنڌ جو سرموڙ مرحوم رئيس اطاف چانڊيو به پنهنجو مٽ پاڻ هو جهڙو نالو رئيس اطاف چانڊيو هئس تهڙو ئي طبيعت جو محسن، انسان دوست، غريبن جو ساٿي همدرد ۽ عوام دوست شخص هو اسان وٽ عام طور تي هڪ اصلاح استعمال ٿيندو آهي 'راڄائتو'، يعني "راڄ وارو" جڏهن ته سنڌ راڄن سان پري پئي آهي ۾ راڄائتا مڙس آگرين تي ڳڻڻ جيترا ئي نظر ايندا، جيڪي پنهنجي راڄن لاءِ پاڳ بڻيل هجن ٿا، پاڳوند اهو ماڻهو آهي جيڪو پنهنجي راڄ لاءِ سلطنت جي سچ واري حيثيت رکندڙ هجي راڄائتو مڙس جيڪو شرافت، صداقت، محبت ۽ خدمت جي جذبي سان سرشار هجي سو ئي ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪري ٿو رئيس اطاف، جيڪو سنڌ جي نامور ساڪائتي خاندان جو هڪ معزز اڳواڻ هو رئيس اطاف چانڊيو جوجنم تنبي باگي شهر ۾ ٿيو سندس ڏاڏو رئيس نورنگ خان چانڊيو، جيڪو علائقي جو هڪ وڏو زميندار ۽ تليوارو شخص هو جڏهن ته سندس والد رئيس علي خان چانڊيو به چانڊيا قبيلي جو ڀريون سنڌ ۾ پوليس آفيسر هو هُن شروعاتي تعليم حيدرآباد ۾ حاصل ڪئي جڏهن ته تعليم مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ کيس سنڌ پوليس کاتي ۾ نوڪري ملي پر کيس نوڪريءَ کان وڌيڪ عوامي خدمت ۽ راڄن ۽ پاڳن ۽ مسڪينن سان لڳاءُ هو. تنهنڪري ڪجهه عرصي بعد هن نوڪري ڇڏي، عوامي خدمت جي جذبي سان سرشار ٿي ويو ۽ سياسي توڙي سماجي ميدان ۾ غريبن جي خدمت ڪرڻ لڳو جڏهن ملڪ ۾ جنرل ضياءُ الحق مارشل لا لاڳو ڪيو انهيءَ وقت رئيس اطاف چانڊيو همت، حوصلي ۽ بهادريءَ سان ايم آر ڊي تحريڪ ۾ ڀرپور نموني جدوجهد ڪئي ۽ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ قربانيون ڏيڻ کان نہ ڪيٻايائين سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جي ڪيترين ئي نامور سياسي خاندانن يا راڄن سان هن جا سياسي ۽ سماجي لاڳاپا رهيا، پاڻ هر وقت عوام سان ويجهو رهيو، هو راڄ پاڳ جي ماڻهن جي خوشين ۽ غمين ۾ ساڻن هر وقت گڏ هوندو هو، مسڪينن جو هميشه پڇهلو رهيو، سنڌ اندر سچائي ۽ ايمانداريءَ تي ٻڌل فيصلن جو پڻ امين سڏبو هو کيس عربي، سنڌي، اردو، فارسي، انگريزي، سرائيڪي ۽ بلوچي ٻولين تي عبور حاصل هو شاعري سندس روح جو سڪون ۽ احساس جي اظهار جو وسيلو هئي ساڻس گڏ ويهندڙ ماڻهو پنهنجا غم وساري ويهندا هئا، ڇو ته هن جي شخصيت ۾ مسڪراهٽ، حوصلو ۽ محبت گڏجي هڪ اهڙي ڇڪ جو سبب هوندي هئي جيڪا هر دل کي موهي رکندي هئي هن جو نالو انهن ماڻهن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو، جن پنهنجي سڄي زندگيءَ کي عوامي خدمت، ايمانداري ۽ اصولن تي عملي طور وقف ڪيو آهي ان قسم جي جستجو هميشه تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ رهندي آهي اڄ سندس پهرين ورسي آهي الله پاڪ سندس مغفرت فرمائي ۽ کيس جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري!

(تحرير: فهد چانڊيو)

اڄوڪو ڏينهن ــــ 17 سيپٽمبر

شيوارام ڏيونمل وزيراڻي

شيوارام ڏيونمل وزيراڻي ڪراچيءَ جو مشهور سماج سڌارڪ ۽ سياستدان هو هن جو جنم 17 سيپٽمبر 1883ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو سندس وڏا اصل ۾ ٺٽي شهر جا رهواسي هئا. هن اين جي وي اسڪول ڪراچيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ ڊي جي سنڌ ڪاليج مان بي اي جي سند حاصل ڪئي هن 1906ع ۾ ڪراچي ميونسپلٽيءَ جي ميمبر طور پنهنجي سياسي سفر جي شروعات ڪئي هو 1920ع تائين لاڳيتو ڪراچي ميونسپلٽيءَ ۽ ڪراچي لوڪل بورڊ جو ميمبر رهيو ان زماني ۾ ڪراچي لوڪل بورڊ ۾ ڪراچيءَ جا ٻهراڙيءَ وارا علائقا، ٺٽو، ڄامشورو ۽ دادو ضلعو پڻ شامل هئا. 1920ع ۾ کيس ڪراچي لوڪل بورڊ جو پهريون چونڊيل صدر بڻجڻ جو اعزاز حاصل ٿيو هن ڪراچيءَ جي اعزازي مئجسٽريٽ ۽ اسپيشل فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ طور پڻ ڪم ڪيو هن ڪراچيءَ جي ٻهراڙين ۾ ڪيترائي اسڪول کولرايا ۽ عام پلي جا ڪم ڪرايا. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هندستان وڃڻ بدران سنڌ ۾ ئي رهيو ۽ ڪراچيءَ ۾ ئي سندس پساهه پورا ٿيا. ديوان شيوارام جو هڪ تفصيلي سوانحي خاڪو مرحوم گل محمد ڪلمتيءَ جي ڪتاب "ڪراچيءَ جا لافاني ڪردار" ۾ شامل آهي.

مرزا سلطان حيدر بيگ

هن نامور شاعر، مضمون نگار ۽ محقق جو جنم 17 سيپٽمبر 1927ع تي مرزا علي محمد بيگ مظفر جي گهر ٽنڊي آغا حيدرآباد ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم آسوڊو مل پرائمري اسڪول ڦليلي حيدرآباد مان حاصل ڪئي ان بعد نو وديالا هاءِ اسڪول (هاڻوڪو ماڊل اسڪول اولڊ ڪئمپس) مان پري مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين اديب فاضل ۽ اديب عالم جا امتحان پڻ پاس ڪيائين قرآن شريف پنهنجي ڏاڏي مرزا قربان علي بيگ وٽ پڙهيو، جڏهن ته فارسي پنهنجي والد کان سکيو هن مختلف کاتن ۾ ڪلارڪ طور ڪم ڪيو ۽ سول ڪورٽ حيدرآباد ۾ چيف منسٽريل آفيسر طور رٽائر ٿيو هن پنهنجي والد جي سرپرستيءَ ۾ شاعري شروع ڪئي پاڻ حيدرآباد ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ شوق سان شريڪ ٿيندو هو هن سنڌي، اردو ۽ فارسيءَ ۾ شاعري ڪئي مرثيه خوانيءَ ۾ به سندس ڪو مٽ ۽ ثاني نه هو هو هڪ بهترين مضمون نگار ۽ محقق هو هن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي سچل سرمست ۽ سيد ثابت علي شاهه جي شاعريءَ تي ڪيترائي تحقيقي مضمون لکيا. مرزا سلطان حيدر بيگ 6 فيبروري 2005ع تي دم ڏئي، حوالي ڪيو.

اختر علي جي قاضي

سنڌ جي هن مشهور سياستدان ۽ قانوندان 17 سيپٽمبر 1936ع تي دادو ضلعي جي شهرپلٽ شريف ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو هن مئٽرڪ جو امتحان اين جي وي اسڪول ڪراچيءَ مان پاس ڪيو ۽ ايس ايم آرٽس ڪاليج ڪراچيءَ مان گريجوئيشن ڪئي قانون جي سند پڻ حاصل ڪيائين تعليم مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ لاڙڪاڻي ۾ وڪالت شروع ڪيائين ۽ هتان جي بار ايسوسيئيشن جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو پاڻ لاڙڪاڻي جي لا ڪاليج جو باني پرنسپال رهيو لاڙڪاڻي ۾ آرٽس ۽ ڪامرس ڊگري ڪاليج جو بنياد پڻ وڌائين 1985ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي ڊپٽي اسپيڪر طور ڪم ڪيائين 1986ع ۾ کيس

سنڌ جي تعليم، قانون، پارليامينٽري معاملن، ٽرانسپورٽ، مڪاني ادارن، ڳوٺاڻي ترقي ۽ راندين وارن کاتن جو وزير چونڊيو ويو اپريل 1988ع کان ڊسمبر 1988ع تائين وزيراعليٰ سنڌ طور ذميداريون سنڀاليائين هن 14 آڪٽوبر 2010ع تي وفات ڪئي.

چندرو آتما

چندرو آتما هندستاني فلمن جو مشهور سنڌي ڳائڻو هو هو 17 سيپٽمبر 1938ع تي ڪراچيءَ ۾ ڄائو سندس والد حشمتراءِ چٽناڻي ڪراچيءَ جو مشهور وڪيل هو هن جو وڏو ڀاءُ سي ايڇ آتما به هندستاني فلمن جو نامور پس پرده ڳائڻو هو چندروءَ کي ڳائڻ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هو ۽ ڳائڻ جي ابتدائي سکيا پنهنجي وڏي ڀاءُ کان ورتائين هن کي هندستان جي فلم انڊسٽريءَ ۾ به سندس ڀاءُ متعارف ڪرايو. شروع ۾ هن نجي محفلن ۽ ثقافتي تقريبن ۾ ڳائڻ شروع ڪيو، بعد ۾ هن فلمن لاءِ به گيت رڪارڊ ڪرائڻ شروع ڪيا جن فلمن لاءِ هن گيت ڳايا، تن ۾ پوميڪا (1977)، پريم بنڌن (1979)، مارڌاڙ (1988)، لڪيتي (1991) ۽ ڪجهه ٻيون فلمون شامل آهن هن ڪجهه سنڌي ۽ گجراتي فلمن لاءِ پڻ گيت ڳايا. هن جي ڳايل صوفي ڪلامن، غزلن ۽ مذهبي گيتن جون آڊيو ڪيسٽون ۽ سيڊيز پڻ جاري ٿيون عمر جي آخري حصي ۾ جڻ هند يونيورسٽي ممبئيءَ ۾ آرٽس ۽ موسيقيءَ جي اعزازي پروفيسر طور خدمتون سرانجام ڏنائين 12 اپريل 2009ع تي سندس ساهه جي تند ٽٽي پئي.

محمد اسماعيل عرساڻي

اڄوڪو ڏينهن اسان کي سنڌ جي نامور اديب ۽ تعليمي ماهر محمد اسماعيل عرساڻيءَ جي ياد ڏياري ٿو هن 17 سيپٽمبر 1906ع تي هالا ڻوان ۾ پنهنجي زندگيءَ جي سفر جي شروعات ڪئي ابتدائي تعليم هالا مان حاصل ڪيائين، جڏهن ته مئٽرڪ جو امتحان "نيول راءِ هيرانند اڪيڊمي حيدرآباد" مان پاس ڪيائين هن 1935ع ۾ ايجوڪيشنل سپروائيزر طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي اڳتي هلي ڊپٽي ڊائريڪٽر آف اسڪولس حيدرآباد ريجن مقرر ٿيو ۽ انهيءَ ئي عهدي تي رهندي رٽائر ٿيو عرساڻي صاحب ادبي دنيا ۾ هڪ ڊراما نگار ۽ مضمون نگار طور ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "بد نصيب ٿري" (ڊرامون)، "سڪر سي ٿئي ڏينهن" (آتم ڪٿا)، "سير ريگستان" ۽ "ٻياريون وڻون" شامل آهن سندس ٽلي سان انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجيءَ ۾ هڪ ڪارنر قائم ٿيل آهي هن پهرين نومبر 1986ع ۾ وفات ڪئي.

پوپٽي هيرانندائي

اڄ سنڌي ٻوليءَ جي برک ليکڪا پوپٽي هيرانندائيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هوءَ هڪ نامياري شاعره، ڪهاڻيڪاره، ناول نگار، مضمون نگار ۽ نقاد هئي هن

مختيار انڙ

جو جنم 17 سيپٽمبر 1924ع تي حيدرآباد جي هندو عامل گهراڻي ۾ ٿيو سندس والد رامچند هيرانندائي هيلي کاتي ۾ ملازم هو ابا ڏهن سالن جي مس هئي جو پنهنجي پيءُ جي شفقت کان محروم ٿي وئي هن حيدرآباد جي ڪندن مل هاءِ اسڪول ۽ ميران ڪاليج مان تعليم حاصل ڪئي هن ڪندن مل هاءِ اسڪول ۽ پگٽ گرلس اسڪول حيدرآباد ۾ موسيقيءَ جي استاد طور خدمتون سرانجام ڏنيون ورهاڱي کان پوءِ پنهنجي مائٽن سان گڏ هندستان روانو ٿي وئي جتي بنارس هندو يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين ۽ ادب ۾ پولين جي استاد طور پڙهائڻ شروع ڪيائين هن ڪشنچند چيلارام (ڪي سي) ڪاليج ممبئيءَ ۾ پروفيسر ۽ سنڌي شعبي جي چيئرپرسن طور رٽائرمينٽ ورتي هوءَ ڪيترين ئي علمي، ادبي ۽ ثقافتي تنظيمن ۽ ادارن جي ميمبر رهي هن لڳ ڀڳ 60 ڪتاب لکي سنڌي ادب جي خزاني کي مالامال ڪيو انهن ڪتابن ۾ سندس شاعريءَ جا مجموعا، ڪهاڻيون، ناول، مضمون، آتم ڪٿا، سفرناما ۽ ٻيون لکڻيون شامل آهن هن مهان ليکڪا 16 ڊسمبر 2005 تي ممبئيءَ ۾ هن فاني دنيا کان هميشه لاءِ موڪلايو.

جمعو مل چيناڻي

هن مشهور شاعر جو جنم 17 سيپٽمبر 1996ع تي ٺاري تعلقي جي ننڍڙي شهر چونڊڪو ۾ ٿيو هن ٻارهين ڪلاس تائين تعليم پنهنجي شهر چونڊڪو مان حاصل ڪئي هن ننڍپڻ کان ئي شاعري شروع ڪئي شاعريءَ ۾ استاد ديدار علي شيخ سندس رهنمائي ڪئي هن گيت، غزل، وائي، مستهزاد، ٽيڙو ۽ شاعريءَ جي ٻين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي.

پير عبدالستار جان سرهندي

سنڌ جي هن روحاني پيشوا، عالم ۽ ادب دوست انسان جو جنم 1893ع ڌاري ٽنڊي محمد خان ضلعي جي ڳوٺ ٽڪڙ ۾ ٿيو ٽڪڙ ۽ ٽنڊي سائينداد جي عالمن وٽ علم جي اڃ اجهايائين هن خلافت تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان ڀرپور حصو ورتو خلافت تحريڪ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ هو جمعيت العلماءِ سان لاڳاپيل رهيو جڏهن سعودي عرب ۾ ڏڪار پيو ته هن سنڌ مان هزارين من اناج ۽ هزارين رپيا چندو گڏ ڪري سعودي عرب ڏانهن روانو ڪيو هن کي سير ۽ سفر جو گهڻو شوق هو ۽ ڪيترن ئي ملڪن جو سير ڪيائين سندس زندگيءَ بابت تفصيلي مضمون مولانا غلام محمد گراميءَ جي ڪتاب "ويا سي ويئجهار" ۾ پڙهي سگهجي ٿو هو هڪ سٺو شاعر پڻ هو هن ٽنڊي سائينداد ۾ "انجمن اشعراءِ" جو بنياد وڌو جتي هر هفتي مشاعرو منعقد ٿيندو هو هن بزرگ 17 سيپٽمبر 1966ع تي دم ڏئي حوالي ڪيو.

آزاد صوفي

آزاد صوفي سنڌي ٻوليءَ جو مهان ڳائڪ هو هن جو اصل نالو پرسرام درياڻي هو ۽ سندس جنم 15 فيبروري 1930ع ۾ خيرپورميرس ۾ ٿيو هن سنڌي فائنل تائين تعليم حاصل ڪئي هن ننڍپڻ ۾ ئي سنڱيت جي سٽي پيتي هئي سورهن سالن جي ڪچڙي

جوانيءَ ۾ پلاڙي پٽ ڏٽيءَ سچل سرمست ۽ ٻين صوفي شاعرن جا ڪلام جهونگارڻ شروع ڪيائين جوانيءَ ۾ ڳايل سندس گيت "نار ماتا نار پنهنجي ٻچڙن جي نار" اڄ به من کي ٺاري وجهي ٿو ان بعد هن سوين پچن، صوفي ڪلام ۽ فلمي گيت ڳائي مڃتا ماڻي هو هڪ سٺو شاعر پڻ هو هن جي رچيل پچنن جا ڪيترائي ڪتاب ڇپيا، جن ۾ "نار ماتا نار"، "ست ناراڻ جي ڪٿا"، "صوفين جي سوغات" ۽ "شوراتريءَ جو مهاتم" ڏينهن جي روشني ڏسي چڪا آهن هو اسٽيج جو به سٺو ڪلاڪار هو ۽ ڪيترن ئي ناٽڪن ۽ فلمن ۾ ڪم ڪيائين هن 17 سيپٽمبر 1982ع تي پنهنجي سنساري سفر پورو ڪيو.

پير غلام رسول سرهندي

هن عالم ۽ اديب جو واسطو متياريءَ جي سرهندي خاندان سان هو سندس ولادت 2 جنوري 1912ع ۾ ٿي سندس والد پير آغا غلام مجدد پنهنجي دور جو مشهور بزرگ ۽ تحريڪ آزاديءَ جو اهم ڪردار هو هن عربي فارسي سنڌي ۽ ديني تعليم پنهنجي شهر جي بزرگن کان حاصل ڪئي ان کان پوءِ سورت جي ڏابيل مدرسي ۾ پڙهيو ۽ اتي ئي سندس دستاربندي ٿي هن ڪيترائي ڪتاب تصنيف ڪيا، جن ۾ "لذت الارواح"، "سوانح حيات حضرت آغا غلام مجدد سرهندي رحه"، "انساب نامو" ۽ "ملفوظات الاڪابر" شامل آهن هو هڪ چڱو شاعر پڻ هو هن بزرگ 17 سيپٽمبر 1990ع تي راهه رباني ورتي.

سشيلا مهتاڻي



اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي نامور ڪلاڪاره سشيلا مهتاڻيءَ جون سارونيون کڻي آيو آهي جنهن جو جنم 31 آگسٽ 1931ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو هن جا مائٽ اصل ۾ ڪوهستان جي ننڍڙي شهر ٿاڻي بولا خان جا رهواسي هئا. هن ڪراچيءَ جي ڏامي ٻائي بسنت سنگهه هاءِ اسڪول ۾ ٻارهين ڪلاس تائين تعليم حاصل ڪئي 1947ع ۾ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هن جو خاندان ممبئيءَ ۾ وڃي ٿانيڪو ٿيو، جتي هن جڻ هند ڪاليج مان گريجوئيشن ڪئي 1950ع واري ڏهاڪي ۾ سندس خاندان هندستان ڇڏي هڪ ڀيرو ٻيهر اچي ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي هن کي ڳائڻ ۽ موسيقيءَ سان شروع کان ئي دلچسپي هئي هن سنڌ جي مشهور راڳيءَ ماسٽر محمد ابراهيم کان سر ۽ سنگيت جا گر سکيا. هن جا ڪيترائي صوفي ڪلام ريڊيو پاڪستان تي رڪارڊ ٿيا، جن کيس سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ مقبول بڻائي ڇڏيو جيئنوٽيڪ صوفي شاعرن جو ڪلام اسان جي سنڌ جي ڪيترن ئي مشهور سنگيتڪارن ڳايو آهي پر سشيلاجي آواز ۾ ڪو عجيب جادو هو، جيڪو به سندس آواز ٻڌندو هو، سو سندس آواز جي سحر ۾ گم ٿي ويندو هو سندس مشهور ڪلامن ۾ "واڳ ڏٽي تنهنجي وس- آئون ڪا پاڻ وهيڻي الا"، "پيرين پوندي سان چوندي سان، رهي وڃ رات پنهور ۾"، "آئون سڄڻ جي ٻانهي آهيان"، "ڳل ڪر درخت جي دستور" ۽ ٻيا ڪلام شامل آهن هن ڪجهه سنڌي فلمن ۾ پس پرده ڪلاڪاره طور به ڳايو پر سندس اصل ڌيان صوفي ڪلامن طرف ئي رهيو. 1966ع ۾ سندس خاندان سنڌ ڇڏي اسپين جي ٻيٽ ڪينيري آئيلينڊ ۾ وڃي رهائش اختيار ڪئي انهيءَ ئي ٻيٽ تي 17 سيپٽمبر 2022ع تي سنڌ جي هن سريلي سنگيتڪاره جو آواز هميشه لاءِ خاموش ٿي ويو.

بقايا	1	روزاني عبرت

۾ تازو هڪ سال اڳ ڀرتي ٿيل نوجوان اهلڪار پان سيد آباد واسي غلام مصطفيٰ پهنور ٿجي مبينا مخبر جاويد جلباڻي موقعي تي فوت ٿي ويا جڏهن ته موبائيل انچارج اي ايس آءِ زمان پهنور سميت 3 اهلڪار زخمي ٿي پيا فوتين ۽ زخمين کي سيوهڻ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي وارثن کي اطلاع ڏنو ويو اطلاع بعد فوتين جي گهرن ۾ ڪهرام مچي ويو شهيد اهلڪار غلام مصطفيٰ پهنور جي جنازي نماز ۾ ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق ڇانگا ڊي ايس پي سيوهڻ احمد بخش راهوجو ايس ايڇ او پان مختيار ڪلهوڙو ون فائيو انچارج اياز بڙو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي ايس ايس پي ڄامشورو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ت نوجوان اهلڪار ڌوهارين کي گرفتار ڪرڻ لاءِ جان جي قرباني ڏني شهادت ماڻي ڪيس قومي اعزاز سان دفنايو ائٽون

بقايا	2	روزاني عبرت

لڳ حيدرآباد-ٽنڊومحمد خان روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري روڊ بند ڪري ڇڏيو. مظاهرو ڪندڙ عورتن جي مٿن هي پاڪ ڪتاب ڪنيل هئا ۽ هو ريلوي انتظاميا خلاف نعريبازي ڪري رهيا هئا. ڌرڻي سبب روڊ بند ٿي ويو ۽ گاڏين جون قطارون لڳي ويون. مظاهرو ڪندڙن ٿاڻن […]

ڪابہ ناجائزي ناهي ڪئي ۽ نہ ئي ورڪي ناجائزي برداشت ڪندس

بقايا	10	روزاني عبرت

آزاد مهر. وسيم خان سميت ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو تہ عرفان عالماڻي سنڌ جو سگهارو آواز آهي. ڪراچي جي مختلف معاملن تي آواز اٿاريندو رهي ٿو. انهيءَ پاداش ۾ صفوران ٿاڻي عملدارن عمران شيخ ۽ ٻين مٿس قاتلاڻو حملو ڪيو. جيڪا ڪليل دهشتگردي آهي. هنن چيو تہ پ پ سرڪار هڪ پاسي صحافين کي تحفظ ڏيڻ جا بل پاس ڪرائي رهي آهي تہ ٻئي پاسي پنهنجن پالتو غنڊن کي ڇوٽ ڏني آهي تہ جيڪو بہ حق ۽ سچ جو آواز بلند ڪري تہ مٿس حملا ڪري ڊيڄاريو وڃي. پر اسان ان عمل جي نہ رڳو مذمت ڪيون ٿا پر ڀرپور احتجاج پڻ ڪندا رهنداسين. اڳواڻن مطالبو ڪيو تہ عرفان عالماڻي تي ٿيل قاتلاڻي حملي جو ڪيس داخل ڪري سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي. ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا.

بقايا	11	روزاني عبرت

اهم هنڌن تي پهتي، جتي احتجاج ڪندڙن ميونسپل ڪاميٽي ۽ انتظاميا خلاف نعريبازي ڪئي. مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي شهر ۾ صاف […]

بقايا	27	روزاني عبرت

ڪاڏي لاءِ مختص ڪيل بجيٽ جي استعمال ۾ مبينا بي ضابطگين ۽ ڪرپشن جا الزام سامهون آيا آهن.

سهندي فوت ٿي ويو. تفصيل موجب ٿٽون ڪوٽ پرسان ڳوٺ سٽار خان چانڊيو ۾ فصل مان گاهه ڪٽڻ کان منع ڪرڻ تان چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو […]

خاطري ڪرائي ۽ حد جي ايس ايڇ او نثار احمد هاليپوٽو کي ان مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ فوري ايڪشن ڪڻ جون هدايتون جاري ڪيون.

بقايا	32	روزاني عبرت

۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا	33	روزاني عبرت

[…]

سلمان مگسي جو والد 55 ورهين جو محمد مٺل مگسي ڳوٺ کان محرابپور ايندي ڪوٽڙي روڊ تي اڳ ۾ ئي تاڙ ۾ لڪل ٻہ نامعلوم موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن مٿس فائرنگ ڪري ڪيس شديد زخمي ڪري فرار ٿي ويا واقعي سبب علائقي ۾ سخت خوف هيراس ڇانئجي ويو ۽ اطلاع تي محرابپور […]

لاڳاپيل اختيارين کي شهرين جي شڪايتن جو نوٽيس وٺي عملي قدم کڻڻ گهرجن. هنن خبردار ڪيو تہ جيڪڏهن صاف پاڻي، صفائي ستٿرائي ۽ ٻين بنيادي مسئلن جي حل لاءِ ترت قدم نہ کنيا ويا تہ احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو ۽ مسئلن جي حل تائين احتجاج جو سلسلو جاري رکيو […]

[…]

غصي ۾ آهن. اوهان سڀ ڪجهه ڏسي رهيا آهيو پ پ پ اڳواڻ منظور وسان جي ڪوڏيجي ۾ ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه.

بقايا	19	روزاني عبرت

ملي 70 ٿيائين جي تعليم متاثر ٿيڻ لڳي خبر موجب ڏيٺي لڳ ڳوٺ غلام نبي جروار جو گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول عبدالله خان جروار جي ماستريائي […]

ٽنڊوشهر جي قبرستان ۾ مٽي ماءُ جي حوالي ڪيو ويو ڇوٽڊيل نمائندن سياسي سماجي اڳواڻن صحافين ايم پي اي تاج محمد ملاح وائس چيئرمين علي اڪبر ميمڻ اڳوڻي آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ٽنڊو شهر جي چيئرمين الطاف حسين ميمڻ سان سندس ڀاءُ جي وفات تي تعزيت جو اظهار ڪيو آهي جڏهن تہ چيئرمين الطاف ميمڻ سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي.

[…]

عمراڻي، مٺو وگهيو ڪامريڊ محمد بخش وگهيو ۽ ٻين چيو تہ ايس ايڇ او چلگري نثار هاليپوٽو جي اچڻ سان ڦرلٽ جي وارداتن تي ڪافي ڪنٽرول ٿيو آهي، جڏهن تہ علائقي واسين مسوبرگڙي پوليس پوسٽ ۾ ٺڦري جي ڪوٽ ۽ ون ويلنگ ۽ شهر ۾ هيوي ٽريفڪ جي داخلا بند ڪرڻ خلاف شڪايتون ڪيون، ان موقعي تي ايس ڊي پي او چلگري افتخار پرڙو ماڻهن جون شڪايتون ٻڌي ترت مسئلا حل ڪرڻ ۽ ٺڦري جي ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ جلد اهلڪار مقرر ڪرڻ جي […]

شهيد پٽو جي اڳواڻن نور محمد منجهو رياض لاشاري، نگار بروهي سميت ٻيا شريڪ ٿيا. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي پٽ شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو کي بيدردي سان گوليون هڻي قتل ڪيو ويو ڪيترائي سال گذرڻ باوجود مير مرتضيٰ ڀٽو جي ناحق خون سان انصاف ناهي ٿي سگهيو. هنن گهر ڪندي چيو آهي مير مرتضيٰ ڀٽو جو قتل ڪيس ٻيهر کولي قاتلن کي سخت سزا ڏني وڃي.

بقايا	26	روزاني عبرت

[…]

شهر جي مسئلن کي نظرانداز ڪرڻ بدران قدم کنيا وڃن. احتجاج ڪندڙن چيو تہ […] مسئلن جي حل لاءِ هنگامي بنيادن تي […] ڪري ۽ روڊن، نالين ۽ ٻين بنيادي […] شهرين کي صاف ۽ مٺو پاڻي فراهم […] واٽر سپلاءِ جي نظام کي بهتر بڻائي […] صفائي جو خاص آپريشن شروع ڪري،

جيڪو سراسر غلط عمل آهي مان واضح ڪيان ٿو تہ مان ڪنهن جي بہ بليڪ ميلنگ ۾ نہ ايندس مان پنهنجي اعليٰ عملدارن وٽ جوابده آهيان ۽ انهن کي ئي جواب پيش ڪندس مان ڪنهن سان ڪابہ ناجائزي ناهي ڪئي ۽ نہ ئي ورڪي ناجائزي برداشت ڪندس

بهتر قرار ڏئي وٺي هئي، پر هاڻي ڪن ۾ انفيڪشن جو مسئلو پيدا ٿيو آهي. ٻئي طرف سفاري پارڪ ۾ مدهو بالا جي علاج ۽ صحت بابت ڪي ايم سي جي ترجمان دانيال سيال موقف ڏيڻ کان پاسو ڪيو آهي.

بقايا	37	روزاني عبرت

Oil & Gas Development Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PROD-332366847-2026	HIRING MOBILE LOADING GANTRY SERVICES	05.10.2026 AT 1430 HRS
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-EXPL-334521738-2026	RE-PROCESSING AND INTERPRETATION OF GRAVITY AND MAGNETIC SURVEYS IN KILLA SAIFULLAH EXPLORATION LEASE (E.L)	07.10.2026 AT 1430 HRS
3.	OGDC-SCM-FC-CB-PNP-JM-333769244-2026	MAGNETIC LEVEL INDICATOR AND TRANSMITTER	19.10.2026 AT 1430 HRS
4.	OGDC-SCM-FD-CB-PNP-334177054 - 2026	SUPPLY OF SPARES FOR ARIEL COMPRESSORS	19.10.2026 AT 1430 HRS
5.	OGDC-SCM-FC-CB-RM-333215264-2026	SUPPLY OF TYRES FOR MOVING MACHINERY AT RIGS	20.10.2026 AT 1430 HRS
6.	OGDC-SCM-FC-PQ-RM-334684414-2026	PRE-QUALIFICATION OF FIRMS FOR SUPPLY OF MUD PUMP FLUID END PARTS	21.10.2026 AT 1430 HRS

2. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
3. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
4. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)

پبلڪ نوٽيس
روبرو جناب غلام شاهہ
بعدالت ڊسٽرڪٽ جج، حيدرآباد، سنڌ
گيس وصولي دعويٰ نمبر: 34 سال 2026.
سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ

جنهن جي هيڊ آفيس St-4/B، بلاڪ-14 ۾ واقع آهي، اها سيد علي حسن علمدار ولد سيد علمدار حسين، مسلمان، بالغ، ڊپٽي مئنيجر ،(ليگل سروس) هيڊ آفيس ايس ايس جي سي ڪراچي ذريعي ....مدعي

خلاف

1. سيد رضوان معين ڪاظمي ولد سيد احتشام الدين ڪاظمي
2. سيد عدنان معين ڪاظمي ولد سيد احتشام الدين ڪاظمي

ٻئي بالغ، مسلمان، رهندڙ بنگلو نمبر A-79، يونٽ نمبر: 4، لطيف آباد، حيدرآباد ....مدعا عليهان

ڏانهن،
مٿي ڄاڻايل مدعا عليه

جيئن تہ، مٿي ڄاڻايل مدعي اوهان خلاف هن عدالت سڳوري ۾ گيس(چوري ڪنٽرول ۽ وصولي ايڪٽ، 2016)تحت 20٪ مارڪ اپ سميت 387,000 رپين جي وصولي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي، ۽ جڏهن تہ، اوهان ڏانهن نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا پر اهي بغير تعميل جي واپس ٿيا آهن. اوهان کي عام طريقي سان نوٽيس پهچائڻ ممڪن نہ آهي،تنهن ڪري هن اشاعت ذريعي اوهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي تہ اوهان هن عدالت ۾ 26.09.2026تي صبح جو 08:30 وڳي ذاتي طور، يا ڪنهن وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت حاضر ٿي، جيڪڏهن ڪي اعتراض هجن تہ داخل ڪريو.جيڪڏهن اوهان پاڻ، اوهان جو وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪو ٻيو شخص حاضر نہ ٿيو،تہ مٿي ڄاڻايل ڪيس اوهان جي غير موجودگي ۾ ٻڌي، ان جو فيصلو ڪيو ويندو.
منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مهر سان گڏ.08 سيپٽمبر 2026 […]

پبلڪ نوٽيس
روبرو جناب غلام شاهہ
بعدالت ڊسٽرڪٽ جج، حيدرآباد، سنڌ
گيس وصولي دعويٰ نمبر: 39 سال 2026.
سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ

جنهن جي هيڊ آفيس St-4/B، بلاڪ-14 ۾ واقع آهي، اها پنهنجي ڊپٽي مئنيجر(ليگل سروس)هيڊ آفيس ايس ايس جي سي ڪراچي راجا لو خوش ولد ڪرشن لال ذريعي ....مدعي

خلاف

غلام نبي ولد عبدالله، بالغ، مسلم، ڪاروبار:پاور جنريشن، واقع بنگلو نمبر: B-1، گلشن مصطفيٰ نزد پٽائي ٽائون، ڄامشورو روڊ قاسم آباد، ضلعو حيدرآباد ....مدعا عليہ

ڏانهن،
مٿي ڄاڻايل مدعا عليه

جيئن تہ، مٿي ڄاڻايل مدعي اوهان خلاف هن عدالت سڳوري ۾ گيس(چوري ڪنٽرول ۽ وصولي ايڪٽ، 2016)تحت 20٪ مارڪ اپ سميت 5,84,900 رپين جي وصولي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي، ۽ جڏهن تہ، اوهان ڏانهن نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا پر اهي بغير تعميل جي واپس ٿيا آهن. اوهان کي عام طريقي سان نوٽيس پهچائڻ ممڪن نہ آهي،تنهن ڪري هن اشاعت ذريعي اوهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي تہ اوهان هن عدالت ۾ 26.09.2026تي صبح جو 08:30 وڳي ذاتي طور، يا ڪنهن وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت حاضر ٿي، جيڪڏهن ڪي اعتراض هجن تہ داخل ڪريو.جيڪڏهن اوهان پاڻ، اوهان جو وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪو ٻيو شخص حاضر نہ ٿيو،تہ مٿي ڄاڻايل ڪيس اوهان جي غير موجودگي ۾ ٻڌي، ان جو فيصلو ڪيو ويندو.
منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مهر سان گڏ.08 سيپٽمبر 2026 […]

بقايا 1 "روزاني عبرت"

۾ تازو هڪ سال اڳ ڀرتي ٿيل نوجوان اهلڪار ڀان سيد آباد واسي غلام مصطفيٰ پنهور ٿجي مبينا مخبر جاويد جلباڻي موقعي تي فوت ٿي ويا جڏهن ته موبائيل انچارج اي ايس آءِ زمان پنهور سميت 3 اهلڪار زخمي ٿي پيا فوتين ۽ زخمين کي سيوهڻ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي وارثن کي اطلاع ڏنو ويو اطلاع بعد فوتين جي گهرن ۾ ڪهرام مچي ويو شهيد اهلڪار غلام مصطفيٰ پنهور جي جنازي نماز ۾ ايس ايس جامشورو ظفر صديق چانگا ڊي ايس پي سيوهڻ احمد بخش راهوجو ايس ايڇ او ڀان مختيار ڪلهوڙو ون فائيو انچارج اياز بروو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي ايس ايس پي جامشورو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته نوجوان اهلڪار ڌاڙيلن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ جان جي قرباني ڏني شهادت مائي ڪيس قومي اعزاز سان دفنايو ويندو

بقايا 2 "روزاني عبرت"

لڳ حيدرآباد-ٽنڊومحمد خان روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري روڊ بند ڪري ڇڏيو مظاهرو ڪندڙ عورتن جي مٿن هٿن پاڪ ڪتاب ڪنيل هئا ۽ هو ريلوي انتظاميا خلاف نعريبازي ڪري رهيا هئا. ڌرڻي سبب روڊ بند ٿي ويو ۽ گاڏين جون قطارون لڳي ويون. مظاهرو ڪندڙن ٽائرن کي باهيون پڻ ڏنيون. رهواسين جو چوڻ هو ته جمالي ڪالوني جا رهواسين وڏي عرصي کان وٺي اتي گهر ٺاهي ويٺا آهن. هنن سڄي زندگي محنت مزدوري ڪري ٻچن کي ڇت ڏني آهي. هنن چيو ته هتان پراڻي زماني ۾ ريل جي پٽڙي گذرندي هئي جيڪا 40 سال اڳ ۾ ختم ٿي چڪي آهي. هاڻي هتي ريلوي نظام جو وجود ئي ناهي رهيو پر هاڻي ريلوي اختيارين کي هي زمين ياد آئي آهي ۽ هو سندن گهر ڊاهي ڪين ٻي گهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. هنن چيو ته ريلوي اختيارين جي اهڙي عمل خلاف ...

...

بقايا 19 "روزاني عبرت"

ملي 70 ٽيائين جي تعليم متاثر ٿيڻ لڳي خبر موجب ڏيٺي لڳ ڳوٺ غلام نبي جروار جو گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول عبدالله خان جروار جي ماسترياڻي

...

بقايا 26 "روزاني عبرت"

...

بقايا 37 "روزاني عبرت"

...

پبلڪ نوٽيس

روبرو جناب غلام شاه

بعدالت ڊسٽرڪٽ جج، حيدرآباد، سنڌ

گيس وصولي دعويٰ نمبر: 34 سال 2026.

سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ

جنهن جي هيڊ آفيس St-4/B، بلاڪ-14 ۾ واقع آهي، اها سيد علي حسن علمدار ولد سيد علمدار حسين ، مسلمان، بالغ، ڊپٽي مئنيجر ،(ليگل سروس) هيڊ آفيس ايس ايس جي سي ڪراچي ذريعي ....مدعي

خلاف

1. سيد رضوان معين ڪاظمي ولد سيد احتشام الدين ڪاظمي
2. سيد عدنان معين ڪاظمي ولد سيد احتشام الدين ڪاظمي

ٻئي بالغ، مسلمان ، رهندڙ بنگلو نمبر A-79 ، يونٽ نمبر: 4 ، لطيف آباد ، حيدرآباد ....مدعا عليهان

ڏانهن،

مٿي ڄاڻايل مدعا عليه

جيئن ته، مٿي ڄاڻايل مدعي اوهان خلاف هن عدالت سڳوري ۾ گيس(چوري ڪنٽرول ۽ وصولي ايڪٽ، 2016)تحت 20٪ مارڪ اپ سميت 387,000 رپين جي وصولي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي، ۽ جڏهن ته، اوهان ڏانهن نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا پر اهي بغير تعميل جي واپس ٿيا آهن. اوهان کي عام طريقي سان نوٽيس پهچائڻ ممڪن نه آهي،تنهن ڪري هن اشاعت ذريعي اوهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي ته اوهان هن عدالت ۾ 26.09.2026تي صبح جو 08:30 وڳي ذاتي طور، يا ڪنهن وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت حاضر ٿي، جيڪڏهن ڪي اعتراض هجن ته داخل ڪريو.جيڪڏهن اوهان پاڻ، اوهان جو وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪو ٻيو شخص حاضر نه ٿيو،ته مٿي ڄاڻايل ڪيس اوهان جي غير موجودگي ۾ ٻڌي، ان جو فيصلو ڪيو ويندو.

منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مهر سان ڏنل.08 سيپٽمبر 2026

پبلڪ نوٽيس

روبرو جناب غلام شاه

بعدالت ڊسٽرڪٽ جج، حيدرآباد، سنڌ

گيس وصولي دعويٰ نمبر: 39 سال 2026.

سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ

جنهن جي هيڊ آفيس St-4/B، بلاڪ-14 ۾ واقع آهي، اها پنهنجي ڊپٽي مئنيجر(ليگل سروس)هيڊ آفيس ايس ايس جي سي ڪراچي راجا لو خوش ولد ڪرشن لال ذريعي ....مدعي

خلاف

غلام نبي ولد عبدالله، بالغ ، مسلم ، ڪاروبار:پاور جنريشن ، واقع بنگلو نمبر: B-1، گلشن مصطفيٰ نزد پٽائي ٽائون، ڄامشورو روڊ قاسم آباد ، ضلعو حيدرآباد ....مدعا عليه

ڏانهن،

مٿي ڄاڻايل مدعا عليه

جيئن ته، مٿي ڄاڻايل مدعي اوهان خلاف هن عدالت سڳوري ۾ گيس(چوري ڪنٽرول ۽ وصولي ايڪٽ، 2016)تحت 20٪ مارڪ اپ سميت 5,84,900 رپين جي وصولي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي، ۽ جڏهن ته، اوهان ڏانهن نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا پر اهي بغير تعميل جي واپس ٿيا آهن. اوهان کي عام طريقي سان نوٽيس پهچائڻ ممڪن نه آهي،تنهن ڪري هن اشاعت ذريعي اوهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي ته اوهان هن عدالت ۾ 26.09.2026تي صبح جو 08:30 وڳي ذاتي طور، يا ڪنهن وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت حاضر ٿي، جيڪڏهن ڪي اعتراض هجن ته داخل ڪريو.جيڪڏهن اوهان پاڻ، اوهان جو وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪو ٻيو شخص حاضر نه ٿيو،ته مٿي ڄاڻايل ڪيس اوهان جي غير موجودگي ۾ ٻڌي، ان جو فيصلو ڪيو ويندو.

منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مهر سان ڏنل.08 سيپٽمبر 2026

Oil & Gas Development Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PROD-332366847-2026	HIRING MOBILE LOADING GANTRY SERVICES	05.10.2026 AT 1430 HRS
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-EXPL-334521738-2026	RE-PROCESSING AND INTERPRETATION OF GRAVITY AND MAGNETIC SURVEYS IN KILLA SAIFULLAH EXPLORATION LEASE (E.L)	07.10.2026 AT 1430 HRS
3.	OGDC-SCM-FC-CB-PNP-JM-333769244-2026	MAGNETIC LEVEL INDICATOR AND TRANSMITTER	19.10.2026 AT 1430 HRS
4.	OGDC-SCM-FD-CB-PNP-334177054 - 2026	SUPPLY OF SPARES FOR ARIEL COMPRESSORS	19.10.2026 AT 1430 HRS
5.	OGDC-SCM-FC-CB-RM-333215264-2026	SUPPLY OF TYRES FOR MOVING MACHINERY AT RIGS	20.10.2026 AT 1430 HRS
6.	OGDC-SCM-FC-PQ-RM-334684414-2026	PRE-QUALIFICATION OF FIRMS FOR SUPPLY OF MUD PUMP FLUID END PARTS	21.10.2026 AT 1430 HRS

2. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
3. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
4. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)

سيوهڻ پرسان شاهين فورس جي گاڏي ڪلٽي، نوجوان اهلڪار سميت 2 ڄڻا فوت، 3 زخمي

مبينا ڌوهارين جي گرفتاري لاءِ ويندڙ پوليس وين تيز رفتاري سبب ڪاهيءَ ۾ ڪري پئي

نوجوان اهلڪار غلام مصطفيٰ پنهور ۽ مبينا مخبر جاويد جلباڻي فوت، زخمي اسپتال منتقل

سيوهڻ /مانجهند/ڀان (نمائندن وڪان) لڪي شاه صدر پرسان شاهين فورس جي موبائيل ڪلٽي هڪ نوجوان اهلڪار شهيد سميت 2 ڄڻا فوت انچارج سميت 3 زخمي ايس ايس پي جي جنازي نماز ۾ شرڪت تفصيل موجب لڪي شاه صدر پرسان مبينا خفيا اطلاع تي ڌوهارين کي گرفتار ڪرڻ لاءِ شاهين پوليس جي پارٽي جي گاڏي سيوهڻ کان ڄامشورو طرف ايندي تيز رفتاري سبب ڪلٽي ٿيڻ جي نتيجي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: شهيد ٿيل اهلڪار غلام مصطفيٰ پنهور جي حياتي جي تصوير، ٻئي طرف فوت ٿيل شخص جاويد جلباڻي جو مڙهه اسپتال ۾ پيل آهي

هنگورجا ويجهو لاشاري برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، پيرسن دل جو دورو پوڻ سبب فوت

ڳوٺ ڪمال فقير لاشاري واسي ڌرين ۾ رستي جي معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو

جهيڙي دوران 55 ورهين جو عظيم لاشاري مبينا طور دل جو دورو پوڻ سبب فوت ٿي ويو

هنگورجا (ن. ع) هنگورجا لڳ ڳوٺ ڪمال فقير لاشاري ۾ رستي جي معمولي لاشاري برادري ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران پيرسن کي دل جو دورو پوڻ سبب فوت هنگورجا لڳ سوڀوديرو ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڪمال فقير لاشاري ۾ رستي جي معمولي تان لاشاري برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران 55 ورهين جو پيرسن محمد عظيم لاشاري مبينا طور دل جو دورو پوڻ سبب فوت ٿي ويو اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وڌيڪ معملي جي جاچ ڪئي پئي رهي.

راڄوخاڻي ۾ مبينا زهريلو کير پيئڻ سبب 15 ٻارن جي حالت خراب

ڳوٺ ڏيرو ڪولهي ۾ ٻڪري جو کير پيئڻ ڪانپوءِ ٻارن کي الٽيون ۽ بيهوشي جا دورا

رات وقت سرڪاري اسپتال ۾ ڊاڪٽر ۽ ايمرجنسي سهولتون نه ملڻ سبب ٻار خانگي اسپتال منتقل

راڄوخاڻي (ن ع) راڄوخاڻي لڳ ڳوٺ ڏيرو ڪولهي ۾ ٻڪري جو مبينا زهريلو کير (پس) پيئڻ سبب رامچند ڪولهي جي خاندان جي 15 ٻارن کي اوچتو الٽيون ۽ بيهوشي جا دورا پوڻ شروع ٿي ويا جن کي راڄوخاڻي جي رورل هيلٿ سينٽر ۾ ناڪيت شفٽ ۾ ڊاڪٽر نه هجڻ سبب خانگي اسپتال آندو ويو ٻارن ۾ 10 سالا سنيل، 8 سالا ساگر، 6 سالا نرمل، 5 سالا مينلا، 3 سالا رچنا، 5 سالا امريتا، 4 سالا ڀاڳوتي، 10 سالا روشن، 13 سالا گوند، 10 سالا

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

سيالڪوٽ: پاڪستان ۾ يورپي يونين جي سفير ريمنڊاس ڪرويلس سيد احتشام گيلاني، ڊاڪٽر مريم نعمان ۽ ٻين جو ورتل گروپ فوٽو

حيدرآباد ۾ ريلوي آپريشن خلاف سوين رهواسين جو احتجاجي ڌرڻو، ٻاهيون روڊ بلاڪ

گنجو ٽڪر ۽ جمالي ڪالوني ۾ گهر ۽ اڏاوتون ڊاهڻ جي ڪوشش خلاف عورتن ۽ ٻارڙن سميت ڌرڻو هنيو ويو

پراڻي ريلوي پٽڙي 40 سال اڳ ختم ٿي چڪي، گهر ڊاهڻ خلاف عدالت سان به رجوع ڪيو آهي: رهواسي

پوليس ۽ رهواسين ۾ ڇڪتاڻ، چئن ڪلاڪن بعد ڳالهين ذريعي ڌرڻو ختم، عدالت 29 سيپٽمبر تي ڌرين کي طلب ڪري ورتو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي گنجو ٽڪر ۽ جمالي ڪالوني ۾ ريلوي انتظاميا پهچي حدخليون ڇاڙائي گهر ۽ اڏاوتون ڊاهڻ جي ڪوشش خلاف سوين رهواسين عورتن ۽ ٻارڙن سميت گنجو ٽڪر

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: جهيڙي دوران دل جو دورو پوڻ تي فوت ٿيل پيرسن جو لاش پيل آهي

خيرپور پوليس پاران جوابدار کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پوليس جي ڪامياب ڪارروائي منشيات سپلائر محمد ياسين چاچڙ گرفتار وڏي مقدار ۾ چرس هٿ ڪيس داخل تفصيل موجب پير ڳوٺ لنڪ

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ ڦرجون 2 وارداتون، مزاحمت تي 2 پورهيت زخمي

اناج منڊي ۾ واپاري جي دڪان تي ڦر دوران فائرنگ، سڪندر ۽ حنيف جي حالت ڳڻتي جوڳي

ملاڪاتيار روڊ تي نسوار جي واپاري کان 60 هزار رپيا ۽ 2 موبائل فون ڦر

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان شهر ۾ ڦرجي ٻن الڳ الڳ وارداتن ۾ ملوث ڦورن کي پوليس گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام شهرين هٿان ڦر دوران سوگهو ڪيل ڦورو پوليس حراست ۾ گرفتاري ظاهر ڪري نه ڪري سگهي خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي شهري علائقي اناج منڊي ۾ گذريل رات ڦرجي ٻن وارداتن ۾ واپاري حسنين ملڪ جي دڪان تان ڦر دوران مزاحمت تي هٿياربند ڦورن هٿان فائرنگ ذريعي زخمي 2 پورهيت 15 سالا

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: آرٽ ڪائونسل جو صدر محمد احمد شاهه تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

گمبٽ اسپتال ۾ ڪنواري ڳوڙهاري نوجوان ناري ٻار کي لاوارث ڇڏي فرار، ويڳي پاءِ تي الزام

ڪڇي واري علائقي جي 16 ورهين ناري زرينه کهڙو ٻار کي جنم ڏنو، انتظاميا جي اطلاع تي پوليس پهتي

مون سان ويڳو پاءُ فهد کهڙو زيادتي ڪندو هو جنهن مان مون کي پيٽ ٿيو ته بابا اسپتال جي گيٽ تي ڇڏي ويو: زرينه

انتظاميا جي اطلاع تي پوليس پهچي گائيني وارڊ پاهران اهلڪار مقرر معاملي جي جاچ شروع ڪئي

گمبٽ (رپورٽ: مريد ڪاتوري) گمبٽ اسپتال جي گائيني وارڊ ۾ وارث ڪنواري ڳوڙهاري 16 سالا نوجوان ناري کي لاوارث ڇڏي فرار ٿي ويا ناري پاران ويڳي پاءَ تي زيادتي جو الزام ناري ٻار کي جنم ڏنو گمبٽ جي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: ويڳي پاءُ هٿان زيادتي جو شڪار ٿيل ڪنواري پيٽ ٻار کي جنم ڏنو

جيڪب آباد ۾ مير مرتضيٰ ڀٽو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڀٽي ڏينهن به احتجاج

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو پاران

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: هٿياربندن هٿان قتل ٿي ويل پيرسن جو لاش پيل آهي

هنگورجا ويجهو هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ڳوٺاڻو مارجي ويو، گهر ۾ ڪهرام

محرابپور لنڪ روڊ موٽر سائيڪل سوار هٿياربند مٺل مگسي کي قتل ڪري فرار ٿي ويا

پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

هنگورجا (ن. ع) هنگورجا لڳ رسول آباد محرابپور لنڪ روڊ تي نامعلوم هٿياربندن فائرنگ ڪري موٽر سائيڪل سوار محمد مٺل مگسي کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ موقعي تان فرار ٿي ويا اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي مقامي اسپتال منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو حد جي پوليس موجب واقعي جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو آهي وڌيڪ معملي جي جاچ ڪئي پئي.

ٽنڊوآدم مان موٽرسائيڪل سوار هٿياربند دڪاندار کان موبائيل ڦري فرار، اين سي داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ بدامني ۾ ڏاپر نه آڻي ڏينهن ڏٺي جو موٽر سائيڪل تي سوار نامعلوم ڦورو شاهي بازار ۾ پنهنجي دڪان اڳيان ويٺل واپاري محمد فاروق شيخ کان قيمتي موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويو واقعي جي اين سي ستي ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي آهي.

پٽ شاهه آر ايڇ سي ۾ پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ برقرار

مريض ۽ وارث صاف پاڻي لاءِ ٻاهرين دڪانن تان بوتلون خريد ڪرڻ تي مجبور

مريضن لاءِ مختص ڪاڏي جي بجيٽ باوجود سهولتون نه ملڻ جون شڪايتون

پٽ شاهه (ن ع) رورل هيلٿ سينٽر پٽ شاهه ۾ مريضن ۽ سندن وارثن کي بنيادي سهولتن جي کوٽ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، جتي پيئڻ جي صاف پاڻي جي کوٽ جو مسئلو اڃا تائين حل نه ٿي سگهيو آهي علاج لاءِ ايندڙ مريض پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻاهرين دڪانن تان بوتلون خريد ڪرڻ يا گهرن مان پاڻي گهرائڻ تي مجبور آهن جڏهن ته اسپتال ۾ داخل مريضن لاءِ ڪاڏي جي فراهمي تي پڻ سوال بڻجي رهيا آهي ذريعن موجب مريضن جي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو ڪوٽ پرسان چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ فوت، 3 ڄڻا زخمي

ڳوٺ ستار خان چانڊيو ۾ فصل مان ڳاهه کڻڻ کان منع ڪرڻ تان ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

جهيڙي دوران لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب علي گوهر ميٺو سميت ٻيا زخمي ٿي پيا

زخمي علي گوهر کي نازڪ حالت ۾ حيدرآباد منتقل ڪيو پئي ويو ته هن رستي ۾ دم ڏنو

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي ٽنڊو ڪوٽ پرسان چانڊيو برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو لٺيون ۽ ڪهاڙين جا وار سان چار ڄڻا زخمي هڪ نوجوان علي گوهر چانڊيو زخمن جا سور نه فصل مان ڳاهه کڻڻ کان منع ڪرڻ تان

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

پنجاب جا طاقتور سياستدان سنڌ کي ورهائڻ جي سازش ڪري رهيا آهن: رياض چانڊيو

پ پ حڪمران بيٺر ڪٺي سنڌ اسيمبلي ۾ سنڌ ورهائڻ جي سازش خلاف قرارداد منظور ڪرائي

پاڪستان جا حڪمران مارشلائي جنرل ڊوڙي نام نهاد سرڪار ڪڏهن به آئين کي قبول نه ڪيو آهي

هالا (ت ر) هالا ۾ قومپرست جماعتن جي گڏيل اتحاد جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي جي ڪنوينر رياض چانڊيو هالا پريس ڪلب تي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي پنجاب جا طاقتور سياستدان ادارا ۽ سرمائيدار سنڌ کي ورهائڻ جي سازش ڪري رهيا آهن سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ڪائيو سنڌ جو عوام روڊن تي نڪري آيو جنهن تي پوليس لٺيون وسايون ۽ گرفتاريون ڪيون هن چيو ته عوامي رد عمل اچڻ بعد پيپلز پارٽي جا حڪمران بيٺر ڪٺي سنڌ اسيمبلي ۾ پهتا ۽

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

باقراڻي: جهيڙي ۾ قتل ٿي ويل نوجوان قطب الدين ابڙو جي حياتي جي تصوير

هالا: جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي اڳواڻ رياض چانڊيو پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

بدين جي گورنمينٽ بوائز اسڪول ٽيچر جي مسلسل غيرحاضري خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

بدين (ڊ ر) بدين جي گورنمينٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول الهڏنو سومرو جي JESTاستادياڻي قرت العين جي ڏگهي موڪل ۽ مسلسل غيرحاضري خلاف

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

سيٺارجا ۾ نئين پرتي ٿيل پرائمري استاد جو پڪهار بند ٿيڻ خلاف مظاهرو

مظاهرين محمد عيسيٰ حاجاڻي خير محمد سومرو، اسماعيل ۽ ٻين احتجاج ڪيو

عمران سولنگي جي پڪهار بند ڪرڻ غيرقانوني عمل آهي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي

سيٺارجا(ن ع) گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول سيٺارجا جي نئين پرتي ٿيل پرائمري استاد عمران احمد سولنگي جي پرنسپل پروفيسر ظفر حسين ڪبر پاران پڪهار بند ڪرڻ خلاف پ ٽ الف جي تي استادن گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول سيٺارجا جي گيٽ وٽ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي پ ٽ الف سکر جي ڊويزنل نائب صدر محمد عيسيٰ حاجاڻي ضلعي صدر خير محمد سومرو تعلقي ميرواه صدر استاد محمد

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

صحافي عرفان عالماڻي تي مبينا قاتلاڻي حملي خلاف حيدرآباد ۾ احتجاج

عرفان عالماڻي تي حملي جو ڪيس داخل ڪري سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي:مظاهرين

جوابدار گرفتار نه ٿيڻ جي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) ڪراچي جي سينيئر صحافي عرفان عالماڻي تي صفوران ٽائون ڪاميٽي جي ملازمن پاران ڪيل قاتلاڻي حملي خلاف حيدرآباد ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو - نسيم نگر چوڪ تي ڪيل احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي انيل حب علي - اشوڪ راماڻي - ڪامران سهتو ۽ ٻين ڪئي. جڏهن ته احتجاج ۾ ايڊووڪيٽ شاهد ميراڻي - قومپرست اڳواڻ غفار مهر. زاهد راڄپر - عمران ملڪ - ثاقب پنهور. وقاص شيخ - بلاول سولنگي - واجد سومرو -

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ صاف پاڻي ۽ صفائي سٿرائي لاءِ پنجين ڏينهن به احتجاجي ريلي

شهري اتحاد جي سڏ تي شهرين، واپارين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن ريلي ڪڍي، نعريبازي

شهر ۾ گندگي جا ڍير ۽ پيئڻ جي پاڻي جون شڪايتون، بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن:مظاهرين

ميهڙ (ن ع) ميهڙ شهر ۾ پيئڻ لاءِ صاف ۽ مٺو پاڻي فراهم نه ٿيڻ صفائي سٿرائي جو نظام بهتر نه ٿيڻ گندگي ۽ ٻين بنيادي مسئلن خلاف شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي پنجين ڏينهن به احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ شهرين واپارين سياسي، سماجي ۽ مختلف مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن شرڪت ڪئي شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي خان برڙو جي اڳواڻي ۾ نڪتل احتجاجي ريلي شهر جي مختلف رستن تان ٿيندي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ميهڙ: صاف پاڻي فراهم نه ٿيڻ صفائي سٿرائي جو نظام بهتر نه ٿيڻ گندگي ۽ ٻين بنيادي مسئلن خلاف شهري اتحاد پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

جيڪب آباد ۾ ناري سان مبينا جنسي زيادتي، جوابدار گرفتار، ڪيس داخل

مون سان جوابدار سعيد الله خاراڻي جنسي زيادتي ڪئي آهي جنهن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي:ناري

منهنجي پٽ ناري سان ڪابه جنسي زيادتي ناهي ڪئي، اسان جو زمين تي تڪرار هلندڙ آهي:ڪرم الله خاراڻي

واقعي تي وڏي وزير جو نوٽيس، تفصيل طلب، پوليس جوابدار کي گرفتار ڪري لاڪ اپ ڪري ڇڏيو

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي صدر ٿاڻي جي حد ڳوٺ عبدالعزيز خاراڻي جي رهواسڻ ناري خيرالنساءَ ڌيءَ عنايت الله خاراڻي سان مبينه جنسي زيادتي ٿيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي صدر ٿاڻي جي پوليس طرفان ناري جي فرياد داخل نه ڪرڻ واري

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: مبينا جنسي زيادتي جو نشانو بڻيل ناري، ٻئي طرف گرفتار ڪيل جوابدار لاڪ اپ ۾ بيٺل آهي

حيدرآباد ۾ جساف آريسر جي ليڪچر پروگرام تي پوليس ڪارروائي، ڪيترائي ڪارڪن گرفتار

قاسم آباد يونٽ جي پروگرام دوران گرفتاريون، تنظيم پاران پوليس ڪارروائي جي مذمت

گرفتار ڪارڪن آزاد نه ٿيڻ جي صورت ۾ قومي شاهراهه تي ڌرڻي جو اعلان

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) جساف آريسر قاسم آباد يونٽ جي ليڪچر پروگرام تي حيدرآباد پوليس جي چڙهائي چڙهائي دوران اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو جساف آريسر حيدرآباد جي صدر نثار پيلار جو چوڻ هو ته پروگرام تي پوليس چڙهائي دوران جساف آريسر حيدرآباد جو نائب صدر ٻيلو سومرو تعليمي سيڪريٽري اسد سنڌي، يونٽ قاسم آباد جو جنرل سيڪريٽري دريا خان سومرو يونٽ حسين آباد جنرل سيڪريٽري آفاق سرڪي ، لالا

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٺري ميرواهه ۾ عورت جو مائٽن جي ظلم خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

ٺري ميرواهه(ن ع) ٺري ميرواهه جي ڳوٺ ڏيپاڳو جي رهواسڻ شادي شده عورت پاران مائٽن جي ظلم خلاف احتجاج مسمات شڪيلان شيخ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مان مائٽن جي مرضي سان شادي 3 سال اڳ سعيد شيخ سان ڪئي هئي هينئر منهنجا مائٽ منهنجي اغواهه جو ڪوڙو ڊرامون ڏاهي پريشان ڪري رهيا آهن

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: اينٽي ڪريشن ڪارروائي ۾ ڪٽڪ خرد برد ڪيس ۾ گرفتار جوابدار

ننگرپارڪر ۾ جوابدار ڪهاڙين جا وار ڪري پنهنجي سئوٽ کي قتل ڪري ڇڏيو

ڳوٺ سوراپادر ۾ ڪيول ڪولهي پنهنجي سئوٽ تاراچند ڪولهي کي ڪهاڙين جا وار ڪري قتل ڪيو

ڪيول منهنجو سڳو ڀائيٽيو آهي سندس ڪجهه ڏينهن کان دماغي توازن درست نه هو: منجي ڪولهي

جوابدار کي ڪهاڙي سميت گرفتار ڪري ورتو آهي، وڌيڪ جانچ جاري آهي: ننگرپارڪر پوليس

ننگرپارڪر (ن ع) ننگرپارڪر جي ڳوٺ سوراپادر ۾ ڪيول ڪولهي پنهنجي سئوٽ 8 ٻارن جي پيءُ 40 سالن جي تاراچند پٽ منجي ڪولهي کي ڪهاڙين جا وار ڪري قتل ڪري ڇڏيو بڌايو وڃي ٿو ته ٻئي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

شادي لارج: ٽنڊو شهر جي چيئرمن الطاف حسين ميمڻ جو وڏو ڀاءُ خالد حسين ميمڻ لاڏاڻو ڪري ويو

شادي لارج(ن ع) ٽنڊو شهر جي چيئرمن الطاف حسين ميمڻ جو وڏو ڀاءُ پرائمري استاد خالد حسين ميمڻ گردن جي عارضي سبب لاڏاڻو ڪري ويو سندس جنازي نماز ۾ شهرين واپارين صحافين سياسي سماجي اڳواڻن ڪانسواءِ ميمڻ برادري جي ماڻهن

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ ضلعي ڪائونسل جو اجلاس، سنڌ جي وحدت بابت ٺهراءُ يڪراءِ منظور

چيئرمين حاجي محمد بقا پلي جي صدارت هيٺ اجلاس، ترقياتي ڪمن ۽ عوامي مسئلن تي تفصيلي غور

سنڌ جي وحدت خلاف ڪنهن به سازش کي قبول نه ڪرڻ جو اعلان، ترقياتي ڪم وقت سر مڪمل ڪرڻ جون هدايتون

عمرڪوٽ (ڊ ر) عمرڪوٽ ضلعي ڪائونسل جو اهم اجلاس، سنڌ جي وحدت بابت ٺهراءُ يڪراءِ طور منظور مختلف مسئلن تي بحث عمرڪوٽ ضلعي ڪائونسل جو اهم اجلاس چيئرمين حاجي محمد بقا پلي صاحب جي صدارت هيٺ ضلعي ڪائونسل جي اسيمبلي هال ۾ ٿيو اجلاس جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت ۽ شهيدن لاءِ فاتحه خواني سان ڪئي وئي اجلاس ۾ ضلعي جي ترقياتي ڪمن عوامي مسئلن ڊسپينسرين ۾ دوائن جي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: ضلعي ڪائونسل جو اهم اجلاس ٿي رهيو آهي

خيرپور پوليس پاران مقابلي بعد ڏاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

جيهيا مسجد ويجهو مقابلي بعد ارٻيلو ناريجو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو: پوليس

ڏاڙيل مٿان هڪ اهلڪار جي قتل ۽ ٻن کي زخمي ڪرڻ سميت 19 ڪيس داخل آهن

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پوليس جو احمد پور ٿاڻي جي حد جيهيا مسجد ويجهو ڏاڙيلن سان مقابلو هڪ ڏاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي اها ڳالهه ايس ايس پي امير سعود مگسي جاري ڪيل پريس بيان ۾ ٻڌائي هن ٻڌايو ته گرفتار ٿيل زخمي ڏاڙيل جي سڃاڻپ ارباد عرف

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪپرو پوليس پاران حسن علي چانهيون ڪيس ۾ جوابدارن جي گرفتار ڇاپا، 9 ڄڻا گرفتار

ايس ايس پي شاهنواز چاچڙ پاران ڊي ايس پي، سي آءِ انچارج ۽ مختلف ٿاڻن جا ايس ايڇ اوز جي اڳواڻي ۾ ٽيم قائم

پوليس ٽيمن پاران ٽنڊو جام، ٽنڊو الهيار ڪساڻه موري ۽ ٻين مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي گرفتاريون ڪيون

ڪپرو(ن ع) ايس ايس پي سانگهڙ شاهنواز چاچڙ جي هدايتن تي جوڙيل پوليس ٽيمن پاران ٽنڊو جام ٽنڊو الهيار ڪساڻه موري ۽ ٻين مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا ويا، جتي ڪارروائي دوران 9 ڄڻن کي حراست ۾ ورتو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: اڳوڻو صوبائي وزير منظور وسان ميڊيا سان ڳالهائيندي

نون صوبن جي ڳالهه ڪندڙ احمقن جي جنت ۾ رهن ٿا: منظور وسان

اڳ ئي ٻين صوبن جا حال خراب آهن، وڌيڪ ورهاست سان مسئلا وڌندا

سنڌ کي اهڙي ريت ٽڪرن ۾ ورهائڻ سان اهڙا حالات پيدا ٿيندا، جيڪي ملڪ جي مفاد ۾ نه هوندا

گمبٽ (رپورٽ : مريد ڪاتوري)پ پ پ جي سينيئر اڳواڻ منظور وسان چيو آهي ته مرڪز ۾ اسان وٽ اڪثريت موجود آهي جيڪڏهن صدر کي ڏنل استثنيٰ صدر کان واپس ورتو وڃي ٿو ته پوءِ ٻين کان به استثنيٰ واپس ورتو وڃي استثنيٰ ختم ٿيندو ته سڀني جو ختم ٿيندو وقت ٻڌائيندو ته پيپلزپارٽي جو موقف چا آهي بلاول ڀٽو زرداري صوبن بابت ڪو ٺڙ اڪثريت جي ڳالهه ڪري رهيو هو نيب متحرڪ ٿئي ٿي ته ٿيڻ گهرجي پر احتساب هڪ طرفو نه

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

مٺي ۾ ٻن الڳ الڳ واقعن ۾ 2 نوجوان فوت

بجير محلي ۾ بجلي جو ڪم ڪندڙ 20 ورهين جو پرت ميگهواڙ اوچتو ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت

بس ٽرمينل تي ڪم ڪندڙ سنيل ميگهواڙ جي طبيعت خراب، اسپتال منتقلي دوران دم ڏنو

مٺي (ڊ ر) مٺي جي پراڻي پاڙي جو رهواسي 20 سالن جو نوجوان پرت ولد هوتچند ميگهواڙ بجلي جو ڪم ڪندڙ دوران بجير محلي ۾ اوچتو ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو. لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. ٻي پاسي بس ٽرمينل مٺي تي ڪم ڪندڙ نوجوان سنيل ميگهواڙ جي اوچتو طبيعت خراب ٿيڻ سبب کي سول اسپتال مٺي آندو ويو جتان وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي روانو ڪيو ويو هو پر ڪيس زندگي ساٿ نه ڏنو ۽ هو رستي ۾ ئي فوت ٿي ويو. فوتي پنڳريو جو رهواسي هو.

مٺي: ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿيل ويل نوجوان پرت ميگهواڙ جي حياتي جي تصوير

اوڏيرولال ولهيج پوليس پاران ڪورٽ سگوري جي حڪم تي ناري بازياب، مڙس حوالي

ناري جي بازيابي لاءِ ويل پوليس اهلڪارن تي ناري جي وارثن جو حملو اهلڪار زخمي

9 ڄڻن تي سرڪار جي مديت ۾ ڪيس داخل، 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي: ايس ايڇ او

اوڏيرولال (ن ع) اوڏيرولال ولهيج ٿاڻي جي حد ۾ مائٽن پاران ناري کي زبردستي ويهارڻ ۽ مڙس حوالي نه ڪرڻ خلاف شمع عمراڻي جي مڙس پاران ايڊيشنل سيشن جج مٽياري کي هٿ ڪرڻ لاءِ درخواست ڪورٽ سگوري پاران اوڏيرولال ولهيج پوليس کي چڪايل جوابدارن کان شمع کي بازياب ڪرائڻ لاءِ نوٽيس ناري کي بازياب ڪرائڻ ويل پوليس تي جوابدارن جو حملو هڪ پوليس اهلڪار زخمي ٿي پيو اسپتال منتقل ايس ايڇ او اوڏيرولال ولهيج سيد خليل شاهه رابطي ڪرڻ

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڪيرو لڳ نوجوان جو گولين لڳل لاش هٿ، علائقي ۾ برادري تڪرار تان قتل جا چوٻول

حمير فقير موڙ ويجهو لاش جي اطلاع تي پوليس پهچي ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

نوجوان جي سڃاڻپ ڳوٺ بهاول خان واسي شهزاد مري طور ٿيڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

نوجوان پيل تان واپس آيو ته ڪيس گهران سڏي اغوا ڪري قتل بعد لاش اڇلايو ويو آهي: چاچو گلشير

ڪيرو (ن ع) ڪيرو لڳ ڪاهي ٿاڻي جي حد ۾ حمير فقير موڙ ويجهو گولين لڳل لاش هٿ اچڻ جي اطلاع تي ڪاهي پوليس ۽ علائقي واسين پهچي نوجوان جي سڃاڻپ ڳوٺ بهاول خان واسي شهزاد مري طور

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

مسوپرگهري ۾ ڊي آئي جي حيدرآباد جي هدايت پوليس جي کليل ڪچهري

ايس ڊي پي او چلگري افتخار برڙو جي صدارت هيٺ کليل ڪچهري منعقد ڪئي

شهرين پاران نفري جي کوٽ ۽ ٽريفڪ مسئلن جون شڪايتون، مسئلا فوري حل ڪرڻ جي خاطري

مسوپرگهري (ن ع) ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي حيدرآباد جي هدايتن تي ايس ڊي پي او چلگري پاران مسوپرگهري ۾ کليل ڪچهري ڪئي وئي علائقي واسين پاران نفري جي کوٽ جون ڏانهن تفصيل موجب ايس ڊي پي او چلگري افتخار برڙو پاران مسوپرگهري ۾ کليل ڪچهري ڪوٺائي وئي جنهن ۾ ايس ايڇ او چلگري نثار هاليپوٽو شرڪت ڪئي ان موقعي تي مسوپرگهري ۽ ڀرپاسي جي علائقن مان سوين ماڻهن شرڪت ڪئي ان موقعي تي مسوپرگهري

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

مسوپرگهري: کليل ڪچهري ۾ ماڻهن جا مسئلا ٻڌا پيا وڃن

هنگورجا لڳ هاءِ اسڪول جي استاد پانڊي خان خاڪي جي رٽائرمينٽ تي الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي

هنگورجا(ن ع) استاد پانڊي خان خاڪي جي سرڪاري ملازمت تان رٽائرمينٽ جي موقعي تي هنگورجا لڳ سنڌس اباڻي ڳوٺ گورنمينٽ هاءِ اسڪول غلام جعفر خاڪي ۾ شاندار ۽ پروقار الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ تعليم کاتي جي آفيسرن، ڪيترا اڳواڻن استادن شاگردن

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ قمبر واسي پيرسن پورهيت جو گم ٿي ويل ذهني مريض پٽ جي ڳولا ۾ مدد لاءِ احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ قمبر تعلقي جي ڳوٺ روحل خان چانڊيو جي رهواسي پيرسن پورهيت گم ٿي ويل ذهني مريض پٽ جي ڳولا ۾ مدد لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

غيرتمند عوام ڪنهن به صورت ۾ سنڌ جي ورهاست قبول نه ڪندو: نياز ڪالاڻي

سنڌ صدين پراڻو هڪ آزاد وطن آهي جيڪو هڪ معاهدي تحت پاڪستان ۾ شامل ٿيو

20 سيپٽمبر تي نوابشاهه ۾ عوامي سمنڊ گڏ ڪري رهيا آهيون جيڪو حڪمران لاءِ اهم پيغام ثابت ٿيندو

سڪرنڊ (ن ع) جيئي سنڌ رهبر ڪاميٽي جي مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ، پنهل ساريو ، مجيب آزاد ، سيد ناصر شاهه ۽ شڪيل چانڊيو سان گڏ سڪرنڊ پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته 20 سيپٽمبر تي نوابشاهه ۾ عوامي سمنڊ گڏ ڪري رهيا آهيون جيڪو

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۽ ڀرپاسي مختلف واقعن ۾ هڪ عورت سميت 17 ڄڻا زخمي

روڊ حادثن ۾ علي محمد، جبار، عبدالله، زبير، امان، نادر ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

ٽانگ ڪڪڙ ۽ ڪتن چڪڻ سبب زخمي ڏٿي بخش ۽ شاهجهان کي وارث اسپتال ڪٺائي آيا

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۽ ڀرپاسي موٽرسائيڪلن ۽ چنگچي رڪشائن جي ٽڪر ۾ علي محمد . جبار . عبدالله . زبير . محمد امان . نادر . ماوير . شهزاد ۽ امان الله زخمي ٿي پيا مختلف ڌرين ۾ ٿيندڙ جهيڙن دوران مير محمد . لياقت . اسلم . فاطمه . غلام علي ۽ قربان زخمي ٿي پيا نوجوان ڏٿي بخش ولد ولي محمد کي ٽانگ ڪڪي وڏو جڏهن ته نوجوان شاهجهان کي رولي ڪتي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو سمورن زخمين کي علاج لاءِ تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو.

بدين ۾ عورتن ۽ نوجوانن لاءِ ووٽر آگاهي پروگرام، جمهوري حقن بابت شعور اجاگر

ضلعي اليڪشن ڪمشنر ظهير احمد سهتو پاران ماروي گرلز ڊگري ڪاليج ۾ خصوصي پروگرام منعقد

شاگرديائين کي ووٽر رجسٽريشن، ووٽ وجهڻ جي طريقيڪار ۽ چونڊ عمل ۾ شرڪت بابت آگاهي ڏني وئي

بدين (ڊ ر) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي ووٽر آگاهي مهم تحت ضلعي اليڪشن ڪمشنر بدين ظهير احمد سهتو جي پاران گورنمينٽ ماروي گرلز ڊگري ڪاليج بدين ۾ "Civic and Voter Education for Women and Youth" جي عنوان سان خصوصي ووٽر آگاهي پروگرام منعقد ڪيو ويو پروگرام جو مقصد عورتن ۽ نوجوانن ۾ سندن جمهوري حقن ووٽ جي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

سفاري پارڪ منتقل ڪيل هاٿڻي مدهو بالا بيهر بيمار، ڪن مان رت وهڻ لڳو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي چڙيا گهر مان سفاري پارڪ منتقل ڪيل هاٿڻي مدهو بالا بيهر بيمار ٿي پئي آهي سفاري پارڪ ۾ مدهو بالا جي ڪن مان رت وهڻ لڳو آهي جڏهن ته ڪن ۾ سڄ ۽ پيپ سان ڪن کي ڪرچڻ سبب انفيڪشن ٿيڻ جو

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ايس ايل اي پاران "سنڌي ٻوليءَ جي اهميت ۽ شاهه لطيف جي شاعري" عنوان سان مذاڪرو

سنڌي ٻوليءَ جي هن اداري سان ڊاڪٽر بلوچ جي زماني کان ناتو رهيو آهي: سحر امداد حسيني

مختلف ٻولين ڳالهائيندڙن کي سنڌي سيکارڻ لاءِ محبت، محنت ۽ جذبو هئڻ لازم آهي

شاهه لطيف سنڌي ٻوليءَ جو معجزو آهي، هو هميشه حسناڪ شاعر ۽ فلسفي آهي: شير مهراڻي

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران "سنڌي ٻوليءَ جي اهميت ۽ شاهه لطيف جي شاعري"جي عنوان سان مذاڪرو ڪرايو ويو جنهن ۾ مشهور اسڪالر استاد شاعره پروفيسر ڊاڪٽر سحر امداد حسيني ماهر طور شرڪت ڪئي سنڌي ٻوليءَ جي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو: گرلس پرائمري اسڪول 9 مهينن کان ماسترياڻي کان محروم

ڳوٺ غلام نبي جروار جي اسڪول ۾ ماسترياڻي رٽائر ٿيڻ بعد نئين مقرري نه ٿي سگهي

ڳوٺاڻن ۽ شاگرديائين جو احتجاج، بالا آفيسرن کي درخواستون ڏيڻ باوجود تدارڪ نه ٿيڻ جون شڪايتون

ٽنڊوباگو (ت ر) ڏيئي لڳ تعلقي ٽنڊو باگي جي گرلس پرائمري اسڪول عبدالله خان جروار کي 9 مهينن کان ماسترياڻي نه

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز: پاڪ ايسوسيئيشن آف بلائنڊز جو صدر تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڏڙو ۾ شهيد دودو سومرو آرگنائيزيشن جي مرڪزي عهديدارن جي چونڊ

ايڊووڪيٽ محمد ابراهيم سومرو چيئرمين، غلام حسين سومرو جنرل سيڪريٽري مقرر

نئين قيادت پاران انسانيت جي خدمت، برادري جي اتحاد ۽ تنظيم کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ جو عزم

ڏڙو (ن ع) ڏڙو ۾ شهيد دودو سومرو آرگنائيزيشن جي مرڪزي عهديدارن جي چونڊ، نئين تنظيمي جوڙجڪ جو اعلان ڏڙو ۾ شهيد دودو سومرو آرگنائيزيشن جي مرڪزي عهديدارن جي چونڊ جو عمل اتفاق راءِ سان مڪمل ڪيو ويو سرپرست اعليٰ انجنيئر رحيم بخش سومرو جي نگرانيءَ

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

نئون آباد لڳ آئل فيلڊ ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار ۽ بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف احتجاج

رهواسين عرفان لسڪاڻي ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ او جي ڊي سي ايل ٻوبي آئل فيلڊ جي مين گيٽ اڳيان ڌرڻو هنيو

آئل فيلڊ جي انتظاميا مقامي ماڻهن کي مڪمل طور نظرانداز ڪري غير مقامي ماڻهن کي ترجيح ڏئي رهي آهي: مظاهرين

مقامي ماڻهن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪري علائقي ۾ صحت، تعليم ۽ ٻين بنيادي سهولتن کي يقيني بڻايو وڃي

جام نواز علي(ن ع) نئون آباد پرسان قائم ٻوبي آئل فيلڊ ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار ۽ بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف عرفان لسڪاڻي ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ او جي ڊي سي ايل ٻوبي آئل فيلڊ جي مين گيٽ

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ ايس پي ايس سي متاثر شاگردن جي بک هڙتال عارضي طور ختم

ڊاڪٽر قادر مگسي احتجاجي ڪئمپ تي پهچي شاگردن سان يڪجهتي جو اظهار، بک هڙتال ختم ڪرڻ جي اپيل

سي سي اي 2024 جي نتيجن ۽ امتحاني عمل بابت خدشا برقرار، مطالبا تسليم ٿيڻ تائين احتجاج جاري رکڻ جو اعلان

جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو به ڪئمپ تي پهچي احتجاج ڪندڙن سان ملاقات ڪئي، شاگردن جي جدوجهد سان يڪجهتي

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي متاثر شاگردن بک هڙتال ختم ڪري ڇڏي، ڊاڪٽر قادر مگسي به يڪجهتي طور ڪئمپ تي پهتو، جڏهن ته جونيئر

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

اڏيرولال: گرفتار ڪيل جوابدار اهلڪار جي حراست ۾ بيٺل آهن

محرابپور لڳ صحافي سلمان مگسي جو والد هٿياربندن جي فائرنگ ۾ قتل، علائقي ۾ سوڳ

55 ورهين جو محمد مٺل مگسي ڪورٽ اچي رهيو هيو ته رستي ۾ هٿياربندن فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿيو، علائقي ۾ پراڻي دشمني تان قتل جا چوٻول

محرابپور (ت-ر) محرابپور پرسان نامعلوم هٿياربندن هٿان صحافي جو پيءُ گولين هڻي قتل علائقي ۾ خوف لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ان ڏس ۾ ڪوڙي ڪبير پرسان ڳوٺ مگسي واسي صحافي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: سياف شهيد ڀٽو جا ڪارڪن سانحه ڪلفٽن جي شهيدن جي ياد ۾ ميڻ بتيون ٻاري رهيا آهن

خيرپور لڳ ڳنڀير برادري جو حملو ڪندڙن ٻاٿرن خلاف احتجاج

خيرپور(ڊ ر) شاه حسين ٿاڻي جي حد ڳوٺ وارث ڳنڀير ۾ معمولي ڳالهه تان ڳنڀير ۽ سيلرا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ياپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.